ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 13 اپريل 2026ع 24 شوال المڪرم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (238)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سال (18) سومر 13 اپريل 2026ع 24 شوال المڪرم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (201)

پاڪستان خطي ۽ دنيا ۾ پائيدار امن ۽ خوشحالي لاءِ سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪندو رهندو: اسحاق ڊار

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جامع ۽ تعميري ڳالهين جا ڪيترائي دور ٿيا، 24 ڪلاڪ جاري رهندڙ ڳالهيون مڪمل ٿيون، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان گڏجي ڳالهين جي ڪيترن ئي دورن ۾ سهڪار ڪيو

پاڪستان جي درخواست تي آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ۽ ايران جي پارليامينٽ جو اسپيڪر قادر قاليباف جي قيادت ۾ ٻنهي ملڪن جا وفد پاڪستان آيا ۽ ڳالهين ۾ حصو ورتو

وزيراعظم جي جنگ بندي جي درخواست قبول ڪرڻ ۽ هلڪاري ردعمل ڏيڻ تي آمريڪا ۽ ايران جو ٿورو مڃيون ٿا، اهو ضروري آهي ته ٻئي ملڪ جنگ بندي رکڻ جي عزم تي قائم رهن

ترين طرفان پاڪستان جي هلڪاري ڪردار جي اعتراف تي پڻ ٿورائتا آهيون، اميد آهي ته ٻئي ملڪ خطي ۽ دنيا ۾ پائيدار امن ۽ خوشحالي لاءِ هلڪاري سوچ سان اڳتي وڌندا

پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ رابطن ۽ ڳالهين واري عمل ۾ سهولت ڪاري جو ڪردار ادا ڪندو رهندو، اسان خطي ۾ امن جا خواهشمند آهيون، امن لاءِ هر سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: ميڊيا بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جامع ۽ تعميري ڳالهين جا ڪيترائي دور ٿيا، 24 ڪلاڪ جاري رهندڙ ڳالهيون اڄ صبح مڪمل ٿيون، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان گڏجي ڳالهين جي ڪيترن ئي دورن ۾ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي حملن ۾ 165 ٻارن سميت 2020 ماڻهو شهيد، 6436 زخمي ٿي چڪا آهن: لبنان

بيروت (اي پي پي) لبنان چيو آهي ته جاري اسرائيلي حملن ۾ هن وقت تائين 165 ٻارن سميت 2020 ماڻهو شهيد ۽ 6436 زخمي ٿي چڪا آهن پرڏيهي ميڊيا لبنان جي صحت واري وزارت جي حوالي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

عالمي برادري ۽ پرڏيهي ميڊيا پاران ايران آمريڪا ڳالهين ۾ پاڪستان جي ڪردار جو اعتراف

اعليٰ سطحي ڳالهيون خطي ۾ تڪرارن مان نڪرڻ ۽ پرامن ڳالهين ڏانهن ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش آهي

پاڪستان جي فعال سفارتڪاري هڪ نازڪ موڙ تي ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪئي: عالمي ميڊيا

ڳالهين ۾ پاڪستان جي ڪردار سان نه رڳو اولهه ايشيا پر وسيع تر عالمي نظام تي به گهرا اثر پئجي سگهن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي ميڊيا پاڪستان جي وڌندڙ سفارتي اهميت کي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار امريڪي نائب صدر جي ڊي وينس کي الوداع ڪري رهيو آهي

آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس اسلام آباد دوري ڪانپوءِ واپس آمريڪا روانو

پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کيس الوداع ڪيو

آمريڪي نائب صدر جي دوري دوران وزيراعظم شهباز شريف سان خاص ملاقات پڻ ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) آمريڪي نائب بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ انهن جي اتحادين سان جنگ جاري رکنداسين: نيتن ياهو

ترڪ صدر ڪردن جي قتل عام ۾ ملوث رهيو آهي: نيتن ياهو

اسرائيلي وزيراعظم طرفان ترڪ صدر مٿان ايران کي سهولت فراهم ڪرڻ جو الزام

تل ابيب (م د) اسرائيلي وزيراعظم بنيامين بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ڳالهين بنا معاهدي ختم، واضح خاطري ڪرائي وڃي ته ايران ايٽمي هٿيار نه ٺاهيندو: آمريڪي وفد

ايران سان ڊگهيون ڳالهيون ٿيون پر بري خبر اها آهي ته حتمي معاهدي تي نه پهتاسين، اها آمريڪا کان وڌيڪ ايران لاءِ بري خبر آهي .اسان پنهنجا شرط واضح طور تي پيش ڪيا آهن: ڊي وينس

21 ڪلاڪ جاري رهندڙ ڳالهين ۾ ڪيترن ئي ۽ اهم معاملن تي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي آهي، ريڊ لائن واضح ڪري ڇڏي آهي، اسان جو بنيادي هدف اهو آهي ته ايران ايٽمي هٿيار حاصل نه ڪري

شاندار ميزباني تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جا ٿورائتا آهيون، هنن ڳالهيون ڪامياب ڪرائڻ ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ فاصلا گهٽائڻ لاءِ شاندار ڪوششون ڪيون

اسان ايران کي بهترين آفر ڏئي واپس وڃي رهيا آهيون، اها اسان جي قطعي ۽ بهترين آڇ آهي، هاڻي ڏسون ٿا ته ايران اسان جي آڇ تي ڪهڙو جواب ڏئي ٿو: آمريڪي نائب صدر

ايران آمريڪي شرط تسليم نه ڪرڻ جي چونڊ ڪئي .ڳالهين دوران ايراني وفد جي واتان جوهري هٿيارن بابت ڪو واضح عزم نه ٻڌو، اسان کي واضح تصديق گهرجي ٿي : پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد ۾ پاڪستان جي ميزباني هيٺ ٿيندڙ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون بنا معاهدي ختم ٿي ويون آهن. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ڳالهين جي بهترين ميزباني تي پاڪستان جو ٿورو مڃيندي ۽ ڪنهن قطعي نتيجي تي نه پهچڻ کي آمريڪا ۽ ايران لاءِ خراب خبر قرار ڏيندي چيو آهي ته ايران کي بهترين آڇ ڏئي واپس وڃي رهيا آهيون ته بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: امريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ڳالهين ختم ٿيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ايران جو سڀ ڪجهه ختم ڪري ڇڏينداسين، آبناءِ هرمز جي ناڪابندي ڪئي وڃي: ٽرمپ

آمريڪي بحريا عالمي پاڻين ۾ هر ان جهاز کي روڪي، جنهن ايران کي ٽول ادا ڪيو هجي

آبناءِ هرمز ۾ ايران جي وڇايل بارودي سرنگهن کي به تباهه ڪرڻ شروع ڪنداسين

مڪمل طور تيار ۽ هٿيارن سان ليس آهيون، ايران ۾ جيڪو ڪجهه بچيو آهي اهو ختم ڪري ڇڏينداسين

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته آمريڪي بحريا فوري طور آبناءِ هرمز جي ناڪابندي شروع ڪري بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

تل ابيب ۾ نيتن ياهو خلاف وڏو احتجاج، جنگ روڪڻ جو مطالبو

مسلسل جنگي صورتحال نه رڳو خطي پر اسرائيلي عوام کي به پريشانين ۾ مبتلا ڪيو آهي

انهي لاءِ هاڻ امن جي طرف وڌڻ تمام گهڻو ضروري آهي: مظاهرين

تل ابيب (م د) تل ابيب ۾ اسرائيلي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري پاران نزار آميدي کي عراق جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري نزار آميدي کي عراق بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف انتهائي غير معمولي شخصيتون آهن: ٽرمپ

وينس، وٽڪوف ۽ ڪشنر کي اسلام آباد ملاقات بابت مڪمل طور تي آگاهه ڪيو ويو

ملاقات جي اڳواڻي مهربان ۽ باصلاحيت فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف ڪئي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڪستان جي قيادت، خاص طور تي فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

گڏريل ٻن جنگين جي تجربن سان اسان کي مخالف ڌر تي ڪو اعتماد ناهي: ايراني ٽيم جو سربراهه

آمريڪا ايران جي منطق ۽ اصولن کي سمجهي ورتو آهي، فيصلو ڪن ته اسان جو اعتماد حاصل ڪري سگهن ٿا يا نه

ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي عمل کي آسان بڻائڻ تي پاڪستان جي ڪوششن کي ساراهيون ٿا

اسان ايراني قوم جي حقن جي پاسداري لاءِ فوجي جدوجهد سان گڏ ڊپلوميسي کي ٻيو طريقو سمجهون ٿا

تهران (م د) ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر ۽ آمريڪا سان ڳالهين ڪندڙ ٽيم جي سربراهه محمد باقر قاليباف چيو آهي ته آمريڪا ايران جي منطق ۽ اصولن کي سمجهي ورتو آهي آمريڪا سان ڳالهين بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ معاهدو نه ٿيڻ تي برطانيا ۽ آسٽريليا مايوسي

ڳالهين ۾ معاهدي جي ڪوٽ جو مطلب اهو ناهي ته ڪوششون بند ڪيون وڃن: برطانيه

اسان بحران جو جلد حل ڏسڻ چاهيون ٿا: آسٽريلوي پرڏيهي وزير

ڪراچي (م د) برطانيه ۽ آسٽريليا ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ اسلام آباد ڳالهين ۾ ڪنهن معاهدي جي ڪوٽ کي مايوس ڪندڙ قرار ڏنو آهي برطانوي صحت واري وزير برطانوي ٽي وي سان هڪ انٽرويو ۾ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ويٽنام پنهنجي پهرين هاءِ اسپيڊ ريلوي لائن جي باقاعده تعمير شروع ڪري ڇڏي

هنوئي (اي پي پي) ويٽنام گڏريل ڏينهن پنهنجي پهرين هاءِ اسپيڊ ريلوي لائن جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ انساني خلائي اڏام جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ انساني خلائي اڏام جو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سي ڊي ايف فيلڊ مارشل عاصم منير ايراني وفد کي الوداع چئي رهيو آهي

معاملن تي اتفاق تائين پهچي ويا هئا ڪجهه اهم مسئلن سبب معاهدو نه ٿيو: ايراني پرڏيهي وزارت

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين جو هي دور گذريل هڪ سال دوران سڀ کان ڊگهو رهيو

سفارتڪاري ڪڏهن ختم ناهي ٿيندي، اها قومي مفادن جي تحفظ جو هڪ ذريعو آهي

ايران خطي ۾ دوست ملڪن سان رابطي ۾ رهندو ۽ پاڪستاني حڪومت ۽ عوام جا ٿورائتا آهيون: اسماعيل بقائي

تهران (م د) ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران ڪجهه معاملن تي اتفاق تائين پهچي ويا هئا پر ٻن ڪن اهم مسئلن سبب معاهدو نه ٿي سگهيو ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين جو هي دور گذريل هڪ سال بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ڳالهيون، ڪانگريس پارٽي حڪومت جي سفارتڪاري تي سوال اٿاري ڇڏيو

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت ۾ مخالف ڌر جي پارٽي ڪانگريس اسلام آباد ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين تي ملڪ جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ترڪ صدر پاران اسرائيلي وزيراعظم موجوده دور جو هٽلر قرار، حملي جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيون ته اسرائيل کي ان جي حيثيت ڏيکاري ڇڏينداسين

ترڪي جيئن ليبيا ۽ ڪاراباخ ۾ داخل ٿيو هو، ائين ئي اسرائيل ۾ به داخل ٿي سگهي ٿو

نيتن ياهو نفرت ۾ انڌو ٿي چڪو آهي، هن جنگبندي ۾ به سوين بي ڏوهه لبناني قتل ڪري ڇڏيا

انقرا (م د) ترڪ صدر رجب طيب اردگان اسرائيلي وزيراعظم کي موجوده دور جو هٽلر قرار ڏيندي اسرائيل تي حملي جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي .پرڏيهي ميڊيا موجب ترڪ صدر چيو ته امريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايراني وفد ڳالهيون مڪمل ڪرڻ بعد واپس روانو ٿي رهيو آهي

پاڪستان جي خدمتن واري شعبي جي روانگي واپار ۾ 18.31 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) خدمتن جي شعبي جي روانگي واپار ۾ جاري مالي سال بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

والاريل ڪشمير ۾ زلزلي جا لوڏا، ماڻهن ۾ خوف هراس ڇانئجي ويو

جمون (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي ضلعي ڊوڊه ۾ گذريل ڏينهن صبح زلزلي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

روسي صدر جو ايراني هم منصب سان ٽيليفون تي رابطو، اسلام آباد ڳالهين تي غور

روسي صدر ولاديمير پيوٽن ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان ٽيليفون رابطو ڪيو

روس وچ اوڀر جي تڪرار ۾ مصالحت جي سهولت جاري رکڻ لاءِ تيار آهي: پيوٽن

تهران (م د) روسي صدر ولاديمير پيوٽن ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ماسڪو کان روسي نيوز ايجنسي موجب ٻنهي صدرن اسلام آباد ۾ ايران-آمريڪا ڳالهين تي بحث بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڪنوينشن سينٽر ۾ موجود ملڪي ۽ پرڏيهي ميڊيا جا ماڻهو امريڪي نائب صدر جون ميڊيا سان ڳالهيون وڊيو لنڪ رستي ڏسي رهيا آهن

پاڪستان جي سهولتڪاري هيٺ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين ٻيهر شروع ٿيڻ جو امڪان

ايندڙ ڳالهيون اسلام آباد ۾ يا يورپ ۾ ڪنهن متبادل هنڌ تي ٿي سگهن ٿيون: ذريعا

فيلڊ مارشل عاصم منير جي اڳواڻي ۾ ايراني وفد روانگي کان اڳ پاڪستان جي اعليٰ قيادت سان پڻ ملاقات ڪئي

ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڳالهين جي ايندڙ مرحلي لاءِ ڪوشش جي رفتار وڌي رهي آهي: ذريعن جي دعويٰ

اسلام آباد (م د) آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون پاڪستان جي سهولتڪاري هيٺ ٻيهر شروع ٿيڻ جو امڪان آهي هڪ صحافتي ذريعن مطابق سفارتي ڪوششون تيز ٿي ويون آهن ۽ فيلڊ مارشل عاصم بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ايران سان جنگ ۾ اسرائيل کي 11.5 ارب ڊالر کان وڌيڪ جو نقصان ٿيڻ جو انڪشاف

جنگ حڪومت کي لڳ ڀڳ 11.1 ارب ڊالر جو نقصان پهچايو آهي: اسرائيلي ناڻي وزارت

ايران سان جنگ ۾ حڪومت کي هاڻي تائين 11.52 ارب ڊالر جو نقصان ٿيو آهي

هي هڪ ابتدائي تخمينو آهي ۽ اڳ ۾ ئي 2026 جي بجيٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي: ترڪ ميڊيا

تل ابيب (م د) تازي ايران جنگ ۾ اسرائيل کي 11.5 ارب ڊالر کان وڌيڪ جو نقصان ٿيو آهي اسرائيلي وزارت خزاني جي مطابق جنگ حڪومت کي لڳ ڀڳ 11.1 ارب ڊالر جو نقصان پهچايو آهي برطانوي نيوز ايجنسي جي رپورٽ موجب اسرائيلي وزارت خزاني چيو آهي ته ايران سان جنگ ۾ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ڳالهين علائقائي امن ۽ استحڪام طرف اهم اڳڀرائي آهي: حنيف عباسي

سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي ميزباني، سهولت ڪاري، هلڪاري ۽ غير جانبدار واري ڪردار جي تعريف ٿئي پئي

سفارتي ٽريڪ ۾ اي سي ڪوجن ٽئين سيڪٽر ۽ ٽيمليز لاءِ بهتر ماحول متعارف ڪرايو ويو آهي

راولپنڊي (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته سفارتي ٽريڪ ۾ اي سي ڪوجن ٽئين سيڪٽر بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا جي گورنر پاران وفاقي وزير سيد عمران احمد شاهه جي والده جي وفات تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت وفاقي وزير بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي تي اسان جو ڳاٽ اوچو ٿيو آهي: اوورسيز پاڪستاني

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڪامياب سفارتڪاري دنيا جي تاريخ جو اهم باب ثابت ٿي آهي

دنيا ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي بصيرت ۽ جرئت جي واڪا ٿئي پئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي تي پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جو ڳاٽ فخر سبب اوچو ٿيو آهي. پاڪستان جي قيادت عالمي سطح تي ملڪ جي هلڪاري تصور کي نئين بلندين تائين پهچايو آهي اوورسيز پاڪستانين جو چوڻ آهي ته پاڪستان امن بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اينٽي نارڪوٽڪس فورس جون ڪارروائيون، 25 لکن جي منشيات هٿ، 2 جوابدار گرفتار

اي اين ايف ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪريڪ ڀاڙون ڪندي وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي

گرفتار جوابدارن خلاف منشيات رڪنام ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪريڪ ڀاڙون ڪندي 25 بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاسداران انقلاب بحريه جون 60 سيڪڙو تيز رفتار ٻيڙيون اڃا به محفوظ آهن جيڪو خطرو بڻجي سگهن ٿيون: آمريڪي اخبار

آمريڪا ايراني بحريه کي وڏي پيماني تي تباهه ڪيو آهي، پر آبنائي هرمز ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ قوت اڃا برقرار آهي

ايران جي روايتي بحريه ۾ وڏا جنگي جهاز شامل هئا جيڪي گهڻو ڪري علامتي حيثيت ۽ ڊگهو فاصلو طئي ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا

ايران وٽ تيز ٻيڙين ۽ ننڍين جهازن جو هڪ الڳ بيڙو آهي جيڪو ميزائل حملا ڪرڻ، بارودي سرنگون رکڻ جي صلاحيت رکي ٿو

واشنگٽن (م د) آمريڪي اخبار موجب آمريڪا ايراني بحريه کي وڏي پيماني تي تباهه ڪري ڇڏيو آهي پر آبنائي هرمز کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ قوت اڃا تائين برقرار آهي آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل رپورٽ ڪئي ته ايران جي روايتي بحريه ۾ وڏا جنگي جهاز شامل هئا جيڪي گهڻو ڪري علامتي حيثيت ۽ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات الرٽ جاري، عوام کي چوڪس رهڻ جي هدايت

گلگت بلتستان، خيبرپختونخوا، آزاد جمون ڪشمير ۽ پنجاب ۾ اڄ کان 17 اپريل تائين الرٽ جاري ڪيو ويو

اسلام آباد سميت پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جي مختلف شهرن ۾ پڻ برسات جي اڳڪٿي

اسلام آباد (اي پي پي) نيشنل ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) گلگت بلتستان خيبرپختونخوا آزاد جمون ڪشمير بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪلاسيڪي موسيقي ليجنڊري گلوڪارا آشا ڀوسلي جو ديهانت ٿي ويو

طبعيت ناساز ٿيڻ تي کيس ممبئي جي بريچ ڪينڊي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو

ڳائڻي سفر جي شروعات 1943 ۾ 10 ورهين جي عمر ۾ ڪئي ۽ 12 هزار کان وڌيڪ گانا رڪارڊ ڪيا

ممبئي (م د) ڀارت جي ليجنڊري گلوڪارا آشا ڀوسلي 92 ورهين جي ڄمار ۾ ديهانت ڪري وئي. ڀارتي ميڊيا موجب آشا ڀوسلي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: روڊ ڪناري پورهيت ڪيلا وڪرو ڪري رهيا آهن

سعودي ۾ اقامه، ليبر ۽ سرحدي قانونن جي ڀڃڪڙي تي 15 هزار 458 پرڏيهي گرفتار

غير قانوني طور ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي 1600 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو

سفر رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 30 ماڻهو پڻ سوگها ڪيا ويا

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ هڪ هفتي دوران اقامه ليبر ۽ سرحدي قانونن جون وڌيڪ 15 هزار 458 ڀڃڪڙيون ڪندڙ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي وڏي وزير هزار گنجي ۾ فائرنگ جي واقعي جو نوٽيس ورتو، گهرو کاتي ۽ آءِ جي کان رپورٽ طلب

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي ڪوئيٽا جي علائقي هزار گنجي ۾ فائرنگ جي واقعي جو نوٽيس وٺندي گهرو کاتي ۽ آءِ جي پوليس کان بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي بنگلاديش جي هاءِ ڪمشنر اقبال حسين سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، فتنه الخوارج جو دهشتگرد گرفتار

سائٽ ايريا مان انتهائي گهربل دهشتگرد نور عالم عرف وفادار خان کي سوگهو ڪيو ويو

گرفتار دهشتگرد جي قبضي مان اسلحو، ايمونيشن ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) هيڊڪوارٽرز پاڪستان رينجرز (سنڌ) پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب، پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ سي ٽي ڊي پوليس خفيه ڄاڻ جي بنياد تي گڏيل ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڀارتي رياست بهار ۾ بم ڌماڪو اسپيشل ٽاسڪ فورس جا 5 اهلڪار زخمي

پٽنا (اي پي پي) ڀارتي رياست بهار جي بيگوسرائي ضلعي ۾ تلاشي جي هڪ ڪارروائي دوران هڪ بم ڌماڪي ۾ اسپيشل ٽاسڪ فورس (ايس ٽي ايف) جي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ليارڙي ۾ منصورين جي نالي تي عوام، ڏلها اعلان ۽ دلاسا ملن پيا: جماعت اسلامي

عملي طور تي ڪا به تبديلي نظر نٿي اچي، ناصر شاهه رڳو هڪ منصوبي جو افتتاح ڪيو آهي

چوڻ کان اڳ ترقياتي پيڪيجز جو اعلان ڪيو ويندو آهي ۽ چونڊن کان پوءِ اهي وسري وڃن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جي اڳواڻ منعم ظفر خان چيو آهي ته ليارڙي ۾ ترقياتي منصوبن جي نالي تي عوام کي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ غير رجسٽرڊ ٽريول ايجنٽ خلاف ڇاپا مار ڪارروائي، مفرور جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (FIA) جي ترجمان موجب ڊائريڪٽر ڪراچي زون جي هدايتن تي غير رجسٽرڊ ٽريول ايجنٽ خلاف ڇاپا مار ڪارروائي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: وفاقي وزير خواجه آصف پنهنجي رهائش گاهه تي ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

پاڪستان ثابت ڪيو ته هو دنيا جي معاملن کي حل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو: مولانا فضل الرحمان

پاڪستان تازو جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي اهو اسان سالن کان مطالبو ڪري رهيا هئاسين

اڄ اسان جي جدوجهد ثمردار ٿي آهي، اسان پاڪستان کي هن حيثيت ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا

اسرائيل عرب سرزمين تي هڪ دهشتگرد رياست آهي جيڪا مظلوم فلسطينين تي ظلم ڪري رهي آهي

مردان (م د) جي يو آءِ (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته پاڪستان ثابت بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

صنعت ۽ واپار جي واڌاري لاءِ وفاقي سطح تي سهڪار وڌائڻ انتهائي ضروري آهي: گورنر

فيصل آباد ملڪ جو اهم صنعتي مرڪز آهي، واپاري برادري قومي معيشت ۾ اهم حيثيت رکي ٿي

سڄي دنيا ۾ پاڪستاني ٽيڪسٽائل جون شيون ملڪ جي سڃاڻپ بڻجي چڪيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته صنعت ۽ واپار جي واڌاري لاءِ وفاقي سطح تي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ منشيات اسمگلنگ الزام ۾ 7 ماڻهن کي موت جي سزا

اسلام آباد (م د) سعودي عرب جي رياستي ميڊيا اڄ تي رپورٽ ڪئي ته هڪ ئي ڏينهن ۾ سعودي عرب ۾ منشيات جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلا 7 زخمي جوابدار گرفتار

شريف آباد ۾ مقابلي دوران ڦورو دانيال حسين عرف ڊيني زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڪيماڙي ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ غلام مصطفيٰ عرف مستو ۽ مير مرتضيٰ سوگها، هٿيار هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز وچ ۾ ٿيل مبينا مقابلن دوران 7 جوابدارن کي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ميئر ڪاشف شورو ترقياتي اسڪيمن جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

شهيد شان ڏهر جي وارثن لاءِ انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي: صحافي اڳواڻ

رياست هڪ صحافي جي قتل ۾ انصاف فراهم نٿي ڪري ته اهو سماج لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي

متاثر خاندان ۽ صحافي برادري سان ٿيندڙ سنگين مذاق کي فوري طور بند ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيئر صحافي شهيد شان ڏهر جي وارثن، سيف جرنلزم ۽ ٻين تنظيمن چيو آهي ته جيڪڏهن رياست بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اداره نورالحق کي چندي تي هلائيندڙ بلاول هائوس خلاف پروپيگنڊا ڪن پيا: سعديه جاويد

ڪراچي ۾ ڪم نه ٿيڻ جي پروپيگنڊا ڪندڙ اڄ پاڻ منصوبن جو حساب ڏيڻ تي مجبور آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جماعت اسلامي جي اڳواڻ منعم ظفر جي پريس ڪانفرنس تي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪنڊيارو: صدر آصف زرداري غلام قادر مري جي لاڏاڻي تي سندس وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

شهيد سورهيه بادشاهه جون پاڪستان لاءِ قيام لاءِ ڏنل قربانين کي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي: سجاڳ ڌريون

پير صبغت الله شاهه ثاني کي عوام ۽ ڌرتيءَ جي آزاديءَ جي جدوجهد سبب ڦاهيءَ تي چاڙهي شهيد ڪيو ويو

هن انگريز سامراج جي ظلم ۽ بربريت اڳيان ڪڏهن به سر نه جهڪايو ۽ وڏي جرئت ۽ همت سان شهادت قبول ڪئي

شهيد کي سرڪاري سطح تي قومي هيرو جو درجو ڏئي سندن يوم شهادت سرڪاري طور تي ملهائي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سياستدانن، اديبن ۽ دانشورن مطالبو ڪيو آهي ته شهيد سورهيه بادشاهه جون پاڪستان جي قيام لاءِ ڏنل لازوال قربانين کي قومي نصاب ۾ شامل ڪري سندس ورسي جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

تورائتا تورائتا تورائتا

اسين پنهنجي محسن صدر مملڪت آصف علي زرداري صاحب جا تهه دل سان ٿورائتا آهيون جو صدر صاحب پنهنجي بي انتها مصروفيتن مان پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي اسان جي اڳڻ ڳوٺ دريا خان مري اچي اسان سان ڏک ونڊيو ۽ پارٽيءَ جي سينئر ترين وفادار اڳواڻ مري قوم جي سرواڻ صدر پاڪستان جي بااعتماد دوست رئيس غلام قادر مري جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪري مري خاندان کي پنهنجي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو. اسين صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ ان سان گڏ آيل معززين جا پڻ ٿورائتا آهيون

پاران
رئيس اسماعيل خان مري، رئيس ڪانيو خان مري،
رئيس دريا خان مري، رمضان خان مري، شهداد خان مري

[redacted]

سان ٻڌايو ته 28 فيبروري کانپوءِ شروع ٿيل جنگ ۾ هن وقت تائين اسرائيلي حملن ۾ 165 ٻارن سميت مجموعي طور تي 2020 ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن. صحت واري وزارت ٻڌايو ته شهيد ٿيل ماڻهن ۾ 248 عورتون به شامل آهن جڏهن ته زخمي شهرين جو انگ 6436 آهي.

[redacted]

آهيون. ڏسون ٿا ته ايران کهڙو جواب ڏئي ٿو 21 ڪلاڪ ايراني وفد سان ڪيترن ئي ۽ اهم معاملن تي خيالن جي تنصيلي ڏي وٺ ڪئي آهي، اسان پنهنجي ريڊ لائن واضح ڪري ڇڏي آهي، اسان جو بنيادي هدف اهو آهي ته ايران ايٽمي هٿيار حاصل نه ڪري، شاندار ميزباني تي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جا ٿورائتا آهيون. هنن ڳالهيون ڪامياب ڪرائڻ ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ فاصلا گهٽائڻ لاءِ شاندار ڪوششون ڪيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين بابت ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. جي ڊي وينس چيو ته 21 ڪلاڪن دوران ايراني وفد سان ڪيترن ئي اهم معاملن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ٿي آهي، اها سٺي خبر آهي ۽ خراب خبر اها آهي ته اسان ڪنهن سمجهوتي تي ناهيون پهتا ۽ منهنجي خيال ۾ اهو آمريڪا کان به وڌيڪ ايران لاءِ خراب خبر آهي. هن چيو ته اسان ڪنهن بنيادي معاهدي ڪانسواءِ آمريڪا واپس وڃي رهيا آهيون، اسان پنهنجون شرطون واضح طور پيش ڪيون آهن. ڳالهين ۾ نيڪ نيتي سان شرڪت ڪئي، اسان پنهنجي ريڊ لائن واضح ڪري ڇڏي آهي ته ڪهڙين شين تي گنجائش ڏئي سگهون ٿا ۽ ڪهڙين شين تي نه. پر ايران اسان جي شرطن کي تسليم نه ڪرڻ جي چونڊ ڪئي، ايراني اختيارين کي چيو آهي ته هو اسان جي تجويزن کي تسليم ڪن هن چيو ته واضح خاطري جي ضرورت آهي ته ايران ايٽمي هٿيار نه ناهيندو اسان جو بنيادي هدف اهو آهي ته مستقبل ۾ ايران ايٽمي هٿيار حاصل نه ڪري، اسان ايران کي بهترين آڇ ڏئي وڃي رهيا آهيون، اها اسان جي قطعي ۽ بهترين آڇ آهي، هاڻي ڏسون ٿا ته ايران اسان جي آڇ تي کهڙو جواب ڏئي ٿو. هن چيو ته شاندار ميزباني تي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جا ٿورائتا آهيون. هنن ڳالهين کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ شاندار ڪوششون ڪيون، ميزبان پاڪستان طرفان ڳالهين دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ فاصلا گهٽائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون.

[redacted]

۽ ايران کي ٽول ادا ڪندڙ جهازن کي به روڪيو ويندو. ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون بنا معاهدي ختم ٿي ويون، توڙي جو گهڻن نقطن تي اتفاق ٿي ويو هو پر ايران جي جوهري پروگرام تي اختلاف برقرار رهيو هن چيو ته آمريڪي بحريا جيڪا دنيا جي بهترين بحريا آهي، فوري طور تي آبناءِ هرمز جي ناڪابندي ۽ اتان داخل ٿيندڙ يا نڪرندڙ سڀني جهازن جي ناڪابندي جو عمل شروع ڪري ڇڏي. سندس چوڻ هو ته آمريڪي بحريا عالمي پاڻين ۾ هر ان جهاز کي روڪي، جنهن ايران کي ٽول ادا ڪيو هجي، جيڪو به غير قانوني ٽول ادا ڪندو ان کي کليل سمنڊ ۾ محفوظ رستو نه ملندو. ٽرمپ چيو ته ناڪابندي کانپوءِ ڪنهن به وقت اسان آبناءِ هرمز مان سڀني جهازن کي اچ وڃ جي اجازت ڏيڻ جي بنياد تي پهچي ويندا سين. هن چيو ته ايران اٿين نه ٿيڻ ڏنو ۽ چيو ته اتي بارودي سرنگهون آهن، جنهن بابت ايران ڪانسواءِ ڪنهن کي علم ناهي، اها عالمي ڀتي خوري آهي ۽ ٻيا ملڪ، خاص طور آمريڪا ڪڏهن پنهنجو نه ڏيندو آمريڪي صدر چيو ته آبناءِ هرمز ۾ ايران جي وڇايل سرنگهن کي به تباهه ڪرڻ شروع ڪنداسين. اسان تي يا جهازن تي حملو ڪندڙ ايرانين کي ماري ڇڏينداسين. هن چيو ته ايران جي بحريا ۽ فضائيا ختم ٿي چڪي آهي، جهاز روڪيندڙ نظام ۽ ريڊار ناڪارا ٿي ويا، خامنه اي سميت ٻيا اڳواڻ دنيا ۾ ناهن رهيا، اهو سڀ ڪجهه ايران جي جوهري خواهش سبب ٿيو. ٽرمپ چيو ته ٻيا ملڪ به ان ناڪابندي ۾ شامل هوندا، اسان مڪمل طور تيار ۽ هٿيارن سان ليس آهيون، مناسب وقت تي اسان جي فوج ايران ۾ جيڪو ڪجهه بچيو آهي، اهو ختم ڪري ڇڏيندي.

[redacted]

جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪ ڏيندي سندس لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب صدر مملڪت آصف علي زرداري عراق جي نئين چونڊيل صدر تي اعتماد جو اظهار ڪندي چيو ته نزار آميدي جي اڳواڻي ۾ عراق استحڪام، ترقي ۽ قومي هم آهنگي لاءِ ڪوششون جاري رکندو. صدر آصف علي زرداري عراق سان پائيدار وارن لڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ سهڪار لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪندي عراقي عوام جي خوشحالي ۽ بهتري لاءِ پڻ پنهنجي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

[redacted]

وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو جي حڪومت خلاف وڏي پيماني تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي. مظاهرين حڪومت جي پاليسين تي سخت تنقيد ڪندي فوري طور تي سموريون جنگي ڪاروائيون بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج جي دوران شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي رکيا هئا جنهن تي”جنگ روڪيو“ ۽”نسل ڪشي بند ڪريو“ جهڙا نعرا لکيل هئا. مظاهرين جو چوڻ هو ته مسلسل جنگي صورتحال نه صرف خطي پر خود اسرائيل جي عوام کي به پريشانين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي انهي لاءِ هاڻ امن جي طرف وڌڻ تمام گهڻو ضروري آهي. ٻئي طرف اڳوڻي اسرائيلي نائب چيف آف اسٽاف يائير گولان به حڪومت کي سخت تنقيد جو نشانو بنايو هن چيو ته وزيراعظم نيتن ياهو هن وقت سخت دٻاءَ ۾ آهي هو پاڻ به چاهي ٿو ته جنگ جا مقصد حاصل نه ٿي سگهيا آهن. هن چيو ته حقيقي فاتح کي هر پيري پنهنجي ڪاميابي جو اعلان ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي آهي. يائير گولان وڌيڪ چيو ته موجوده حڪومت پنهنجي پاليسين ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، هاڻ وقت اچي ويو آهي ته نيتن ياهو ۽ انهي جي حڪومت کي اقتدار کان ڌار ڪيو وڃي. سياسي تجزيه ڪارن موجب اهو احتجاج اسرائيل جي اندر وڌندڙ عوامي بيچيني جي عڪاسي ڪري ٿو ايندڙ ڏينهن ۾ حڪومت جي لاءِ وڌيڪ پريشانيون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

[redacted]

جي خاتمي کانپوءِ سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ محمد باقر قاليباف چيو ته ڳالهين جي عمل کي آسان بڻائڻ تي پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيون ٿا، ڳالهين کان اڳ مان ان ڳالهه تي زور ڏنو هو ته اسان وٽ نيڪ نيتي ۽ ارادو آهي، گذريل ٻن جنگين جي تجربن سان اسان کي مخالف ڌر تي ڪو اعتماد ناهي.

هن چيو ته ڳالهين ۾ مخالف ڌر ايراني وفد جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي، آمريڪا ايران جي منطق ۽ اصولن کي سمجهي ورتو آهي، هاڻ وقت اچي ويو آهي ته آهي فيصلو ڪن ته اسان جو اعتماد حاصل ڪري سگهن ٿا يا نه. سندس چوڻ هو ته ايراني قوم جي حقن جي پاسداري لاءِ فوجي جدوجهد سان گڏ ڊپلوميسي کي ٻيو طريقو سمجهون ٿا، ايران 90 ملين ماڻهن جو ملڪ آهي، سپريم ليڊر جي حڪم تي روڏن تي نڪرندڙ بهادر ايرانين جو ٿورائتو آهيان.

[redacted]

باقاعده تعمير شروع ڪري ڇڏي آهي جيڪا اٽڪل 120 ڪلوميٽر ڊگهي هوندي ۽ گادي واري شهر هنوئي کي باک ننه صوبي، هاءِ فونگ شهر ۽ ڪوانگ ننه صوبي سان ڳنڍيندي. پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ريلوي لائن ڊبل ٽريڪ، معياري گيج ۽ برقي نظام تي ٻڌل هوندي جنهن جي وڌ کان وڌ رفتار 350 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رکي وئي آهي صوبي جي مجموعي خرچ 1473 ڪرب ويتنامي ڊونگ (اٽڪل 5.87 ارب آمريڪي ڊالر) ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته اهو منصوبو 2028ع تائين مڪمل ٿيڻ متوقع آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ان منصوبي سان هنوئي ۽ ڪوانگ ننه وچ سفر جو وقت موجوده 2 کان اڍائي ڪلاڪن کان گهٽجي رڳو 25 کان 30 منٽ رهجي ويندو جنهن سان علائقائي رابطن ۾ بهتري ۽ معاشي ترقي کي هٿي ملندي.

[redacted]

عالمي ڏينهن ڪالهه ملهايو ويو. ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد سائنس جي ترقي، انساني تجسس ۽ تحقيق ۽ ڪائنات کي سمجهڻ وارين ڪوششن جو اعتراف آهي. گڏيل قومن جي انتظام هيٺ انساني خلائي اڏام جو ڏينهن يوري گاگرين جي پهرين خلائي سفر جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي، جيڪو هن 12 اپريل 1961ع تي ڪيو هو ۽ روس جي خلاباز ووسٽوڪ ون ذريعي پهريون ڀيرو خلا ۾ اڏام ڪئي ۽ هڪ ڪلاڪ 48 منٽن ۾ زمين جو چڪر مڪمل ڪيو. واضح رهي ته گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي، روس جي خلاباز جي تاريخي ڪارنامي جي اعتراف ۾ اپريل 2011ع ۾ فيصلو ڪيو ته هر سال 12 اپريل تي انساني خلائي اڏام جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو. عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ملڪ جي مختلف شهرن ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون، جڏهن ته برنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي خاص مواد شايع ۽ پروگرام نشر ڪيا ويا.

[redacted]

منير جي اڳواڻي ۾ ايراني وفد آچر تي اسلام آباد کان روانگي کان اڳ پاڪستان جي اعليٰ قيادت سان تفصيلي ڳالهيون ڪيون. سفارتي ذريعن جو چوڻ آهي ته ڳالهين جي تازي دور کان پوءِ، جيڪو بغير ڪنهن معاهدي جي ختم ٿيو پر مسلسل سفارتي ڪوششن تحت ڳالهين جو دروازو کوليو ويو آهي. ڳالهين جي ايندڙ مرحلي لاءِ ڪوششن جي رفتار وڌي رهي آهي، جنهن تحت آمريڪا-ايران ڳالهين ايندڙ ڏينهن ۾ پاڪستان جي سهولتڪاري هيٺ ٻيهر شروع ٿيڻ جو امڪان آهي. ايندڙ ڳالهيون اسلام آباد ۾ يا يورپ ۾ ڪنهن متبادل هنڌ تي ٿي سگهن ٿيون.

[redacted]

سيد عمران احمد شاهه جي والده جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. گذريل ڏينهن گورنر آفيس مان جاري تعزيتي پيغام ۾ فيصل ڪريم ڪنڊي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت ۾ جاءِ ڏي. هن پوئين لاءِ صبر جي دعا به ڪئي.

[redacted]

جو فاتح بڻجي اڀريو آهي ۽ عالمي سطح تي اسان جو ڳاٽ فخر سان اوچو ٿيو آهي. پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي ڪامياب سفارتڪاري دنيا جي تاريخ جو اهم باب ثابت ٿي آهي. پاڪستان جي اها ڪاميابي قومي غيرت ۽ وقار جي عڪاسي ڪري ٿي پاڪستان جي سجاڳ امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺائڻ سان جڙيل آهي. هنن وڌيڪ چيو آهي ته اها سفارتي ڪاميابي پاڪستان جي هاڪاري عالمي تصور ۽ ذميواري واري ڪردار ۽ امن پسند پاليسي جو ثبوت آهي، جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي بصيرت ۽ جرئت جي عالمي سطح تي واکاڻ ٿي رهي آهي.

[redacted]

ڊگهي فاصلي جي [illegible] لاءِ استعمال ٿيندا هئا. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته انقلابي گارڊز وٽ تيز ٻيڙين ۽ ننڍن جهازن جو هڪ الڳ بيڙو آهي جيڪي ميزائل حملا ڪرڻ، بارودي سرنگون رکڻ ۽ تجارتي جهازن کي پريشان ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. وال اسٽريٽ جرنل، هڪ آمريڪي ٿنڪ ٽينڪ جو حوالو ڏيندي چيو آهي ته انقلابي گارڊز جي 60 سيڪڙو کان وڌيڪ تيز رفتار ٻيڙيون اڃا تائين محفوظ آهن ۽ خطرو بڻيل آهن. آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي مطابق، 6 اپريل تائين، آمريڪا 155 کان وڌيڪ ايراني جهازن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته سيٽلائيٽ تصويرون ۽ وڊيوز ڏيکارين ٿا ته ايراني بحريه کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي، خاص طور تي ان جي جديد جهازن کي. رپورٽ موجب، سڀ کان وڌيڪ نقصان ايران جي روايتي بحريه کي ٿيو جنهن ۾ وڏا جنگي جهاز شامل هئا. اخبار چيو ته هڪ وڏي ڪارروائي ۾، هڪ آمريڪي آبدوز هندي سمنڊ ۾ ايراني جنگي جهاز IRIS Dina کي نشانو بڻايو جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 87 ماڻهو مارجي ويا. بارودي سرنگون لڳائڻ وارن جهازن ۽ فريگيٽس کي به نشانو بڻايو ويو. جڏهن ته انقلابي گارڊز جي جديد جنگي جهاز شاهد سيد شيرازي ۽ ڊرون ڪيريئر شاهد باغري کي به نشانو بڻايو ويو دفاعي تجزيه نگار جينز جي مطابق، ايران پنهنجن سٽن مان ڇهه فريگيٽس وڃائي چڪو آهي، ٻئي ڪارويٽ ۽ ان جي ٽن آبدوزن مان هڪ. جڏهن ته، رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته انقلابي گارڊز وٽ اڃا تائين وڏي تعداد ۾ ننڍيون، تيز ٻيڙيون آهن جيڪي محدود ساموندي رستن جهڙوڪ فارس نار ۽ آبناءِ هرمز ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪن ٿيون. ماهرن جي مطابق، اهي ننڍيون ٻيڙيون وڏي تعداد ۾ آهن ۽ سيٽلائيٽ مان آساني سان نظر نه ٿيون اچن. ان کان علاوه، ايران ساحلي علائقن ۾ زير زمين بيس قائم ڪيا آهن جتي سوين حملي آور ٻيڙيون رکيل آهن.

[redacted]

واقعي جي رپورٽ طلب ڪئي آهي. مير سرفراز بگٽي دهشتگرد عنصرن خلاف سخت ڪاروائي جو حڪم ڏيندي واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. گذريل ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ وڏي وزير متاثر ڪٽنبن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته بزدلاڻي ڪاروائي برداشت ڪرڻ جوڳي نه آهي ۽ ان ۾ ملوث عنصرن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته امن جي دشمنن کي معصوم جانين سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، وڏي وزير زخمين کي فوري طور تي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جون پڻ هدايتون ڪيون آهن.

[redacted]

ڪيو آهي ته ان ۾ دنيا جا مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت آهي، اڄ دنيا جا ملڪ اسان جي زمين تي وڻنا آهن ۽ دنيا لاءِ امن چاهين ٿا. مردان ۾ آئين ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته پاڪستان تازو جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي اهو اسان سالن کان مطالبو ڪري رهيا هئاسين، اڄ اسان جي جدوجهد ثمردار ٿي آهي، اسان پاڪستان کي هن حيثيت ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسرائيل عرب سرزمين تي هڪ دهشتگرد ۽ ناجائز رياست آهي جيڪا ڪيترن سالن کان مظلوم فلسطينين تي ظلم ڪري رهي آهي، اسان اسرائيل کي تسليم ڪرڻ جي بلڪل به حق ۾ نه آهيون، اسان اڳ ۾ ئي چيو هو ته اسرائيل جو ايران تائين پهچڻ پاڪستان جي دروازي تي دستڪ آهي، پاڪستان جا ماڻهو ۽ مسلم امت مودي ۽ يهودين جي اتحاد کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا. هن چيو ته نواز شريف ۽ زرداري پنهنجو سر جهڪائي سگهن ٿا، جي يو آءِ پنهنجو سر نه جهڪائي سگهي ٿي، حڪومت ۾ ڌانڌلي ٿي آهي، مان اهڙي حڪومت کي قبول نه ڪندس ۽ نه ئي ان جي پيروي ڪندس، جيئن جعلي نوٽ قبول نه ڪيا ويندا آهن، اهڙي طرح جعلي حڪومت ڪم نه ڪندي آهي، مارڪيٽ ۾ ڪا به قيمت ناهي، بيڪار ماڻهو اسان تي مسلط ڪيا ويا آهن.

[redacted]

هڪ صحافي جي قتل جهڙي واضح ڪيس ۾ انصاف فراهم نه ٿي ڪري سگهي ته اهو صرف هڪ خاندان لاءِ نه پر سڄي سماج لاءِ انتهائي خطرناڪ پيغام آهي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شهيد شان ڏهر جي ڀيڻ فوزيه ڏهر پيٽوٽي رياض حسين ۽ سيف جرنلزم جي نمائندي عادل جواد چيو ته متاثر خاندان ۽ صحافي برادري سان هن سنگين مذاق کي فوري طور بند ڪيو وڃي ۽ انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هنن چيو ته هو هڪ انتهائي ڳڻتي جوڳي ۽ افسوسناڪ صورتحال جي پسمنظر ۾ ميڊيا آڏو آيا آهن. سنڌن موجب صحافي شان ڏهر جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار عرفان بروهي، جيڪو 13 سالن کان قانون جي گرفت کان ٻاهر رهيو، هن پهرين اپريل 2026 تي ايڊيشنل سيشن جج لاڙڪاڻي جي عدالت مان عبوري ضمانت قبل از گرفتاري حاصل ڪئي، جنهن بعد عدالت پاران پوليس ۽ متاثر خاندان کي 6 اپريل لاءِ نوٽيس جاري ڪيا ويا. پريس ڪانفرنس ۾ الزام لڳايو ويو ته 2 اپريل 2026 تي لاڙڪاڻو پوليس طرفان هڪ مبينا ڊرامو رچايو ويو، جنهن تحت مفرور جوابدار عرفان بروهي جي گرفتاري ظاهر ڪئي وئي، ان سلسلي ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد چوڌري پاران بيان جاري ڪيو ويو ته پوليس ڪامياب ڪاروائي ڪندي شهيد شان ڏهر جي قتل ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي، هنن چيو ته جوابدار جي پوليس تحويل ۾ تصوير به جاري ڪئي وئي، جڏهن ته پوليس کي خبر هئي ته جوابدار عبوري ضمانت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ عدالت جا نوٽيس پڻ ملي چڪا هئا. الزام موجب فوٽو سيشن ۽ پريس ريليز بعد جوابدار کي آزاد ڪيو ويو، جيڪو بظاهر پوليس ۽ جوابدار جي وچ ۾ ملي ڀڳت ظاهر ڪري ٿو. متاثرين جو چوڻ هو ته اهو عمل نه رڳو انصاف جي نظام تي سوال آهي پر ڊگهي عرصي کان جاري ناانصافي جو تسلسل به آهي. هنن ياد ڏياريو ته شان ڏهر پنهنجي وفات کان اڳ پنهنجي قاتلن جي نشاندهي اهل خانه، مقامي صحافين ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف اڳيان ڪئي هئي، ان باوجود 13 سال گذرڻ باوجود به جوابدار قانون جي گرفت ۾ نه اچي سگهيا آهن. هنن سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته ذاڪرحسين عرف شان ڏهر جي قتل ڪيس جي ٻيهر شفاف جاچ ڪرائي وڃي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ايس پي رينڪ جي هڪ سينيئر، ايماندار ۽ سٺي شهرت رکندڙ آفيسر حوالي ڪئي وڃي، پريس ڪانفرنس جي آخر ۾ هنن مطالبو ڪيو ته انصاف جي فوري فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ متاثر خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

[redacted]

ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ڪراچي ۾ ڪم نه ٿيڻ جو ڪوڙو پروپيگنڊا ڪندڙ اڄ پاڻ ترقياتي منصوبن جو حساب ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. سعديه جاويد چيو ته جڏهن کان سنڌ حڪومت ۽ بلديه عظميٰ ڪراچي پاران شهر ۾ ترقياتي ڪمن ۾ تيزي آئي آهي، منعم ظفر ۽ سنڌن جماعت بوکهلاهٽ جو شڪار ٿي ڪري ڪوڙ تي لهي آئي آهي. هن چيو ته جن کي 18 سال تائين ڪو ڪم نظر نه آيو انهن کي اڄ به حقيقتون نظر نه اينديون. ترجمان سنڌ حڪومت وڌيڪ چيو ته لياري جي تالي تي سياست چمڪائيندڙن کي گهرجي ته لياقت آباد، ناظم آباد ۽ گلبرگ ٽائون جي ڪارڪردگي جو حساب ڏين، جو ته ڊسٽرڪٽ سينٽرل جي ٽائونز ۾ نام نهاد ڪارڪردگي جي حقيقت سڀني جي سامهون آهي، سعديه جاويد چيو ته اداره نور الحق کي چندن تي هلائيندڙ بلاول هائوس خلاف ڪوڙو پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن، جڏهن ته بلاول هائوس پاڪستان ۾ سياسي بصيرت، برداشت ۽ قربانين جي علامت آهي، هن چيو ته بلاول هائوس تي الزام تراشي آسمان ڏانهن ٿڪ جي برابر آهي، هن منعم ظفر کي مخاطب ٿيندي چيو ته لياري جا جيالا ضياءِ ۽ مشرف جي دور ۾ به گمراهه نه ٿيا، جڏهن ته توهان صرف ڪراچي جي چند گهٽين تائين محدود پروپيگنڊا ڪريو ٿا. سعديه جاويد چيو ته لياري پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڳڙهه هو آهي ۽ رهندو، جيڪڏهن اوهان کي لياري سان ايترو ئي پيار آهي ته نعمت الله خان جي دور ۾ ڏنل فنڊز جا تفصيل به سامهون آڻيو. هن وڌيڪ چيو ته لياري ۾ ڪکري گرائونڊ سميت ڪيترائي منصوبا ۽ لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ مخالفن جي ڪوڙي بيانٽي کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

[redacted]

موقعي تي عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ڪراچي ۾ ٿيل شاندار تقريب کي خطاب ڪندي،پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم چيو آهي ته امام انقلاب حضرت پير سائين صبغت الله شاهه ثاني المعروف شهيد سورهيه بادشاهه کي صرف 32 سالن جي عمر ۾ پنهنجي عوام ۽ ڌرتيءَ جي آزاديءَ جي جدوجهد سبب ڦاهيءَ تي چاڙهي شهيد ڪيو ويو. هن چيو ته شهيد سورهيه بادشاهه انگريز سامراج جي ظلم ۽ بربريت آڏو ڪڏهن به سر نه جهڪايو ۽ وڏي جرئت ۽ همت سان شهادت کي قبول ڪيو.اهڙن خيالن جو اظهار هن حر جماعت ڪراچي ۽ حر مجاهد فورم ڪراچي جي گڏيل اهتمام هيٺ امام انقلاب، شهيد حق و صداقت پير سيد صبغت الله شاهه راشدي المعروف شهيد سورهيه بادشاهه جي ياد ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو.سردار عبدالرحيم چيو ته شهيد سورهيه بادشاهه ۽ هزارين حُرن جي بي مثال قربانين جي نتيجي ۾ پاڪستان کي آزادي نصيب ٿي، هن چيو ته شهيد سورهيه بادشاهه جي قيادت ۾ شروع ٿيندڙ جدوجهد برطانوي سامراج کي هن خطي مان پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪيو، جنهن دوران هزارين حر مجاهدن پنهنجون جانيون قربان ڪيون ۽ قيد و بند جون سختيون برداشت ڪيون. هن وڌيڪ چيو ته اڄ به حر جماعت جا بهادر ماڻهو ملڪ جي سرحدن جي حفاظت لاءِ مقرر آهن، جنهن سبب وطن جون سرحدون محفوظ هٿن ۾ آهن. سردار عبدالرحيم مطالبو ڪيو ته شهيد سورهيه بادشاهه جي عظيم قربانين ۽ جدوجهد کي قومي نصاب ۾ نمايان طور شامل ڪيو وڃي ته جيئن نئين نسل کي سنڌن جذبي حريت بابت ڄاڻ ملي ۽ هو ملڪ جي حقيقي آزادي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.هن چيو ته جيتوڻيڪ سورهيه بادشاهه عوام جي دلين ۾ هڪ عظيم قومي هيرو جي حيثيت رکن ٿا، پر کين سرڪاري سطح تي به قومي هيرو جو درجو ڏنو وڃي ۽ سنڌن يوم شهادت سرڪاري طور تي ملهائي وڃي، آخر ۾ سردار عبدالرحيم عزم ظاهر ڪيو ته هو شهيد سورهيه بادشاهه جي مشن جي تڪميل تائين پنهنجي جدوجهد جاري رکندو.تقريب کي تالپوري اديب پروفيسر سيد سردار شاهه چيو ته حر ايڪٽ جهڙي ڪاري قانون کي هيل تائين ختم ناهي ڪيو ويو.ان کي بنا دير ختم ڪرڻ گهرجي.تقريب کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر جلال پيو چيو ته قومي نصاب ۾ اهڙن ماڻهن کي شامل ڪيو ويو آهي هن جو پاڪستان جي قيام ۾ ڪوبه ڪردار ناهي،فنڪشنل جي ڊپٽي جنرل وقار جت چيو ته ايران ۾ ٿيندڙ آمريڪا اسرائيل جي بربريت خلاف پير صاحب پاڳاري سڀ کان پهرئين آواز اٿاريو آهي،تقريب کي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي ٻين اڳواڻن ۽ حر جماعت جي معززين، پروفيسر نور محمد آرائين، محمد خان منگريو، پروفيسر عبدالحليم درس، حافظ يونس پنهور، آر بي راڄڙ سيد دوست علي شاهه ۽ سيد ولي وارثي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو، شهيد سورهيه بادشاهه جي خدمتن کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو.

[redacted]

زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي، ضلعي سينٽرل جي علائقي شريف آباد ۾ ايف سي ايريا ريلوي ڦاٽڪ روڊ تي پوليس مقابلي دوران هڪ ڦورو دانيال حسين عرف ديني زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته سندس ساٿي موٽر سائيڪل تي فرار ٿي ويو، پوليس موجب جوابدار وٽان نائن ايم ايم پسٽل ۽ روڪ رقم هٿ آئي آهي. ٻئي طرف ضلعي ڪيماڙي جي علائقي سائٽ بي ۾ پوليس ۽ موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻند جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران غلام مصطفيٰ عرف مستو ۽ مير مرتضيٰ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. پوليس موجب جوابدارن وٽان غير قانوني هٿيار گوليون، موبائل فون، پرس ۽ موٽر سائيڪل هٿ آئي آهي، جڏهن ته زخمين کي اسپتال منتقل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي، ضلعي ستي جي علائقي ڪلاڪوٽ ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار عيسيٰ زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو، جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو. پوليس انڪشاف ڪيو آهي ته گرفتار جوابدار جو تعلق لياري گينگ وار سان آهي ۽ هو ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو. ان کان علاوه ضلعي ويسٽ جي علائقي سرجاني ٽائون ۾ پوليس شهري سان واردات ڪندڙ جوابدارن جو پيڇو ڪندي مقابلو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ماجد ولد جان ولي زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو جڏهن ته ٻه ساٿي فرار ٿي ويا، پوليس موجب جوابدار وٽان هٿيار موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽر سائيڪل هٿ آئي آهي، ساڳي ريت ضلعي ملير جي شاهه لطيف ٽائون جي حدن گلستان سوسائٽي پرسان پوليس مقابلي ۾ مجاهد ۽ وجاهت نالي ٻه جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا، جڏهن ته سندن ساٿي فرار ٿي ويا. پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار ايمونيشن، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته هٿيارن کي فرانزڪ جاچ لاءِ موڪليو ويو آهي، زخمي جوابدارن کي علاج لاءِ مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

[redacted]

اسمگلنگ جي الزام ۾ سزا يافته ست ماڻهن کي موت جي سزا ڏني وئي، سعودي پريس ايجنسي جي مطابق، پنج سعودي شهري ۽ ٻن اردني شهري کي سعودي عرب ۾ ايمفيٽامائن گوليون اسمگل ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سزا ڏني وئي، رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته، "موت جي سزا مجرمن جي خلاف سزا جي طور تي لاڳو ڪئي وئي آهي،" ۽ سزائون آچر تي راڄڌاني رياض ۾ ڏنيون ويون. سرڪاري انگن اکرن جي بنياد تي اي ايف پي جي جائزي موجب، رياض حڪومت 2026 جي شروعات کان وٺي 61 ماڻهن کي موت جي سزا ڏني آهي، جن مان 38 منشيات سان لاڳاپيل هئا. هن سال هاڻي تائين موت جي سزا ڏنل ماڻهن مان اڪثريت پرڏيهي هئي، جن مان 33 پرڏيهي هئا. 2025 ۾ سعودي عرب ۾ موت جي سزا جو تعداد مسلسل ٻئي سال رڪارڊ بلندي تي پهچي ويو، جڏهن اختيارين ڪل 356 ماڻهن کي موت جي سزا ڏني، جن مان 243 منشيات سان لاڳاپيل هئا.

[redacted]

سهڪار وڌائڻ انتهائي ضروري آهي، هن چيو ته فيصل آباد ملڪ جو اهم صنعتي مرڪز آهي، جڏهن ته واپاري برادري قومي معيشت جي ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي، اهڙن خيالن جو اظهار فيصل آباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي وفد سان ملاقات دوران ڪيو.گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته فيصل آباد جون شيون سڄي دنيا ۾ پاڪستان جون برانڊ ايمبيسيڊر آهن، خاص طور تي ٽيڪسٽائل جون شيون جهڙوڪ سوٽي ڌاڳو، ڪاٽن، چادرون، ٽوال ۽ هوزري عالمي سطح تي پاڪستان جي سڃاڻپ بڻجي چڪيون آهن. وفد جي اڳواڻي صدر ايف سي سي آءِ فاروق يوسف شيخ ڪري رهيو هو، گورنر سنڌ کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس عوامي خدمتن کي ساراهيو. ملاقات دوران ملڪي معاشي صورتحال، واپاري سرگرمين جي واڌاري ۽ صنعت ۽ واپار جي استحڪام تي تفصيلي خيال ونڊ ڪيا ويا. ان موقعي تي صدر ايف سي سي آءِ فاروق يوسف شيخ صنعتن کي درپيش مسئلن ۽ برآمدات ۾ واڌ بابت گورنر سنڌ کي تفصيلي بريفنگ ڏني، وفد فيصل آباد جي صنعتن کي انڊسٽريل زونز ۾ منتقل ڪرڻ واري مسئلي تي وفاقي حڪومت سان ڳالهائڻ جي درخواست ڪئي، صدر ايف سي سي آءِ گورنر سنڌ کي هلندڙ مهيني لاهور ۾ ٿيندڙ فيصل آباد ايڪسپو ۾ مهمان خاص طور شرڪت جي دعوت ڏني، جنهن کي گورنر سنڌ قبول ڪري ورتو.

[redacted]

مسلسل صرف اعلان ۽ واعدا ملي رهيا آهن. جڏهن ته عملي طور تي زميني سطح تي ڪا به تبديلي نظر نٿي اچي. هن چيو ته لياري ۾ ناصر شاهه پاران هڪ منصوبي جو افتتاح ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پارڪ ۽ گرين بيلٽ ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ويو پر حقيقت اها آهي ته "لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ" گذريل 18 سالن کان جاري آهي ۽ اڃا تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي منعم ظفر خان چيو ته هر چونڊ کان اڳ لياري لاءِ ترقياتي پيڪيجز جو اعلان ڪيو ويندو آهي، پر چونڊون ختم ٿيڻ کان پوءِ اهي واعدا صرف ڪاغذن تائين محدود رهجي وڃن ٿا. هن چيو ته 2020 ۾ ڪراچي ٽرانسفارميشن پيڪيج جو اعلان ڪيو ويو هو جنهن کي 2023 تائين مڪمل ٿيڻ گهرجي ها، پر 2026 اچي ويو آهي ۽ منصوبا اڃا تائين التوا جو شڪار آهن. جڏهن ته هاڻي 25 ارب رپين جو نئون پيڪيج پيش ڪيو ويو آهي. هن سوال اٿاريو ته لياري ۾ جيڪڏهن ڪنهن جماعت جي مسلسل حڪومت رهي آهي ته اها پاڪستان پيپلز پارٽي آهي، جنهن کي عوام به ووٽ ڏيندو رهيو آهي، ان باوجود ترقياتي ڪم مڪمل ڇو نه ٿي سگهيا؟ هن چيو ته لياري ٽاؤن به پيپلز پارٽي جي حوالي آهي، تنهن ڪري سموري ذميواري انهن تي عائد ٿئي ٿي، منعم ظفر خان چيو ته لياري کي ملندڙ هڪ ارب رپين کان وڌيڪ فنڊ ڪٿي خرچ ٿيا، ان جو ڪو به واضح جواب نه ملي رهيو آهي، سنڌس مطابق گذريل ٽن سالن دوران ٽاؤن انتظاميه عوام کي ڪا به بنيادي سهولت فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي، هن الزام لڳايو ته لياري سميت ڪراچي ۾ ترقياتي رقم کي "ايڊجسٽمينٽ" جي نالي تي ٽون منصوبن ۾ ڊيڪاري عوام کي گمراهه ڪيو پيو وڃي، هن چيو ته ڪراچي جا اهم ادارا پيپلز پارٽي جي قبضي ۾ هجڻ باوجود شهر جا بنيادي مسئلا حل نٿا ڪيا وڃن. جماعت اسلامي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته لياري جي عوام محنت مزدوري ڪندڙ آهي، پر علائقي ۾ ٽٽل روڊ، خراب انفراسٽرڪچر ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب زندگي مشڪل بڻيل آهي، هن چيو ته لياري جي سڃاڻپ فٽبال ۽ باڪسنگ هئي، پر اڄ اهو علائقو بنيادي سهولتن کان محروم آهي. هن سخت الزام لڳائيندي چيو ته ڪراچي ۾ ڪرپشن جو سلسلو بلاول هائوس کان شروع ٿي ايوان صدر تائين پهچي ٿو ۽ پيپلز پارٽي هزارين ارب رپين جا فنڊ صحيح نموني استعمال ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي، منعم ظفر خان اعلان ڪيو ته جماعت اسلامي لياري سميت ڪراچي جي مسئلن تي آواز بلند ڪندي رهندي ۽ "حق دو لياري" مهم جاري رکندي، هن چيو ته سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي ناقص ڪارڪردگي سبب لياري سميت سڄو ڪراچي گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي چڪو آهي، آخر ۾ هن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته لياري ۾ سمورن ترقياتي منصوبن، فنڊز جي استعمال ۽ ڪرپشن جي غير جانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فوري طور فراهم ڪيون وڃن.

[redacted]

ڪيون ويون آهن جڏهن ته 7 هزار 392 غير قانوني پرڏيهين کي سنڌن ملڪ واپس موڪليو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق 2 کان 8 اپريل وچ ۾ مجموعي طور تي 8 هزار 440 ماڻهن کي اقامه قانون، 4 هزار 54 کي غير قانوني سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 2 هزار 964 کي محنت جي قانون جي ڀڃڪڙي تي حراست ۾ ورتو ويو. غير قانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 600 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو، انهن مان 60 سيڪڙو ايٿوپين، 39 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکن ٿا. ان کان علاوه 47 اهڙن ماڻهن کي به پڪڙيو ويو جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب مان پاڙيسري ملڪن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سفر، رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 30 ماڻهن کي به حراست ۾ ورتو ويو آهي.

[redacted]

۽ پنجاب ۾ 12 کان 17 اپريل تائين برسات جو الرٽ جاري ڪندي شهرين کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ، محتاط رهڻ ۽ متوقع موسم لاءِ تيار رهڻ جي تاڪيد ڪئي آهي. اين ڊي ايم اي پاران ميڊيا لاءِ جاري هڪ خصوصي پيغام ۾ چيو ويو آهي جابلو علائقن ۾ ان دوران آنڌاري ۽ ڳڙو پوڻ سان گڏو گڏ برفباري به متوقع آهي جڏهن ته ان دوران سنڌ ۽ بلوچستان ۾ شديد گرمي جي لهر برقرار رهندي، اسلام آباد سميت پنجاب جي مختلف شهرن مري، راولپنڊي، اٽڪ، جهلم، چڪوال، گجرات، سيالڪوٽ، لاهور، ميانوالي ۽ منڊي بهاالدين ۾ 13 کان 17 اپريل تائين وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهڻ جو امڪان آهي. خيبرپختونخوا ۾ گجگوڙ ڪنوڻ ۽ آنڌاري سان چترال، دير، سوات، شانگلا، ڪوهستان، مانسهره، ايبٽ آباد ۽ هري پور جهڙا ضلعا متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي. انهن علائقن ۾ عوام کي محتاط رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، صوابي، چارسده، مردان، نوشهره، ڪوهاٽ، ڪرڪ، بنون ۽ ڊي آءِ خان ۾ تيز هوائن ۽ ڳڙو پوڻ سان گڏ برسات جو امڪان آهي اسڪردو، هنزه، گلگت، استور، ديامر غذر، مظفر آباد، باغ، راولاڪوٽ، حويليان، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ نيلم وادي ۾ به برسات جو امڪان آهي. اين ڊي ايم اي هدايت ڪئي آهي ته عوام کي انهن علائقن ۾ چيهون ڪرڻ ۽ روڏن جي رڪاوٽن کان محتاط رهڻ گهرجي

[redacted]

لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 34.4 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. گذريل ڏينهن اي اين ايف جي ترجمان مطابق ڪاروائين دوران ڪوئيٽا اسپني روڊ تي واقع ڪوريئر آفيس ۾ گوجرانواله موڪلي ويندڙ پارسلز مان گرين ٽي جي پيڪيٽس ۾ لڪايل 17.60 ڪلوگرام چرس هٿ ڪيو ويو. هزار خواني چوڪ پشاور ويجهو گاڏي مان 14.400 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو. ديٽ توڪدار چوڪ ويجهو گاڏي مان 2.400 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدارن خلاف منشيات روڪٿام ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

[redacted]

۽ فيمليز لاءِ بهتر ماحول متعارف ڪرايو ويو آهي. ان ٽرين کي تفريحي ٽوئرازم ماڊل ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. مختلف اسٽيشنز تي مختصر قيام ۽ سرگرمين جو پڻ انتظام ڪيو ويو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن راولپنڊي اسٽيشن تي سفاري ٽرين کي اپ گريڊ ڪرڻ جي افتتاحي تقريب کي خطاب دوران ڪيو هن چيو ته سفاري ٽرين ۾ مسافرن لاءِ هر اسٽيشن تي وقفو ۽ اٽڪ خورد جهڙن ماڳن تي ڊگهي قيام ۽ ماڻجهاندي جي سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي. ان سفر جي خواهشمندن ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي. وفاقي وزير چيو ته ريلوي آفيسرن کي ان فيلڊ سرگرم ڪرڻ ۽ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم جاري آهن. ريلوي جا مزدور سخت حالتن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ نظام جي بحالي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن ڪراچي کان روهڙي تائين ٽريڪ جي خراب حالت هجڻ باوجود ٽرين آپريشن جاري رکڻ جو پڻ اعتراف ڪيو. لوڪو موٽيوز جي ڊگهي عرصي کان مرمت نه ٿيڻ وارن مسئلن کي ختم ڪرڻ لاءِ نئون نظام متعارف ڪرايو پيو وڃي. وفاقي وزير چيو ته ريلوي اپ گريڊيشن پروگرام ڊسمبر 2026ع تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته سيپٽمبر جي پهرين هفتي ۾ ريلوي کي وڏي پيماني تي اپ گريڊ ڪرڻ ۽ انفرا اسٽرڪچر منصوبي جي شروعات جي اميد آهي. اٽڪل 2 ارب ڊالر جي منصوبي تي اڳڀرائي جاري آهي. هن چيو ته لاهور کان ڪراچي سفر ۾ پنج ڪلاڪ جي گهٽتائي جي منصوبي تي ڪم تيز ڪيو ويو آهي. وفاقي وزير چيو ته صوبائي حڪومتن سان ريلوي جي منصوبي ۾ شراڪت داري ۽ جوائنٽ وينچر ماڊل متعارف ڪرايو ويو آهي. اسلام آباد ڳالهين جي حوالي سان هن چيو ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اعلي سطح جي ڳالهين ۾ پاڪستان اهم ثالثي جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ پاڪستان ٻنهي ملڪن کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۽ رابطا ڪاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسلام آباد ڳالهين کي علائقائي امن ۽ استحڪام طرف اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي ميزباني، سهولت ڪاري، هاڪاري ۽ غير جانبدار واري ڪردار جي تعريف ٿي رهي آهي. پاڪستان جي ڪردار کي خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اهم سنگ ميل سمجهيو پيو وڃي.

[redacted]

ڪيو. روسي ميڊيا موجب، صدر پيوٽن چيو ته روس وچ اوڀر جي تڪرار ۾ مصالحت جي سهولت جاري رکڻ لاءِ تيار آهي.

[redacted]

چيو ته اسلام آباد ڳالهين ۾ ڪنهن معاهدي جي کوٽ جو مطلب اهو ناهي ته ڪوششون بند ڪيون وڃن. آسٽريليا جي پرڏيهي وزير آمريڪا ۽ ايران تي ڳالهين ڏانهن واپس اچڻ ۽ جنگ بندي برقرار رکڻ تي زور ڏيندي چيو ته اهي بحران جو جلد حل ڏسڻ چاهين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته تڪرار ۾ واڌ نه رڳو جاني نقصان جو سبب بڻجندي پر عالمي معيشت تي به اثر انداز ٿيندي.

[redacted]

شريف جي اسلام آباد ڳالهين ۾ ڪردار جي تعريف ڪئي سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته وينس، وٽڪوف ۽ ڪشنر کي اسلام آباد ملاقات بابت مڪمل طور تي آگاهه ڪيو ويو. ملاقات جي اڳواڻي مهربان ۽ باصلاحيت فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف ڪئي، ٻئي تمام غير معمولي ماڻهو آهن. ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته ايران سان ملاقات صبح سوير شروع ٿي ۽ تقريبن 20 ڪلاڪ هلي مان تفصيل سان ڳالهائي سگهان ٿو ۽ حاصل ڪيل ڳالهين بابت گهڻو ڪجهه ڳالهائي سگهان ٿو هڪ ڳالهه جيڪا اهم آهي اها آهي ته ايران پنهنجي ايٽمي عزائم کي ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي، آمريڪي صدر چيو ته جن نقطن تي اتفاق ٿيو آهي اهي ڪيترن ئي طريقن سان اسان لاءِ فوجي آپريشن جاري رکڻ کان بهتر آهن، اهي اهڙا نقطا نه آهن جيڪي ايٽمي طاقت کي غير مستحڪم ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيڻ جي اجازت ڏين ڊونلڊ ٽرمپ وڌيڪ چيو ته منهنجا ٽئي نمائندا غير متوقع طور تي ايراني نمائندن سان تمام گهڻو دوستانو ۽ احترام ڪندڙ هئا، ايراني ڳالهيون ڪندڙ هڪ ۽ سڀ کان اهم مسئلي تي تمام گهڻو لچڪدار هئا. مان ڪيترن سالن کان چئي رهيو آهيان ته ايران ڪڏهن به ايٽمي هٿيار نه رکي سگهي.

[redacted]

اجاگر ڪيو آهي، اسلام آباد آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اهم ڳالهين جي ميزباني ڪئي ۽ ان اڳڀرائي کي علائقائي استحڪام لاءِ هڪ اهم موڙ قرار ڏنو. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق رپورٽس ۾ عالمي اڳواڻن، تجزيو ۽ تبصرو ڪندڙن جو حوالو ڏيندي چيو ويو آهي ته اسلام آباد سفارتڪاري جي اهم مرڪز طور اڀريو آهي، اعليٰ سطح جي ڳالهين کي خطي ۾ تڪرارن مان نڪرڻ ۽ پرامن ڳالهين ڏانهن ڪٿي وڃڻ جي ڪوشش قرار ڏنو پيو وڃي. ميڊيا رپورٽس ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڳالهين ۾ پاڪستان کي عالمي ڌيان جي مرڪز ۾ رکيو ويو آهي، ڪيترن ئي ميڊيا ادارن هڪ قابل اعتماد سهولت ڪار طور ان جي ڪردار کي تسليم ڪيو آهي جيڪو مخالف ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ جي صلاحيت رکي ٿو عالمي ميڊيا چيو ته پاڪستان جي فعال سفارتڪاري هڪ نازڪ موڙ تي ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪئي جنهن سبب وڌندڙ غير مستحڪم جغرافيائي سياسي ماحول ۾ هڪ مستحڪم قوت طور ان جي ساک کي هٿي ملي رپورٽس ۾ چيو ويو آهي ته امن قائم ڪرڻ ۽ تڪرارن جي حل ۾ پاڪستان جي وڌندڙ ڪردار جو وڏي پيماني تي اعتراف ڪيو پيو وڃي، ان جي سفارتڪاري کي ڳالهين کي هٿي ڏيڻ ۽ ڇڪتاڻ کي روڪڻ جي ڪوشش قرار ڏنو پيو وڃي. ماهرن جو چوڻ آهي ته اسلام آباد ڳالهين ۾ سهولت فراهم ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار سان نه رڳو اولهه ايشيا ۾ وسيع تر عالمي نظام تي به گهرا اثر پئجي سگهن ٿا. هنن چيو ته ڳالهين سان مان لاءِ هڪ پل طور پاڪستان جي ڪردار کي هٿي ملندي ۽ ان جون سفارتي ڪوششون خطي سان گڏو گڏ عالمي استحڪام ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.

[redacted]

صدر جي ڊي وينس پاڪستان جي دوري کانپوءِ واپس آمريڪا روانو ٿي ويو. گذريل ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان مطابق نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار ۽ آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير آمريڪي نائب صدر کي الوداع ڪيو. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس وزيراعظم محمد شهباز شريف جي دعوت تي پاڪستان جو دورو ڪيو ۽ ايران سان ڳالهين ۾ شرڪت ڪئي. دوري دوران سندس وزيراعظم محمد شهباز شريف سان خاص ملاقات ٿي.

[redacted]

نيتن ياهو چيو آهي ته ايران ۽ انهن جي اتحادين سان جنگ جاري رکنداسين پنهنجي هڪ بيان ۾ نيتن ياهو ترڪ صدر رجب طيب اردوان تي ايران کي سهولت فراهم ڪرڻ جو الزام لڳائيندي ترڪ صدر تي ڪردن جي قتل عام ۾ ملوث هجڻ جو الزام به لڳايو آهي. اسرائيلي وزيراعظم وڌيڪ چيو ته ايران ۽ انهن جي اتحادين سان جنگ جاري رکنداسين. ترڪ صدارتي آفيس جي ڪميونيڪيشن معاملن جي سربراهه برهانيٽين دوران چيو ته نيتن ياهو جي غزه ۾ نسل ڪشي ۽ خطي جي 7 ملڪن تي حملا جاري آهن. نيتن ياهو ترڪ صدر کي نشانو بڻائڻ جي خوش فهمي ۾ شڪار آهي. هن چيو ته نيتن ياهو ڏوهاري آهي جنهن جي گرفتاري جي وارنٽ جاري ٿي چڪا آهن. نيتن ياهو پنهنجي سياسي بقا جي لاءِ خطي کي ڇڪتاڻ ۽ جهيڙي ۾ ڌڪڻ چاهي ٿو. سڀني کي خبر آهي ته اسرائيلي وزيراعظم ٻين کي درس ڏيڻ جي اخلاقي ۽ قانوني حيثيت وڃائي چڪو آهي، نيتن ياهو کي آخرڪار انسانيت جي خلاف ڏوهه جو ذميوار قرار ڏنو ويندو.

[redacted]

دوران سپ کان ڊگهو رهيو، جيڪو لڳ ڀڳ 24 کان 25 ڪلاڪن تائين جاري رهيو

هن چيو ته ٻنهي ڌرين ڪجهه معاملن تي اتفاق ڪيو هو پر ٻن ٽن اهم معاملن سبب معاهدو نه ٿي سگهيو. جڏهن ته ٻين معاملن تي به راءِ ۾ اختلاف موجود آهن. اسماعيل بقائي چيو ته سفارتڪاري ڪڏهن ختم ناهي ٿيندي، اها قومي مفادن جي تحفظ جو هڪ ذريعو آهي، اها اميد نه رکڻ گهرجي ها ته هڪ ئي ويهڪ ۾ ڪنهن معاهدي تائين پهچي وينداسين، منهنجي خيال ۾ ڪنهن کي به اهڙي اميد نه هئي. هن وڌيڪ چيو ته ايران خطي ۾ پاڪستان ۽ ٻين دوست ملڪن سان رابطي ۾ رهندو ۽ پاڪستان جي حڪومت، عوام جو ٿورائتو آهي.

[redacted]

پرڏيهي پاليسي تي سنگين سوال اٿاريا آهن. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڪانگريس جي جنرل سيڪريٽري جي رام رميش هڪ بيان ۾ اميد ظاهر ڪئي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين هڪ پائيدار امن عمل جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. هن وزيراعظم نريندر مودي جي قيادت هيٺ حڪومت تي سخت تنقيد ڪندي ان جي سفارتي رويي تي سوال اٿاريو. ڪانگريس جي اڳواڻ چيو ته نئين دهلي واشنگٽن سان پنهنجن لاڳاپن جو اثرائتي طريقي سان فائدو کڻڻ ۾ ناڪام رهي، هن آمريڪا سان هڪ طرفه ڳالهين تي تنقيد ڪئي. هن چيو ته ڀارت برڪس جو حصو هجڻ باوجود امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪو اڳواٽ قدم نه کنيو ۽ سفارتي موقعو ضايع ڪري ڇڏيو اولهه ايشيا ۾ استحڪام جي ضرورت تي زور ڏيندي جي رام رميش چيو ته خطي ۾ امن ضروري آهي ۽ ڇڪتاڻ کي فوري طور گهٽائڻ جي ضرورت آهي.

[redacted]

ناڪام ٿيون ته اسرائيل کي ان جي حيثيت ڏيکاري ڇڏينداسين. هن واضح ڪيو ته ترڪي جيئن ليبيا ۽ ڪاراباخ ۾ داخل ٿيو هو اهڙي ئي اسرائيل ۾ به داخل ٿي سگهي ٿو ان لاءِ طاقت ۽ اتحاد جي ضرورت هوندي. سندس چوڻ هو ته نيتن ياهو نفرت ۾ انڌو ٿي چڪو آهي، جنگبندي جي ڏينهن ۾ به اسرائيل سوين بي ڏوهه لبناني قتل ڪري ڇڏيا.

[redacted]

دوران 18.31 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. وفاقي شمارياتي اداري (پي بي ايس) جي انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 8 مهينن جولاءِ 2025ع کان فيبروري 2026ع دوران شعبي جون خدمتون 6.46 ارب ڊالر تائين پهچي ويون جڏهن ته گذريل مالي سال ۾ جولاءِ کان فيبروري 25-2024ع دوران خدمتن جي شعبي جي روانگي واپار مان 5.46 ارب ڊالر جو متا ستا وارو ناٽو ڪمايو ويو هو اهڙي طرح گذريل مالي سال جي ڀيٽ هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 8 مهينن ۾ خدمتن جي شعبي جي روانگي واپار ۾ 18 سيڪڙو کان وڌيڪ جو نمايان اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

[redacted]

جا لوڏا محسوس ڪيا ويا جن جي ريڪٽر اسڪيل تي شدت 4.6 رڪارڊ ڪئي وئي آهي. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڀارت ۾ زلزلي جي شدت ماپيندڙ اداري نيشنل سينٽر فار سيسمولاجي (اين سي ايس) ٻڌايو ته زلزلو صبح 4 لڳي 32 منٽن تي آيو جنهن جي اونهائي 10 ڪلوميٽر هئي، فوري طور زلزلي سبب ڪنهن جاني يا مالي نقصان جو اطلاع ناهي مليو جڏهن ته ماڻهن ۾ خوف حراس ڇانئجي ويو

[redacted]

حڪومت کي هاڻي تائين 11.52 ارب ڊالر جو نقصان ٿيو آهي، جنهن مان 725 ارب ڊالر کان وڌيڪ دفاعي خرچ آهن. ترڪ ميڊيا موجب، هي هڪ ابتدائي تخمينو آهي ۽ اڳ ۾ ئي 2026 جي بجيٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي ان ۾ مستقبل جي تعمير نو جي خرچن يا جنگ دوران معيشت جي جزوي بندش جي ڪري مجموعي گهريلو پيداوار (جي ڊي پي) کي نقصان شامل ناهي وزارت خزاني دفاعي خرچن لاءِ اضافي 2.3 ارب ڊالر پڻ مختص ڪيا آهن، جيڪو فوجي خرچن کي وڌيڪ وڌائي سگهي ٿو فوجي خرچن ۾ هٿيار، پرواز جا ڪلاڪ، رزرو سپاهين جون خدمتون ۽ نقصان شامل آهن. وزارت خزاني جو اندازو آهي ته ملڪيت جي ٽيڪسن جي تحت معاوضي ۾ لڳ ڀڳ 3.8 کان 4.2 ارب ڊالر ڊالر جنهن ۾ اسرائيلين کي ادائيگيون شامل آهن جن جا ڪاروبار ۽ گهر جنگ کان متاثر ٿيا آهن.

[redacted]

ڪي چنچر ڏينهن طبعيت ناساز ٿيڻ تي ممبئي جي بريچ ڪينڊي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. ميڊيا رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته گلوڪارا کي سيني ۾ انفيڪشن سبب اسپتال داخل ڪيو ويو، سندس لاڏاڻو ڪيترائي عضوا ڪم ڇڏڻ سبب ٿيو. ليجنڊ گلوڪارا جي پٽ آنند ڀوسلي ٻڌايو ته آخري رسمون سومر شام ادا ڪيون وينديون. آشا ڀوسلي کي ڀارتي موسيقي جي تاريخ جي سڀ کان مقبول ۽ باائر آوازن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، هن پنهنجي فني سفر جي شروعات 1943 ۾ رڳو 10 ورهين جي عمر ۾ ڪئي، کيس ڪلاسيڪي موسيقي جي تربيت سندس پيءُ دينا ناٿ منگيشڪر ڏني. پنهنجي ڊگهي ڪيريئر دوران هن 20 مختلف ٻولين ۾ 12 هزار کان وڌيڪ گانا رڪارڊ ڪيا ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ باليووڊ فلمن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. خدمتن جي اعتراف ۾ کيس 7 فلم فيئر ايوارڊن سميت ڪيترن ئي قومي اعزازن سان به نوازيو ويو.

[redacted]

علائقي سائٽ ايريا مان فتنه الخوارج سان واسطو رکندڙ انتهائي گهربل دهشتگرد نور عالم عرف وفادار ولد ماروت خان کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ڪاروائي دوران گرفتار دهشتگرد جي قبضي مان اسلحي ايمونيشن ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو آهي، پڌرائين موجب گرفتار دهشتگرد 2014ع ۾ فتنه الخوارج جي مفتي نور ولي جي گروهه ۾ شامل ٿيو جتي تربيت حاصل ڪرڻ بعد ڏکڻ وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪيترن ئي چيڪ پوسٽن تي حملن ۾ ملوث رهيو دهشتگرد پنهنجي بيان ۾ انڪشاف ڪيو ته 2021ع ۾ ٻين ساٿين سان گڏ ليوايز چيڪ پوسٽ مڪين تي حملو ڪيو جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪاروائي ۾ سندس ٻه ساٿي مارجي ويا، جڏهن ته هن ۽ سندس ٻين ساٿين ليوايز جا 6 اهلڪار اغوا ڪري ورتا هئا. گرفتار دهشتگرد پنهنجي ساٿين خان محمد عرف خوراڪي ۽ نقيب الله عرف معاويه سان گڏ وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي رستن تي ڪيترائي آءِ اي ڊي لڳائڻ ۽ ڌماڪا ڪرڻ ۾ پڻ ملوث رهيو آهي. رپورٽ موجب، ڏکڻ وزيرستان ۾ آپريشن دوران دهشتگرد پنهنجي ساٿين سان گڏ افغانستان پهچي ويو، جتان فتنه الخوارج جي ڪمانڊر بلال عرف طوفان جي هدايتن تي دهشتگردي جي مختلف ڪاروائين لاءِ ماڻهن کي موڪلڻ ۾ به شامل رهيو. ذريعن موجب گرفتار دهشتگرد ڏکڻ وزيرستان جو رهواسي آهي ۽ گذريل ڪجهه عرصي کان ڪراچي ۾ لڪي رهيو هو جتي هو افغانستان ۾ ويٺل پنهنجي ساٿين جي هدايتن تي دهشتگردي ڪاروائين لاءِ پنهنجو نيٽ ورڪ منظم ڪري رهيو هو، رينجرز ۽ سي ٽي ڊي موجب، گرفتار دهشتگرد جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻيا پيا وڃن، جڏهن ته جوابدار کي هٿ آيل اسلحي ۽ بارودي مواد سميت وڌيڪ قانوني ڪاروائي لاءِ سي ٽي ڊي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي، رينجرز ترجمان عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ڏوهارين جي خاتمي لاءِ اهڙن عنصرن بابت اطلاع ويجهي رينجرز چيڪ پوسٽ، هيلپ لائين 1101 يا واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي ڏين، ۽ اطلاع ڏيندڙ جو نالو مڪمل طور راز ۾ رکيو ويندو.

[redacted]

3 اهلڪارن سميت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق اهو واقعو ضلعي جي علائقي نوڪوني ۾ ان وقت پيش آيو جڏهن بينڪ ۽ جيولري شوروم ۾ ڦر جي وارداتن ۾ ملوث سنديپ ڪمار کي گهر جي تلاشي ورتي وئي، زخمي اهلڪارن جي حالت خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي. عملدارن ٻڌايو ته سنديپ ڪمار ڦرجي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث آهي.

[redacted]

ڪندي مفرور جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ترجمان موجب ڪاروائي ايف آءِ آر نمبر 178/26 (ايف آءِ اي گوجرانواله) جي بنياد تي ڪئي وئي، جنهن تحت جوابدار جي گرفتاري لاءِ جمشيد ڪوارٽرز، خدا داد ڪالوني ڪراچي ۾ ڇاپو هنيو ويو. ڪاروائي دوران منظور الحسن ولد نثار احمد کي گرفتار ڪيو ويو. ترجمان ٻڌايو ته جوابدار ورڪ پرمٽ ويزا جي نالي تي شهرين کان وڏي رقم وصول ڪندو رهيو، جاچ دوران انڪشاف ٿيو ته جوابدار هڪ شهري کان 1 ڪروڙ 38 لک رپيا وٺي کيس ڊوڪو ڏنو ۽ سندس پٽ کي ٻاهرين ملڪ موڪلڻ جا ڪوڙا واعدا ڪيا. پر وعدو پورو ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. ايف آءِ اي موجب جوابدار خلاف وڌيڪ قانوني ڪاروائي جاري آهي.

[redacted]

سهڪار ڪيو. وزيراعظم جي جنگ بندي جي درخواست قبول ڪرڻ ۽ هاڪاري ردعمل ڏيڻ تي آمريڪا ۽ ايران جو ٿورو مڃيو آهي، اهو ضروري آهي ته ٻئي ملڪ جنگ بندي رکڻ جي عزم تي قائم رهن، اميد آهي ته ٻئي ملڪ خطي ۽ دنيا ۾ پائيدار امن ۽ خوشحالي لاءِ هاڪاري سوچ سان اڳتي وڌندا، پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ رابطن ۽ ڳالهين واري عمل ۾ سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪندو رهندو اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن هتي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين بابت ميڊيا بريفنگ ۾ ڪيو. اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان جي درخواست تي آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ۽ ايران جي پارليامينٽ جو اسپيڪر قادر قاليباف جي قيادت ۾ ٻنهي ملڪن جا وفد پاڪستان آيا ۽ ڳالهين ۾ حصو ورتو. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي درخواست تي هاڪاري ردعمل ڏيڻ، جنگ بندي جي درخواست ۽ اسلام آباد اچڻ جي دعوت قبول ڪرڻ تي ٻنهي ملڪن جو ٿورو مڃون ٿا. هن چيو ته آمريڪا ۽ ايران وچ 24 ڪلاڪ جاري رهيل ڳالهيون اڄ صبح مڪمل ٿيون، ٻنهي ڌرين وچ جامع ۽ تعميري ڳالهين جا ڪيترائي دور ٿيا، مون ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڳالهين واري عمل ۾ سهڪار ڪيو. ڌرين طرفان پاڪستان جي هاڪاري ڪردار جي اعتراف تي ٿورائتا آهيون، اهو ضروري آهي ته ٻئي ملڪ جنگ بندي جاري رکڻ جي عزم تي قائم رهن. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ان اميد جو اظهار ڪيو ته ٻئي ملڪ خطي ۽ دنيا ۾ پائيدار امن ۽ خوشحالي لاءِ هاڪاري سوچ سان اڳتي وڌندا، پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ رابطن ۽ ڳالهين واري عمل ۾ سهولت ڪاري جو ڪردار ادا ڪندو رهندو. اسان خطي ۾ امن جا خواهشمند آهيون، امن لاءِ هر سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ڳالهيون: ناڪام معاهدو يا نئين سفارتڪاريءَ جي شروعات؟
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
اسلام آباد ڳالهيون: جنگ ختم نہ ٿي، رڳو پنهنجو روپ بدلائي وئي
صفحو 4

دنيا جي امامت جو ڏکي عرصي وارو ڪم!
محمود شام
صفحو 4

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
تعليمي ادارا نياڻين لاءِ چو مقتل گاهہ بڻجي رهيا آهن؟
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد پڇمائي ميگهواڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو شاندار ڪنوينشن منعقد

فتح گارڊن ۾ منعقد تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

مقررن تعليم کي قوم جي تقدير بدلائڻ جو ذريعو قرار ڏنو، شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي وئي

راڳو سنڌي جي سرن سان محفل رنگين، اجرڪون ۽ لونگيون پيش ڪري ثقافتي محبت جو اظهار

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) تعليم ئي ترقيءَ جو رستو پڇمائي ميگهواڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو شاندار ساليانو ڪنوينشن فتح گارڊن ۾ پڇمائي ميگهواڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران تعليمي شعور ۽ ڪميونٽي جي بهتريءَ لاءِ ٻيو ساليانو ڪنوينشن انتهائي جوش، جذبي ۽ اميدن سان ڀرپور ماحول ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن علائقي ۾ هڪ نئون حوصلو ۽ سجاڳي پيدا ڪري ڇڏي. تقريب ۾ پيپلزپارٽي تعلقہ صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي ۽ بدين ضلعي وائيس چيئرمين فدا حسين ميندڙو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن تہ رئيس رضوان احمد پرڳڙي، رئيس نديم ساگر پرڳڙي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سائين ڏاڏهون مل، سائين امير علي نوناڻي ۽ لڇمڻ داس ميگهواڙ سميت ڪيترين ئي معزز شخصيتن، بزرگن ۽ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تعليم دوست جذبي جو ڀرپور اظهار ڪيو. مقررن پنهنجي خطابن ۾ چيو تہ تعليم ئي اها طاقت آهي جيڪا ڪنهن بہ قوم جي تقدير بدلائي سگهي ٿي ۽ پڇمائي ڪميونٽي جي نوجوانن جو علم ڏانهن وڌندڙ لاڙو هڪ روشن مستقبل جي علامت آهي. تقريب جو سڀ کان وڌيڪ جذباتي ۽ يادگار لمحو اهو هئا، جڏهن تعليم جي ميدان ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي شيلڊون ۽ انعام ڏئي سندن حوصلا افزائي ڪئي وئي. ان موقعي تي والدين ۽ استادن جي اکين ۾ خوشي ۽ فخر جا ڳوڙها صاف نظر اچي رهيا هئا. تقريب جي پڄاڻي تي ميزبانن پاران مهمانن کي سنڌ جي ثقافت جي سڃاڻپ اجرڪون ۽ لونگيون تحفي طور پيش ڪري محبتن جو اظهار ڪيو ويو جڏهن تہ سنڌ جي نالي واري راڳي راڳو سنڌي پنهنجي سُرن سان ماحول ۾ ثقافتي رنگ ڀري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. هي ڪنوينشن نہ صرف هڪ تقريب، پر تعليم، اتحاد ۽ شعور جو هڪ اهڙو پيغام هو جيڪو پڇمائي ڪميونٽي سميت پوري سماج لاءِ اميد جي نئين ڪرڻ بڻجي سامهون

ڪوٽ غلام محمد پڇمائي ميگهواڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران منعقد ڪنوينشن جو ڏيک

کي اين شاهہ ويجهو چار واپاري يرغمال، ڦرلٽ، احتجاج

خيرپورناٿن شاهہ(ن ع)خيرپورناٿن شاهہ ويجهو واقع سيٽا روڊ لنڪ روڊ وٽ اڻڄاتل هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي چئن واپارين کي يرغمال بڻائي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن تہ مزاحمت ڪرڻ تي تشدد ڪري ڦر ڪيل پيسن سميت ڦرار ٿي ويا. واقعي بعد متاثرواپارين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.

سنڌ جي اقتصادي معاشي وسيلن جي ڪيل ڦرلٽ جو اقوام متحده کي نوٽيس وٺڻ گهرجي:نياز ڪالاڻي

سنڌو جي وحدانيت کي نقصان رسائڻ لاءِ ٿر جي ڪوئلي، ڪارونجهر ڪٽائي سان سنڌ جي وجود کي ميسارڻ جي سازش ڪئي وڃي پئي

حڪمرانن جي نااهلي جي ڪري سنڌ جو عوام تعليم صحت ، پيئڻ جي پاڻي توڙي بنيادي سهولتن کان محروم آهي

سنڌي ماڻهن جو معاشي طور ڪيل قتل ڪانپوءِ هاڻي سندن جسماني قتل لاءِ منشيات جو ڳوڙهہ سنڌ کي بڻايو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) جيئي سنڌ قومي محاذ (شهيد بشير خان) جي سربراهہ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي تہ سنڌ جي اقتصادي معاشي وسيلن جي ڪيل ڦرلٽ جو اقوام متحده کي نوٽيس وٺڻ گهرجي، اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان ۾ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي صدر غلام نبي ڪيريو سان سندس ماسي جي وفات سلسلي ۾ عذرخواهي ڪرڻ بعد ميڊيا سان پريس کي خطاب ڪندي ڪيو ، هن چيو تہ سنڌو جي وحدانيت کي نقصان رسائڻ لاءِ سامونڊي پٽي ، جابلو علائقن ، ٿر جي ڪوئلي ، ڪارونجهر جي ڪٽائي توڙي سنڌ ۾ غيرقانوني طور زمينن جي الاٽمينٽ سان سنڌ جي وجود کي ميسارڻ جي سازش ڪئي وڃي پئي ، سنڌ جا وسيلا ڌارين کي ڏئي سنڌ کي پنهنجي ئي وسيلن کان محروم رکيو ويو آهي ، سنڌ ۾ حڪمرانن جي نااهلي جي ڪري سنڌ جو عوام تعليم صحت ، پيئڻ جي پاڻي توڙي بنيادي سهولتن کان محروم آهي ، سنڌي ماڻهن جو معاشي طور ڪيل قتل ڪانپوءِ هاڻي سندن جسماني قتل لاءِ منشيات جو ڳوڙهہ سنڌ کي بڻايو ويو آهي سنڌ ۾ منشيات جا وڏا ذخيرا آڻي سنڌ جي نوجوان کي منشيات جو عادي مجرم بڻايو ويو آهي جنهن ۾ تعليمي ادارن ، يونيورسٽين ڪاليجن توڙي اسڪولن اندر شاگرد منشيات جو واهپو ائيس ، گهٽڪا استعمال ڪري رهيا آهن ، جيڪا نوجوان لاءِ نسل ڪشي آهي سنڌ ۾ حڪمران عوام جي ووٽ جي نالي ۾ ڪين صرف بيروزگاري بدحالي سان ڪين آپگهات ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن سنڌ جو عوام غربت جي لڪير ۾ هاڻي فقير بڻجي رهيو آهي جنهن جي ڪري ساڳي ملڪ ۾ صرف سنڌ جي اندر ڪراچي کان وٺي سکر تائين وڏن شهرن توڙي ننڍن شهرن ۾ بيناڪ فقير لکن جي تعداد ۾ روڊن رستن تي فقيري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي قاضي شمس بانڀڻ جي گهر تي حڪمران ڌر جي آشيرواد سان گهر تي حملو ڪرائي سندس گهر جي 9 گهرياتين عورتن مردن معصوم ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو ويو تہ وري گهر جي اندر ڦرلٽ ڪرائي لکين روپين جو نقصان رسايو ويو جنهن جو پوليس کو بہ ازالو ڪري نہ سگهي آهي صحافين جي ڀرپور احتجاج ڪانپوءِ صرف معاملي کي ايف آءِ آر ڪٽڻ تائين محدود رکيو ويو آهي جنهن جي ڪري جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي بي صورت ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جا ڪارڪن سڄي سنڌ اندر سينئر صحافي قاضي شمس بانڀڻ جي گهر تي ڪيل حملي خلاف ڀرپور احتجاج ڪندا ، انهي موقعي تي جيئي سنڌ قومي محاذ جو مرڪزي اڳواڻ ليافت ملاح ، گلشير ڪولاچي ، جاويد هاليپوٽو ، پير بخش باگڙائي ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

ٽنڊوباگو ۾ جي ڊي اي جو فهميده لغاري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوباگو (ت ر) سدائين پوزيشن ڪندڙ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميده لغاري جي المناڪ موت خلاف جي ڊي اي اڳواڻ شاهجهان ملاح، رئيس جهان خان ڪوسو، معشوق شاهہ مخدوم اڪبر ۽ امتياز لغاري جي اڳواڻي ۾ شادي سمال واهہ جي موڙي تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ سياسي ڪارڪنن شاگردن ۽ شهرين شرڪت ڪئي جن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي واقعي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ٻي طرف ٽنڊوباگو ۾ پريس ڪلب اڳيان سيد جمن شاهہ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پڻ شاگردياڻي فهميده لغاري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي فورن سمورا قاتل گرفتار ڪري بي گناهہ قتل ٿيل نياڻي سان انصاف ڪيو وڃي

ميرپورخاص آپگهات ڪندڙ فهميدا لغاريءَ ڪيس ۾ نامزد مُک جوابدار عدالت پيش

سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي جي پوليس مک جوابدار عابد لغاري کي ميرپورخاص عدالت پيش ڪيو

عدالت پوليس کي 4 ڏينهن جو پوليس ريمانڊ ڏيندي ٻڌٽي 16 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي

عدالت ۾ جوابدار جو 14 ڏينهن جي ريمانڊ بابت استدعا ڪئي،جنهن ۾ چار ڏينهن جو پوليس ريمانڊ مليو آهي:جاچ آفيسر

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ هراسمينٽ سبب آپگهات ڪندڙ شاگردياڻي فهميدا لغاريءَ جي ڪيس ۾ نامزد مُک جوابدار کي پوليس عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو عدالت پوليس کي چار ڏينهن جو پوليس ريمانڊ ڏيندي ٻڌٽي 16 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي... ميرپورخاص جي هڪ نجي يونيورسٽي ۾ هراسمينٽ ۽ ذهني تارچر سبب پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪندڙ فهميدا لغاريءَ جي ڪيس ۾ مُک نامزد جوابدار عابد لغاري کي سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي جي پوليس ءِ انويسٽيگيشن آفيسر انسپيڪٽر ڪامران هاليپوٽو فرسٽ جوڊيشل ميجسٽريٽ اينڊ سول جج ون جي عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت پوليس کي چئين ڏينهن جو پوليس ريمانڊ ڏيندي ٻڌٽي 16 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي، ان ڏس ۾ ڪيس جي انويسٽيگيشن آفيسر انسپيڪٽر ڪامران هاليپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پوليس معزز عدالت ۾ ڪيس جو مشير نامون پيش ڪندي گرفتار جوابدار جو 14 ڏينهن جي ريمانڊ بابت استدعا ڪئي جڏهن تہ عدالت سڳوري پوليس کي چار ڏينهن جو پوليس ريمانڊ ڏئي ڇڏيو آهي.... ياد رهي هراسمينٽ ۽ ذهني تارچر سبب پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪندڙ فهميدا لغاريءَ جو ڪيس سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي تي ڊاڪٽر فهميدا لغاريءَ جي مامي افتخار لغاريءَ جي مدعيت ۾ پنجن ڄاڻل جوابدار خلاف ڪيس داخل ٿيل آهي جڏهن تہ ٻن نامزد خانگي ميڊيڪل جي پرنسپل ظفر حسين سندس گهر واري پروفيسر فرزانہ پاران ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت مان حفاظتي ضمانت ڪرايل آهي جڏهن تہ ٻن جوابدارن عبدالله ۽ عبدالرحمان کي پوليس گرفتار ناهي ڪري سگهي...

ميرپورخاص فهميده لغاري ڪيس جي مک جوابدار عابد لغاري جو فائل فوٽو

ٽنڊو محمد خان ۾ صحافي قاضي شمس بانڀڻ جي گهر تي حملي جو 19 جوابدارن تي ڪيس داخل

هٿيارٻندن جي تشدد ۾ ٻن پٽن ۽ نياڻي سميت 9 گهرڀاتي زخمي ٿيا، لکين روپين جي ڦرلٽ ڪئي وئي

يوسي وائيس چيئرمين مشتاق بانڀڻ سميت جوابدار نامزد، پوليس طرفان اڃا تائين ڪا گرفتاري نہ ڪئي وئي

پريس ڪلب جو هنگامي اجلاس، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي قاضي شمس بانڀڻ جي گهر تي هٿيارٻندن جي حملي سندس ٻن پٽن ، نياڻي سميت گهر جي 9 ڀاتين کي زخمي ڪرڻ واري واقعي جي مونا ٿاڻي تي يوسي وائيس چيئرمين مشتاق بانڀڻ سميت 19 جوابدارن تي ايف آءِ آر داخل ، ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ اچي نہ سگهي ، ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي قاضي شمس بانڀڻ جي ٽنڊو غلام حيدر جي مونا ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ قاضي احمد ۾ گهر جي اندر هٿيارٻندن جي ڪيل حملي دوران لٺين ڪهاڙين لوهي سيکن جي حملي سان سندس ٻن پٽن قاضي شايان ، قاضي زين سندس نياڻي سميت پائرن پيٽن جي 9 ڄڻن کي زخمي ڪري سندن گهرن مان لکين روپين جي ڦرلٽ واري واقعي جي مونا پوليس اسٽيشن تي فريادي ڊاڪٽر قاضي امتياز بانڀڻ جي فرياد تي گناهہ نمبر 2026/22 تحت ڏفعه 324 - 397 - 452- 354- 427 - 337 ايڇ2 - 334 -337اي1 - ايف1 - 506/2 - 147-148-149 پي پي سي تحت ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ مک جوابدار حڪمران ڌر جي يونين ڪائونسل مونا جي وائيس چيئرمين مشتاق بانڀڻ ، محمد رفيق ، محبت علي، دوست علي ، غلام مصطفيٰ ، اياز علي ، فياض علي ، عبدالمجيد ، نورالدين ، قادر بخش ، نورحسن ، فرمان علي ، عبدالجبار، حيات علي ، پيار علي ، ضمير علي ، محمد حسن ولد محمد عثمان سميت 19 جوابدارن کي ايف آءِ آر ۾ نامزد ڪيو ويو آهي ، پوليس ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ نہ آندي آهي ، ايف آءِ آر ۾ آزادي قتل، گهر جي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ ،نياڻين ٻارن تي تشدد ، ڦرلٽ ، گاڏين جا شيشا ٽوڙڻ جو ذڪر شامل آهي ، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ سينئر صحافي قاضي شمس بانڀڻ جي گهر تي حملي ۽ 9 گهرڀاتين کي زخمي ڪرڻ واري معاملي تي ٻيهر هنگامي اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ مونا ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ تي صحافين جي ڪيل جدوجهد جي ڪاميابي قرار ڏنو ويو جنهن ۾ ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي تہ ايف آءِ آر ۾ نامزد ڪيل سمورا جوابدار جلد گرفتار ڪيا وڃن.

مسو ڀرڳڙي زال جي واپسي لاءِ ڪوٽڙي واسي احتجاج ڪندي

حيدرآباد ۾ ڪاشف باڱي جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي قاسم آباد واري علائقي پونم پٽرول پمپ پرسان واقع سنڌ اپارٽمينٽ جي فليٽ ۾ گولي هڻي قتل ڪيل ڪاشف باڱي جا قاتل مهينو گذرڻ باوجود پوليس گرفتار نہ ڪري سگهي آهي، جنهن خلاف سياسي، سماجي ڌرين جي سڏ تي ڪاشف باڱي جي ڀاءُ آصف ٽالپر خاني، امتياز ميرالي، ارشاد خاصخيلي، رستم لاشاري، امداد ڏومڪي، قاضي عامر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، هنن خطاب ڪندي چيو تہ مهينو اڳ ڪاشف باڱي کي قاسم آباد ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو.

مسو ڀرڳڙي ۾ ڪوٽڙي واسي جو زال جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

اسماعيل ڪوسو گهر تي حملو ڪري منهنجي گهرواري کي اغوا ڪري ويو آهي:نظر علي

معاملي جو ايس ايس پي جام شورو ڊي آءِ جي حيدرآباد نوٽيس وٺي زال واپس ڪرائين

مسوڀرڳڙي (ن ع) زال واپس ڪريو مسوڀرڳڙي پريس ڪلب تي ڪوٽڙي واسي نظير علي ولد عبداللطيف ڪوسو جو منهن مٽو پٽيندي احتجاج ڳوٺ بيگو خان مير جت تعلقو ڪوٽڙي جي رهواسي نظر علي احتجاج ڪندي ، چيو آهي تہ منهنجي شادي نالي سلمہ ذات ڪوسو ڌي احسان علي سان 4 مهينا اڳ ٿي ، ڪجهہ ڏينهن ٻهرين نالي اسماعيل ڪوسو ڪجهہ هٿيار بند ساٿ ڪري منهنجي گهر تي هلان ڪري مون تي تشدد ڪري منهنجي گهر واري کي اغوا ڪري ويو آهي هن چيو تہ هن معاملي م منهنجي گهر واري جا مائٽ سهولت ڪار بڻيل آهن جڏهن تہ هنن منهنجي خلاف جام شورو ٿاڻي تي شڪايت ڪري پوليس منهنجي پويان لڳائي ڇڏي آهي هن چيو تہ هاڻ اسماعيل ڪوسو ۽ چوڪري جا مائٽ مون تي زوري پريشر وجهي زال کي طلاق ڏيارڻ لاءِ زور وجهي رهيا آهن هن چيو تہ اهيو مون سان سراسر ظلم آهي هن چيو تہ هن معاملي جو ايس ايس پي جام شورو ڊي آءِ جي حيدرآباد ، وزير اعليٰ سنڌ ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان اپيل ٿو ڪيان تہ منهنجي هن دردمند اپيل تي غور ڪري منهنجي گهر واري مون کي واپس ڪرائي مون سان انصاف ڪيو وڃي.

نئون ڳوٺ دودو ديشي ميڊيا سان ڳالهائيندي

پنگريو ۾ نوڪرين ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف پ پ ورڪرن ۽ جيالن جو احتجاج

پنگريو (ن ع) بدين ضلع ۾ 1ڪان 4اسڪيل جي نوڪرين ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف پ پ ورڪرن ۽ جيالن جو پريس ڪلب پنگريو اڳيان احتجاجي مظاهرو پ پ ورڪرن ڪارڪنن محمد خان انڙ اشرف شورو ملو مزاري پنهون ڪولهي ۽ ٻين هٿ ۾ بينر ۽ پيپلزپارٽي جا جهنڊا کڻي نعري بازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن چيو تہ اصل ڪارڪنن کي نظرانداز ڪري وڏيرن بااثر ماڻهن ۽ چونڊيل نمائندن پنهنجي ڊرائيورن ڪمدارن ڪوتارن کي نوڪرين جا آرڊر ڏئي سندن حق تي ڏاڙو هنيو آهي ننڍيا نوڪرين جا آرڊر غريب ڪارڪنن جي اولاد ڪولهي ڀيل گجراتي سميت هارين مزدورن جي اولاد جو حق آهي تہ کي وڏن ماڻهن جي نوڪرڻ جو حق آهي هنن پ پ قيادت کان مطالبو ڪيو تہ بدين ضلع ۾ ڪارڪنن سان ٿيل ناانصافي جو نوٽيس وٺي ڪين نوڪريون ڏنيون وڃن ٻي صورت ۾ ڳڙهي خدابخش ۾ شهيدن جي مزارن اڳيان احتجاجن پاڻ ساڙينداسين

راڌڻ ايم ايل-2 تي ٽرينون بند ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ايم ايل-2 تي ٽرينون بند ٿيڻ خلاف راڌڻ ۾ احتجاجي مظاهرو

سماجي ڪارڪنن ۽ شهرين جو ريلوي اسٽيشن تي مظاهرو ڪري نعريبازي

سنڌ سان ناانصافي، پنجاب ۾ نيون ٽرينون جڏهن تہ هتي سروس بند ڪئي وئي آهي:مظاهرين

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ريلوي اسٽيشن پليٽ فارم تي سماجي ڪارڪن صحافي حسين بخش بروهي، نظير احمد بروهي، مظهر علي پنهور جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي سيوهڻ دادو راڌڻ لاڙڪاڻو حبيب ڪوٽ ريلوي سيڪشن (ايم ايل-2) تي بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو تہ تيل نہ هجڻ جو بهانو بڻائي ايم ايل ٽو تي ريل گاڏيون بند ڪرڻ ۽ ايم ايل ون تي پنجاب جون گاڏيون هلائڻ سنڌ سان ويساهہ گهاتي آهي هنن الزام هنيو تہ لاهور ۾ ويٺل متعصب ريلوي آفيسر خاص طور تي سنڌ دشمن پاليسي تحت ٽرينن جي سروس خراب ڪري رهيا آهن تہ جيئن روڊ ٽرانسپورٽرن کي فائدو ملي جڏهن تہ ايم ايل 1 تي روز نيون ٽرينون هلائي پنجاب واسين کي نوازي رهيا آهن پر ايم ايل اي 2 تي هلندڙ گاڏيون بند ڪيون ويون آهن احتجاج ڪندڙن ٻڌايو هاڻي خوشحال خان خٽڪ ۽ بولان ميل ۽ موئن جو دڙو ايڪسپريس موچڪو بند ڪيون ويون آهن جڏهن تہ ايم ايل ٽو حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ ٽلٽين ڪيمپ مضبوط ڪلين پٽڙي وڇائي وڃي ان سان گڏ اسٽيشنن تي بنيادي سهولتون جهڙوڪ ٽڊو پاڻي واش روم وغيره پڻ نہ آهن.اهي تعمير ڪيا وڃن يا جتي پراڻا تباهہ ٿيل آهن انهن جي مرمت ڪرائي وڃي مظاهرين وفاقي وزير ريلوي، جنرل مينيجر ريلوي، ڊي ايس سکر ۽ ڪراچي کان مطالبو ڪيو تہ بند گاڏيون بحال ڪيون وڃن ڪراچي کان پشاور ويندڙ خوشحال خان خٽڪ ٽرين ڪراچي کان پشاور ۽ پشاور کان ڪراچي ۽ ڪراچي کان ڪوئيٽا ويندڙ بولان ميل ڪراچي کان ڪوئيٽا ۽ ڪوئيٽا کان ڪراچي هر روز هلايون وڃن ايم ايل-2 ٽريڪ جي مرمت ڪئي وڃي ۽ سفري سهولتون بهتر بڻايون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن جو بي سيڪشن پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس رات وقت گهرن تي چڙهائي ڪري سيڙهي کي ٿاڻي تي کڻي وئي:مظاهرين

اسان تي ڪوڙا ڪيس ڪيا ويا آهن، گهر ۾ پيل قيمتي سامان پوليس کڻي وئي آهي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن پاران بي سيڪشن پوليس جي گهرن تي چڙهائي ۽ مردن توڙي عورتن کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي کڻي وڃڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهري بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ميانداد مجيداڻو سندس والده نجما ۽ ڀيڻ ڀاڳيري مجيداڻو ڏانهيندي چيو تہ جمعي جي رات 12 وڳي ڌاري بي سيڪشن پوليس ثناءَالله ميمڻ جي ڪوڙي فرياد تي بغير ليڊيز پوليس اهلڪارن جي ڳوٺ محرم علي سنجراڻي لڳ اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري اسان جي چاچي دودي سميت اسان سيڙهي کي ٿاڻي تي کڻي وئي، پوليس ڪاهہ دوران گهر ۾ رکيل 2 لک روپيا روڪ رقم کڻي وئي، ڀاڳيري جي ڳچي ۾ پاتل سوني چين لاهي ورتي ۽ هڪ موٽر سائيڪل کاهي وئي ۽ 2 موبائل فون بہ کڻي وئي هنن چيو تہ ثناءَالله ميمڻ اسان جي خلاف زمين جي وڪري جو ڪوڙو ايگريمنٽ ٺهرائي، اسان جي خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي ان بعد اسان جي 25 ايڪڙ ۽ 25 گهنٽا زمين تي هٿيارٻندن ذريعي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ ثناءَالله ۽ عبدالشڪور لغاري زمين کي ڪيڙي پوکي ڪرائي رهيا آهن. جڏهن تہ زمين بابت اسان جو ڪيس عدالت ۾ پڻ هلندڙ آهي ۽ هنن سڀ ڪجهہ غير قانوني طور ڪيو آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ پوليس پاران کنيل روڪ رقم، سونو لاڪيٽ ۽ موٽر سائيڪل واپس ڏياريو وڃي.

ٽنڊو باگو فهميده لغاري واقعي جا جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

پنگريو ۾ واپارين تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ڪوسا برادري جو احتجاج

پوليس واپارين کي هوٽل تان کڻي ڪوڙي ڪيس ۾ چالان ڪيو آهي: مظاهرين

اصل منشيات فروشن تي ڪيس داخل نٿا ڪيا وڃن اعليٰ اختيارين معاملي جو نوٽيس وٺن

پنگريو(ن ع) پنگريو شهر ۾ پنگريو پوليس مال جي واپاري کي هوٽل تان کڻي منشيات جي ڪيس ۾ چالان ڪري ڇڏيو ڪوسا برادري جو پريس ڪلب پنگريو اڳيان يوسي سمن سرڪار جي اڳواڻي وائيس چيئرمين قربان ڪوسو رجب ڪوسو رفيق ڪوسو مريد ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج مظاهرو جتي ميڊيا سان ڳالهائيندي هنن چيو تہ پنگريو پوليس مال جي واپاري رشيد ڪوسوکي هوٽل تان سول ڪپڙا پهريل پوليس اهلڪارن گرفتار ڪري پرائيويٽ ڪوارٽر تي کڻي ويا جتي سندس کيسي ۾ پيل ٽي لک رپيا کڻي ورتا ۽ مٿس منشيات جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي هنن وڌيڪ چيو تہ اصل منشيات فروشن تي ڪيس داخل نٿا ڪيا وڃن ۽ بي گناهہ ماڻهن تي ڪيس داخل ڪري منشيات فروشن کي بچائي رهي آهي هنن اهيو بہ چيو تہ پوليس وارن راڙڌڻ شورو ۽ شاهہ ويڙهو وارن جون پنگريو ۾ منشيات جون 10 کان وڌيڪ ماڊيون هلن پيون انهن کي بچائڻ لاءِ منشيات جون ڪوڙيون ايف آءِ آرون ڪاٽي ٻين ماڻهن کي ڦاسايو پيو وڃي انهي موقع تي هنن ايس ايس پي بدين آءِ جي سنڌ ۽ وسوارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ واپاري کي گرفتار ڪري ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري پيسا کڻندڙ ايس ايڇ او پنگريو ٻين پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

پنگريو واپارين تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ڪوسا برادري احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاج

40مارڪون ڪندڙ اميدوارن جي ريڪنسي پوزيشن ۽ ڊيٽا فراهم ڪيو وڃي:مظاهرين

تعليم کاتو حيدرآباد مقامي پڙهيل لکيل نوجوانن جو حق مارڻ ۾ شامل آهي نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آئي بي اي ٽيسٽ پاس 40 کان وڌيڪ مارڪون ڪندڙ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي اميدوارن نوڪريون نہ ملڻ خلاف ڪالهہ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري جي آفيس سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي.ان موقعي ماسٽري جي اميدوارن اياز مگسي،ڊاڪٽر عارف حسين ڪليري،ظهير لغاري،فهد شيخ،سمينا، سعديا شيخ ۽ ٻين اميدوار چيو تہ تازو ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ طرفان ليٽر جاري ڪيو ويو آهي تہ تمام 40 مارڪون ڪندڙ اميدوارن جي ويڪنسي پوزيشن ۽ ڊيٽا فراهم ڪيو وڃي پر حيدرآباد جنهن ۾ تعلقي قاسم آباد ۾ سڀني کان وڌيڪ ٻين شهرن کان بدلي ٿي آيلن جو انگ سڀ کان وڌيڪ آهي جنهن سبب حيدرآباد جي مقامي اميدوارن جو حق ماريو ٿو وڃي جڏهن تہ ڊي اي او آفيس طرفان ماسٽري جي خالي جاڳين جا انگ اکر نٿا ڏنا وڃن جنهن مان صاف ظاهر ٿي رهيو آهي تعليم کاتو حيدرآباد مقامي پڙهيل لکيل نوجوانن جو حق مارڻ ۾ شامل آهي. هنن چيو تہ حيدرآباد شهر ۾ ٻين ضلعن کان بدلي ٿي آيل ماسترن جو انگ تمام گهڻو آهي ان ڪري نيون وڪينسيون ڪڍي ٽيسٽ پاس اميدوارن کي مقرر ڪيو وڃي.هنن تعليم کاتي سنڌ جي وزير کي اپيل ڪئي تہ پاليسي ۾ ترميم ڪري تعلقہ کان ڊويزن سطح تي آئي ٽيسٽ پاس اميدوارن نوڪريون ڏئي ڦهليل بي چيني ختم ڪئي وڃي

رشوت عيوض نوڪريون نااهل ماڻهن کي وڪرو ڪيو پيون وڃن:روشن سندر چانڊيو

آئيس سوڊ منشيات جو وڪرو سرعام پوليس جي مبينا سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ عوامي پارٽي جي مرڪزي چيئرمين ايڊووڪيٽ روشن سندر چانڊيو ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ايڊووڪيٽ خادم حسين ڪوسو ۽ ايڊووڪيٽ اي ڊي چانڊيو سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ سنڌ جي صورت حال تمام خراب آهي ڳري رشوت عيوض سرڪاري نوڪريون نااهل ماڻهن کي وڪرو ڪيو پيون وڃن پوري سنڌ ۾ آئيس سوڊ منشيات جو وڪرو سرعام پوليس جي مبينا سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي. سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين کي بليڪ ميل ڪري آپگهات تي مجبور ڪيو وڃي ٿو جيڪو عمل تعليمي ادارن ۽ صوبائي حڪومت جي نااهلي جو ثبوت آهي. تازو ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميدا لغاري آپگهات واقعو جنهن جو ثبوت آهي. هنن چيو تہ سنڌ جي وسيلن تي وفاق جو قبضو آهي جنهن سبب سنڌ جا لکين ماڻهو بيروزگاري جي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو تہ سنڌ ۾ گڊ گورننس جو نفاذ ڪري صوبي ۽ صوبي جي ماڻهن جي زندگي ۾ بهتري آندي وڃي

تعليمي ادارن ۾ سنڌ جون نياڻيون غير محفوظ آهن: دودو ديشي

نياڻي فهميده لغاري جي ڪيس ۾ جيڪي بہ ملوث آهن انهن کي سزا ڏني وڃي

سنڌ حڪومت ڀرپور ٿيندڙ اهڙا واقعا روڪي ها تہ اڄ اهڙا واقعا پيش نہ اچن ها

نئون ڳوٺ (ن ع) نئون ڳوٺ تعليمي ادارن ۾ سنڌ جون نياڻيون غير محفوظ آهن نياڻي فهميده لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي جيڪي بہ هن واقعي ۾ ملوث آهن انهن کي ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي اهڙو اظهار جيئي سنڌ قومپرست پارٽي جي مرڪزي وائيس چيئرمين ڪامريڊ دودو ديشي مذمتي پريس بيان جاري ڪندي ڪيو هن چيو تہ سنڌ جا تعليمي ادارا نياڻين لاءِ مقتل گاهہ بڻيل آهن ڊاڪٽر فهميده لغاري جي واقعي انسانيت کي لڄائي ڇڏيو آهي جيڪڏهن سنڌ حڪومت ڀرپور ٿيندڙ اهڙا واقعا روڪي ها تہ اڄ اهڙا واقعا پيش نہ اچن ها سنڌ حڪومت جي نااهلي ۽ ڪٿي بہ رٽ نہ آهي سنڌ ۾ انصاف قانون نالي ڪا شيءِ ناهي ڊاڪٽر فهميده لغاري جو واقعو ڪليل دهشتگردي آهي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي نہ تہ احتجاج ڪيو ويندو

جنگ جا اثر نہ صرف دنيا تي اثر انداز ٿيندا پر ان سان خطي ۾ تمام گهڻو عرصو قائم رهندو: نويد قمر

سڀ کان بهتر ڳالهيون ڪرڻ سٺو عمل آهي پاڪستان امن جي سلامتي لاءِ پوري دنيا ۾ پنهنجو ڪردار بهتر ادا ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاڪستان ميان شهباز شريف سان پ پ جي مفاهمت واري پاليسي قومي مفادن لاءِ بهتر آهي

اسانجي قائد شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو ويزن آهي تہ ملڪ کي ترقي وٺرائي عوام کي بنيادي سهولت ڏيڻ آهي: عبدالڪريم

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) اڳوڻي وفاقي وزير پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر آباد ڪار روڊ جي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺهيل اسڪيم جي افتتاح جي موقعي تي عبرت سان ڳالهائيندي چيو تہ جنگ جا اثر نہ صرف دنيا جي ملڪن تي اثر انداز ٿيندا پر ان سان خطي ۾ تمام گهڻو عرصو قائم رهندو سڀ کان بهتر ڳالهيون ڪرڻ سٺو عمل آهي پاڪستان امن جي سلامتي لاءِ پوري دنيا ۾ پنهنجو ڪردار بهتر ادا ڪري رهيو آهي وزيراعظم پاڪستان ميان شهباز شريف سان پ پ جي مفاهمت واري پاليسي قومي مفادن لاءِ بهتر آهي هن چيو تہ پيپلز پارٽي عوام سان هر ڏکئي گهڙي ۾ گڏ آهي ۽ رهندي ان موقعي تي ميڊيا سان سابق پ پ ايم پي اي عبدالڪريم سومرو ڳالهائيندي چيو تہ عوام جا هر وقت خادم آهيون ۽ رهنداسين هن روڊ جي اسڪيم ٺهڻ سان لکين آبادي واري علائقن جي رهواسين کي بنيادي سهولت ملندي هن چيو اسانجي قائد شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو ويزن آهي تہ ملڪ کي ترقي وٺرائي عوام کي بنيادي سهولت ڏيڻ اسان ان عزم سان عوام جي خدمت ڪيون ٿا ۽ پ پ ايم پي اي سيد اعجاز شاهہ حسين شاهہ بخاري چيو تہ پ پ هميشہ عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪيا آهن شهرن توڙي ٻهراڙين اندر روڊ ،صحت مرڪز،اسڪول ڪروڙين روپين لاڳت سان پراجيڪٽ مڪمل ٿي رهيا آهن جيڪي عوام حوالي ڪيا پيا وڃن هن چيو تہ پيپلز پارٽي عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي اسان هر وقت عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو چيو تہ اسان پنهنجي بهادر شهيدن پ پ جي قائدين جي نقش قدم تي هلي عوام جي خدمت ۽ انهن جي ساٿ ۾ يقين رکون ٿا جن سدائين همت محنت ڪري پ پ جي نمائندن جو ساٿ ڏيئي پ پ مخالفن کي ڀرپور شڪستون ڏنيون .ان موقعي تي پ پ يوسي چيئرمين ظهير احمد ٿند ضلعي وائيس چيئرمين غلام مصطفا جت، چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي شاهنواز شاهہ بخاري،ڊي سي ڊرمو مل باواڻي، شهباز اڪبر لغاري،نظير جلالاڻي،ڊاڪٽر مير حسن صلاح علي نواز لنڊ، ٻبو ميمڻ،حاجي عباس سڪيو ۽ موجود هئا.

ٽنڊومحمدخان اڳوڻو وفاقي وزير سيد نويد قمر اسڪيم جي افتتاح ڪري دعا گهري رهيو آهي

اوڏيرولال ۾ پرياسي ارڙي جو ڊي ايڇ او مٽياري نوٽيس ورتو، ٽيمون پهچي ٻارن کي ويڪسين ڪئي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن ۽ پرياسي ارڙي جا ڪيس ظاهر ٿيڻ بعد ڊي ايڇ او مٽياري نوٽيس ورتو رئيس لاکو . جي تعاون سان يونين ڪائونسل اوڏيرولال اسٽيشن جي مختلف ڳوٺن ۾ ٽيمون پهچي 5 سالن تائين ٻارن کي ويڪسين ڪندي ويڪسينيٽرن محمد رمضان خشڪ ۽ چيو تہ ڊي ايڇ او مٽياري سيد آصف شاهہ جي هدايتن تي مختلف ڳوٺن ۾ وڃي ارڙي جي ويڪسين ڪري رهيا آهيون جيئن معصوم ٻار ارڙي جهڙي مرض کان بچي سگهن.

اوڏيرولال ارڙي جو ڊي ايڇ او مٽياري جي نوٽيس بعد ٻارن کي ويڪسين ڪئي پئي وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ گورهوڙ شريف جي رهواسي جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) گرهوڙ شريف جو رهواسي امداد علي هاليپوٽو زرعي زمين تي قبضي ۽ ڌمڪيون ڏيڻ خلاف بااثرن جي ڏانهن کڻي پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي امداد علي هاليپوٽو چيو تہ منهنجي ڏاڏي دوس محمد هاليپوٽو جي نالي تي ٽنڊوالهيار جي ڪاماروشريف اسٽيشن لڳ ديہ لاڪيار ۾ سروي نمبر 28/29 موجب اٺ ايڪڙ سٽ گهنٽا زرعي زمين آهي جنهن ۾ دوس محمد جي حصي جو 21 پئسا حصو هڪ ايڪڙ ساڍا 28 گهنٽا ايراضي ٿئي ٿي هن چيو تہ اسين مذڪوره زمين جا جائز وارث آهيون جنهن تي هن وقت سعود احمد ولد محمد هاشم درس زبردستي قبضو ڪريو ويٺو آهي هن زمين کي قبائڻ لاءِ سعود احمد درس اي ڊي سي ون وٽ اسان جي خلاف اپيل داخل ڪئي هئي جيڪا اي ڊي سي ون وٽان رد ٿي چڪي آهي امداد علي هاليپوٽو وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن اسين پنهنجي حصي واري زمين تي وڃون ٿا تہ بااثرن طرفان اسان کي جاني نقصان جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون هنن مطالبو ڪيو تہ زمين واپس ڪيو وڃي ٿو.

دادو ۾ ڳوٺاڻي جو بااثر پاران تشدد ڪرڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دادو(ڊ-ر) دادو پرسان ڳوٺ خيرو پنهور جي رهواسي مير محمد پنهور دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ ڳوٺ جي وڏيري رمضان پنهور ۽ سندس ساٿين هارون ، ايوب ، ابراهيم پنهور ، قادر بخش ، مبارڪ ، غلام مصطفي پنهور ، مجيب پنهور ۽ ٻين اڄ مون مٿان لوهي شيخن سان حملو ڪري مونکي سخت زخمي ڪيو آهي ، هنن چيو تہ خدا آباد جي پرسان درگاهہ سيد علي موسي ، سيد درگاهہ نور شاهہ جي قديمي قبرستان مان وڻ وڍي ۽ قبرستان جي زمين تي قبضو ڪري رهيا آهن منع ڪرڻ هي هاڻ مونکي مارڻ جي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن چيو تہ قبرستان جي زمين تي قبضو ڪندڙ وڏيري رمضان پنهور جي پٽ شير خان کي اڳوڻي ايس ايس پي دادو ڦر ڪرڻ تي پوليس مقابلي ۾ زخمي ڪيو هيو ۽ عادي ڏوهاري آهن جيڪي سزا کائي جيل مان آزاد ٿيا آهن ، ٻيهر بہ درگاهہ سيد علي موسي تي قبضي ۽ وڻ وڍڻ خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن ڪيس ۾ 7 ڄڻا جوابدار طور نامزد آهن ، مون مٿان حملو ڪندڙ ڳوٺ جي مسجد مان بيٽري چوري ڪيو آهن ، پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ڳوٺ جي قديمي قبرستان جي زمين ۽ وڻ وڍي وڪرو ڪندڙ ۽ مون مٿان مارڻ جي نيت سان حملو ڪندڙ خلاف ڪيس داخل ڪري مقابر جي زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي

ٽنڊو باگو ۾ پ پ ڪارڪن جو نوڪرين ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوباگو(ات ر) ٽنڊوباگو ۾ پ پ ڪارڪن جو نوڪرين جي فائينل نالن واري لسٽ مان سندن نالا ڪٽي من پسند ماڻهن کي نوڪرين جا آرڊر ڏيڻ خلاف پنهنجي پارٽي جي اڳواڻن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪن ڏينهن کان پوءِ بينظير ڀٽو جي مزار اڳيان بک هڙتال شروع ڪرڻ جو اعلان خبر موجب سنڌ حڪومت پاران هڪ کان چوٿين گريڊ جا نوڪرين جي جاري ڪيل آرڊرن ۾ نظرانداز ڪيل پيپلزپارٽي جي بيروزگار ڪارڪنن جي وڏي تعداد پريس ڪلب ٽنڊوباگو اڳيان پيپلزپارٽي جا جهنڊا کڻي پيپلزپارٽي پارٽي جي ضلع ۽ سنڌ جي قيادت خلاف علي اصغر جوڻيجو الهجڙايو سيال عبدالڪريم درس صدام حسين شاهہ عرفان ملاح ۽ سابق ڪائونسلر چنو ڪولهي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن پيپلزپارٽي جي ضلع صوبائي قيادت ضلع جي ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز تي الزام هڻندي چيو تہ 2023 ۾ نوڪرين جي فائينل ٿيل لسٽ ۾ اسان جا نالا شامل هئا، پر ٻہ ڏينهن اڳ اسان ڪارڪنن جا نالا لسٽ مان ڪٽي پنهنجن من پسند ماڻهن کي نوڪرين جا آرڊر ڏنا ويا آهن اسان ڪارڪنن سان وڏي ناانصافي ڪئي وئي آهي هنن چيو تہ اسان جو مسئلو حل نہ ڪيو ويو تہ ڪن ڏينهن کان پوءِ شهيد بينظير ڀٽو جي مزار اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري مرڻ گهوڙيءَ تائين بک هڙتال شروع ڪنداسين

هالا ۾ لوڊشيڊنگ جو بحران شدت اختيار، حيسڪو خلاف احتجاج

بااثر شخصيتن لاءِ فري فيڊر، عام شهرين لاءِ ڏکي غير اعلانيہ لوڊشيڊنگ آهي:مظاهرين

بااثر ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ عام صارفين کي پريشان ڪيو پيو وڃي، نوٽيس ورتو

هالا (ن.ع)حيسڪو جي ڪارڪردگي تي سنجيده سوال اٿڻ لڳا، ذريعن موجب حيسڪو بااثرشخصيتن کان 15 ارب روپيہ بقايا وصولي ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪو آهي جنهن جو بار عام صارفين تي وڌو ويو آهي، حيسڪو هالا ۾ ڪمرشل ايريا کي ڇڏي بااثر شخصيتن لاءِ هڪ فيڊر کي سخت گرمي ۾ لوڊشيڊنگ کان مستثني قرار ڏنو جڏهن تہ شهر جي ٻين علائقن ۾ ڏکي ۽ غير اعلانيہ لوڊشيڊنگ جاري آهي جنهن شهري زندگي کي سخت متاثر ۽ مفلوج ڪري ڇڏيو آهي ذريعن جو چوڻ آهي تہ هالا سميت مٽياري ضلعي ۾ حيسڪو آفيسرن ۽ عملي جي مبينا ملي ڀڳت ڪندا سسٽم ۽ بجلي چوري پولن تي ناڪارہ اونڌا ۽ بوگس ميٽر لڳائڻ سان گڏوگڏ ناڪارہ تارن ۾ بجلي جي ليڪيدار نظام واري صورتحال کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي، شهري، سماجي سياسي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن الزام لڳايو آهي تہ بااثر ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ عام صارفين کي پريشان ڪيو پيو وڃي هنن الزام هنيو تہ اهو ئي عوام نواز ليگ ۽ پي پي کي شايد انهي لاءِ ووٽ ڏنو تہ جيئن حيسڪو آفيسر ۽ عملو پارٽي جي منشور جي برعڪس قدم کڻن ۽ ادارن جي ڪارڪردگي تي عوام ۾ نفرت ڦهلائجي اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ حيسڪو آفيسرن ۽ عملي جي اثاثن جي بہ شفاف جاچ ڪرائي وڃي تہ جيئن مبينا ڪرپشن بي نقاب ٿي سگهي، شهري، سماجي، سياسي ۽ مذهبي تنظيمون سراپا احتجاج بڻجي وفاقي وزير توانائي، سيڪريٽري پاور ،حيسڪو چيف ايگزيڪٽو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان فوري طور تي نوٽيس وٺي شفاف جاچ، غيرامتيازي ڪاروائي ۽ عوام کي رليف ڏيڻي لوڊشيڊنگ جي مڪمل خاتمي جو مطالبو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ موقف ڏيندي ڊائريڪٽر آپريشن اعجاز شيخ چيو تہ هالاشهر سميت ضلع جي ٻين علائقن ۾ بہ جلد ئي لوڊشيڊنگ فيڊر قائم ڪيا ويندا جڏهن تہ بقايا جات وصولي لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن پيون وڌيڪ ان مسئلن جي لاءِ حيسڪو چيف ايگزيڪٽو ۽ اعلا اختيارين کي آگاهي ڏني وڃي

هالا حيسڪو جي مبينا ڪرپشن سبب لڳل ناڪارہ بجلي جا ميٽر ٻئي طرف شهري ڏانهين رهيا آهن

ڊيزل اگهن ۾ واڌ خلاف سنڌ آبادگار اتحاد جو احتجاجي تحريڪ جو اعلان

ڪڻڪ 4500 في مڻ ۽ ڦٽين 10 هزار رپيا في مڻ مقرر ڪئي وڃي: اڳواڻ

تيل اگهن ۾ واڌ سان زراعت سخت متاثر پئي ٿي، 20 اپريل کان مهم شروع ڪئي ويندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ آبادگار اتحاد ڊيزل اگهن ۾ واڌ کي رد ڪندي ڪڻڪ 4500 ۽ ڦٽين جو اگهہ 10هزار رپيا مڻ جي گهر ڪندي 20اپريل کان احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ آباد گار اتحاد جي صدر نواب زبير ٽالپر ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ تازو ايران آمريڪا ۽ اسرائيل جنگ سبب پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ زندگي جي سمورن شعبن کي متاثر ڪيو آهي زراعت ۽ ان سان لاڳاپيل آبادگارن ۽ هارين کي سخت متاثر ڪيو آهي. ايران آمريڪا ۽ اسرائيل جنگ سبب دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ايترا تيل جا اگهہ نہ وڌيا جيترا اسان جي حڪمرانن وڌي عوام کان جيئڻ جو حق بہ کسي ورتو. هن چيو تہ آئي ايم ايف جو خوف ڏئي فصلن جا اگهہ جاري نہ پيا ڪيا وڃن جيڪڏهن آئي ايم ايف روڪي ها تہ ڪڻڪ جو اگهہ هلندڙ سال 3500ڪيئن اعلان ڪيو ويو جيڪو خرچ جي حساب سان واري ۾ ئي ناهي. زرعي دوائن ۽ ٻاڻ جا اگهہ حد کان وڌيڪ وڌي ويا آهن. نقلي ٻاڻ ۽ زرعي دوائن جو وڪرو سرعام هلي رهيو آهي. هن چيو تہ پاڪستان ۾ تيل جي پورائي 70سيڪڙو مقامي رفائنريز مان ٿيندي آهي جڏهن تہ 30سيڪڙو ٻاهرين ملڪن مان تيل گهرايو ويندو آهي. پر ان باوجود تيل جا اگهہ حد کان وڌيڪ وڌائي ماڻهن لاءِ وفاقي حڪومت مشڪلاتن ۾ وڌا ڪري ڇڏيا آهي. گهر تہ ملڪ سبب فصلن جو خرچ بہ ٽئون ٽڪري. افغانستان بارڊر بند ٿيڻ سبب آبادگارن کي تمام وڏو نقصان ٿي رهيو آهي. حڪومت 400کان وڌيڪ پيسٽيسائيڊ ڪمپنين کي جعلي قرار ڏنو هو پر انهن جي لسٽ پڌري نٿي ڪئي وڃي، جنهن سبب فصلن کي وڏو نقصان پهچي رهيو آهي. هن مطالبو ڪيو تہ ڪڻڪ جو في مڻ 45 سو رپيا ۽ ڪپهہ جو اگهہ 10 هزار رپيا مڻ مقرر ڪيو وڃي. ڊيزل جو في ليٽر جنگ کان وارو ريٽ 290 رپيا ليٽر مقرر ڪيو وڃي.ٻي صورت ۾ مطالبن جي منظوري تائين شروع ٿيندڙ احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

دادو ڳوٺاڻو بااثرن خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊومحمدخان ۾ پيسٽيسائيڊ فرينڊز گروپ جو فهميده لغاري واقعي خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ ميرپورخاص يونيورسٽي جي ميڊيڪل شاگردياڻي فهميده لغاري جي آپگهات واري ڪيس ۾ جوابدارن جي گرفتاري نہ ٿيڻ خلاف پيسٽيسائيڊ فرينڊز گروپ طرفان ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ، ان موقعي تي مظاهرين آصف چانڊيو ،جسقم اڳواڻ جاويد هاليپوٽو ۽ ٻين چيو تہ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ سنڌ جون نياڻيون غير محفوظ آهن ، سنڌ جا تعليمي ادارا نياڻين لاءِ مقتل گاهہ بڻيل آهن ڊاڪٽر فهميدا لغاري واري واقعي انسانيت جا ڪنڌ شرم سان جهڪائي ڇڏيا آهن سنڌ حڪومت ڀرين ٿيندڙ اهڙا واقعا روڪي ها تہ ٻيهر اهڙو واقعو پيش نہ اچي ها ، نياڻي فهميده لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ، جيڪي بہ هن واقعي ۾ ملوث آهن انهن کي ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي ، هنن چيو تہ سنڌ حڪومت جي ڪٿي بہ رٽ نظر نہ اچي رهي آهي جنهن ڪري سنڌ ۾ انصاف ۽ قانون نالي ڪا بہ شئي ڏسڻ ۾ نٿي اچي ، ڊاڪٽر فهميدا لغاري جو واقعو ڪليل دهشتگردي آهي شاگردياڻي جي خون سان جيستائين انصاف نہ ٿئي تيستائين سموري سنڌ جي سول سوسائٽي پاران احتجاج جو سلسلو جاري رهندو ، ان موقعي تي مظاهرين فوري طور ميڊيڪل شاگردياڻي فهميده لغاري کي حراسان ڪري آپگهات ڪرڻ تي مجبور ڪندڙ انتظاميہ کي گرفتار ڪري ان کان سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو .

عمره جي سعادت کان واپسي تي اصغر علي يوسفزئي جو شاندار استقبال

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) اڳوڻي ڪينٽونمينٽ ڪائونسلر اصغر علي خان يوسفزئي کي عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ ۽ حرمين شريفين جي بابرڪت حاضري کان واپسي تي پاڪستان سُني تحريڪ جي صوبائي اڳواڻ سيد ساجد علي ڪاظمي، سينئر صحافي غلام قادر توصيفي، سردار شيخ، پروفيسر ناظم علي خان ماتلوي، يوسفزئي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مشاورتي ڪائونسل جي اڳواڻن وفد سميت شهباز خان يوسفزئي نجيب خان يوسفزئي پيپلز پارٽي ڪينٽونمينٽ حلقي 6 جي جنرل سيڪريٽري عتيق خان ديسوالي ۽ ڪامران خان وفد سان گڏجي سندن رهائشگاهہ تي پهچي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي

ٽنڊو باگو پ پ ڪارڪن نوڪرين ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج ڪندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪبار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 13 اپريل 2026ع

ڳالهيون: ناڪام معاهدو يا نئين سفارتڪاريءَ جي شروعات؟

اسلام آباد ۾ ٿيل ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ اهم ۽ ڊگهن سفارتي ڳالهين ڪانپوءِ ڪو حتمي معاهدو سامهون نه اچي سگهيو آهي، جيڪو هڪ طرف مايوسيءَ جو سبب آهي ته ٻي طرف مستقبل جي امڪانن لاءِ در به کولي ٿو. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس پنهنجي پريس بريفنگ ۾ هن صورتحال کي "سٺي ۽ خراب خبر" قرار ڏنو. سٺي ڳالهه اها ٻڌائي وئي ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ سنجيده ۽ بامعنيٰ ڳالهه ٻولهه ٿي، جڏهن ته خراب خبر اها آهي ته ڪنهن به معاهدي تي اتفاق نه ٿي سگهيو. 21 ڪلاڪن تائين جاري رهندڙ هي ڳالهيون سفارتي دنيا ۾ غير معمولي اهميت رکن ٿيون. عام طور اهڙي سطح جا معاهدا مهينن ۽ ڪڏهن سالن جي ڳالهين ڪانپوءِ طئي ٿيندا آهن، جيئن ته ڏهه سال اڳ ٿيل ايران- آمريڪا جوهري معاهدو، جنهن کي مڪمل ٿيڻ ۾ لڳ ڀڳ 18 مهينا لڳا هئا. ان پسمنظر ۾ اسلام آباد واري هڪ ئي ڊگهي نشست مان فوري نتيجا نڪرڻ جي اميد رکڻ حقيقت پسندانه نه هئي.

آمريڪي وفد جو موقف هو ايران کي جوهري هٿيارن جي حوالي سان واضح ۽ مثبت يقين ڏيارڻو پوندو، جي ڊي وينس جو چوڻ هو ته ايران طرفان اهڙو ڪو به واضح عزم سامهون نه آيو، جنهن ڪري آمريڪا بغير ڪنهن ڊيل جي واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. آمريڪا جو خيال هو ته تازين جنگي حالتن سبب ايران ڪمزور پوزيشن ۾ هوندو ۽ آسانيءَ سان سندن شرط قبول ڪندو، پر حقيقت ان جي ابتڙ نڪتي. ٻئي پاسي ايراني وفد جي سربراهه محمد باقر قاليباف جو موقف به انتهائي مضبوط ۽ اصولي رهيو. هن صاف لفظن ۾ چيو ته ايران وٽ ڳالهين لاءِ نيڪ نيتي ضرور آهي، پر گذريل جنگين جي تجربن سبب آمريڪا تي مڪمل اعتماد ڪرڻ ممڪن ناهي. هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا هاڻي اهو فيصلو ڪري ته ڇا هو ايران جو اعتماد حاصل ڪرڻ چاهي ٿو يا نه؟ ايران جو اهو به موقف رهيو ته هو رڳو سفارتڪاريءَ تي ڀاڙڻ لاءِ تيار ناهي، پر پنهنجي قومي مفادن جي حفاظت لاءِ فوجي صلاحيتن کي به اهميت ڏئي ٿو. آبنائي هرمز جهڙي اهم سامونڊي رستي تي ڪنٽرول هجڻ ايران کي اڃا به هڪ اهم اسٽريٽجڪ طاقت بڻائي ٿو جيڪا عالمي سطح تي دٻاءُ وجهي سگهي ٿي. ان ڪري ايران پاڻ کي ڪمزور نه، پر هڪ مضبوط ۽ باوقار ڌر طور پيش ڪيو. ان سڄي عمل ۾ پاڪستان جو ڪردار نهايت اهم رهيو. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار نه رڳو ڳالهين جي ميزباني ڪئي، پر ٻنهي ڌرين وچ ۾ پل جو ڪم به ڪيو. هن پنهنجي بيان ۾ اميد ظاهر ڪئي ته ايران ۽ آمريڪا جنگبندي برقرار رکندا ۽ ڳالهين جو سلسلو جاري رکندا. پاڪستان جي هن مثبت ۽ متوازن ڪردار کي ٻنهي ملڪن طرفان ساراهيو ويو، جيڪو ملڪ لاءِ هڪ وڏي سفارتي ڪاميابي طور ڏٺو پيو وڃي. هيءَ ڳالهه به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته موجوده عالمي حالتن ۾ هر ننڍي اڳڀرائي به وڏي اهميت رکي ٿي. جيتوڻيڪ ڪو حتمي معاهدو نه ٿيو، پر ڳالهين جو جاري رهڻ پاڻ ۾ هڪ اهم ڪاميابي آهي. سفارتڪاريءَ جو بنيادي اصول ئي اهو آهي ته ڳالهه ٻولهه جا در بند نه ڪيا وڃن.

هاڻي اهم سوال اهو آهي ته اڳتي ڇا ٿيندو؟ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ لاءِ اهو هڪ اهم فيصلو آهي ته هو دٻاءُ ۽ تڪرار واري پاليسي جاري رکي يا ڳالهين کي اڳتي وڌائي. جيڪڏهن دٻاءُ وڌايو ويو ته خطي ۾ ڇڪتاڻ تهائين وڌي سگهي ٿي، جيڪا عالمي معيشت ۽ امن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. جڏهن ته ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ سان ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي حل نڪرڻ جا امڪان موجود رهن ٿا. اسلام آباد ۾ ٿيل هي ڳالهيون اصل ۾ هڪ وڏي سفارتي سفر جي شروعات آهن. ٻنهي ڌرين وچ ۾ اختلافن باوجود، ڳالهين جي ميز تي ويهڻ پاڻ ۾ هڪ مثبت اشارو آهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته جيتوڻيڪ هي ڳالهيون ڪنهن معاهدي ڪانسواءِ ختم ٿيون، پر هن خطي ۽ دنيا کي هڪ اهم سبق ڏنو آهي: پائيدار امن صرف طاقت سان نه، پر ڳالهين، اعتماد ۽ صبر سان حاصل ٿيندو آهي.

پاڪستان جي ٿياڪڙي ۾ ايران-آمريڪا جون بي نتيجا ڳالهيون

اعجاز ممناڻي

اهو چوڻ ۾ ڪو به وڏاءُ نه ٿيندو ته پاڪستان، ايران ۽ وچ اوڀر سميت سڄي دنيا 7 ۽ 8 اپريل 2026ع جي وچ واري رات ڏک ۽ انتظار ۾ گذاري. انهيءَ ڏک ۾ اربين ماڻهن جي اکين مان ننڊ اڏامي وئي هئي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي ڌمڪي ڏني هئي ته جيڪڏهن ايران آمريڪا سان جنگبنديءَ جي معاهدي تي صحيح نه ڪندو ته 8 اپريل اڱاري جي صبح ايران تي "دوزخ جا دروازا" کولي ويندا. ٽرمپ وڌيڪ سخت لهجي ۾ چيو ته جيڪڏهن ايران سان ڪو معاهدو نه ٿيو ته اهڙو حملو ڪيو ويندو جو صديون پراڻي ايراني تهذيب جا نشان هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا. خوف ۽ دهشت جي هن ماحول ۾ دنيا جي اڪثريت ذهنن ۾ اهو خيال گردش ڪري رهيو هو ته آمريڪا شايد ايران خلاف ڪا انتهائي خطرناڪ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ وارو آهي، جيڪا ايٽمي هٿيار جي استعمال تائين به وڃي سگهي ٿي. پر عالمي سطح تي ڪيترن دانشورن جو خيال هو ته ايران جهڙي قديم تهذيب کي ختم ڪرڻ نه آسان آهي نه ممڪن. تاريخ شاهد آهي ته هلاڪو خان ۽ چنگيز خان جهڙا ڪيترائي حملا ڪندڙ به ايران کي ختم نه ڪري سگهيا. ان رات ايران جو عوام وڏي انگ ۾ روڊن تي نڪري آيو ۽ مقدس هنڌن تي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. سندن عقيدو هو ته هر مشڪل ۾ الله تعاليٰ کان ئي مدد گهري وڃي.

سن 61هه جي عاشوري رات جو مثال ڏيندي چيو وڃي ٿو ته حضرت امام حسين عليه السلام به صبر، استقامت ۽ دعا جو درس ڏنو هو ۽ اڄ به ايران جي قوم ساڳي روايت تي قائم نظر اچي ٿي. ان روحاني قوت کي ڪيترائي مبصر الله جي خاص مدد قرار ڏين ٿا. ان صورتحال ۾ پاڪستان اهم ٿياڪڙيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. وزيراعظم شهباز شريف، فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ڪوشش سان ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ جنگبنديءَ لاءِ راهه هموار ٿي. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ خطي ۾ ڇانيل خوف ۽ ڇڪتاڻ ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي ۽ ڳالهين جو سلسلو شروع ٿيو.

جنگ سبب عالمي سطح تي تيل جي قيمتن ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿي رهي هئي، جنهن مهانگائيءَ جا نوان طوفان پيدا ڪري ڇڏيا هئا. عام ماڻهوءَ لاءِ زندگي ڏينهون ڏينهن مشڪل ٿيندي پئي وئي. اهڙي صورتحال ۾ سفارتي حل جي ضرورت وڌيڪ اهم ٿي وئي.

پاڪستان جي ٿياڪڙيءَ کان پوءِ اها خبر سامهون آئي ته آمريڪا ايران جي پيش ڪيل 10 نقطن تي ڳالهين لاءِ تيار ٿي ويو آهي. انهن نقطن ۾ خطي ۾ تڪرارن جو خاتمو، هرمز سامونڊي لنگهه جي بحالي، اقتصادي پابندين جو خاتمو ۽ ايران جي خودمختياريءَ جي ضمانت جهڙا اهم مطالبا شامل هئا. بهرحال، انهن نقطن جي مڪمل تشريح اڃا تائين التوا ۾ آهي، جنهن ڪري 10 اپريل 2026ع تي آمريڪي ۽ ايراني عملدار اسلام آباد ۾ وڌيڪ ڳالهين لاءِ پهتا. مجموعي طور ڏسجي ته ايران اها دعويٰ ڪري رهيو آهي ته هن 40 ڏينهن واري تڪرار ۾ سفارتي برتري حاصل ڪئي، جڏهن ته غيرجانبدار حلقا ٻنهي ڌرين کي احتياط ۽ سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌڻ جو مشورو ڏئي رهيا آهن.

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ هڪ طرف ايران جو وزير خارجه عباس عراقچي هو، جيڪو عالمي معاملن ۾ اعليٰ تعليم ۽ لڳ ڀڳ ٽيهن سالن جي سفارتي تجربي جو مالڪ آهي. سندس شخصيت ۾ تحمل، دليل ۽ ثابت قدمي نمايان آهن ۽ هو مشڪل حالتن ۾ به پرسڪون انداز سان پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ٻئي طرف آمريڪا جو اسٽيٽ سيڪريٽري مارڪو روبيو هو جنهن بابت تنقيد ڪندڙ حلقا چون ٿا ته کيس سفارتي معاملن ۾ محدود تجربو حاصل آهي. سندس انداز بيان ۽ سياسي سوچ تي به سوال اٿاريا وڃن ٿا، جڏهن ته ڪجهه حلقا کيس وڌيڪ جارحاڻي پاليسين سان ڳنڍين ٿا.

ليکڪ جو مقصد اهو ظاهر ڪرڻ آهي ته جيڪي ماڻهو ايران جي قيادت کي صرف مذهبي هجڻ جي بنياد تي گهٽ سمجهن ٿا، اهي حقيقتن کي نظرانداز ڪن ٿا. انگ اکر ۽ حالتون ڪڏهن ڪڏهن ان جي ابتڙ تصوير پيش ڪن ٿيون. آخرڪار، 21 ڪلاڪن تائين جاري رهندڙ ڳالهين جو دور ڪنهن حتمي نتيجي تي پهچي نه سگهيو. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس موجب، "ڳالهيون بنا نتيجي ختم ٿي ويون آهن. ايران اسان جون تجويزون مڃڻ لاءِ تيار ناهي." جڏهن ته ايراني وزير خارجه عباس عراقچي واضح ڪيو ته جيڪڏهن آمريڪا سنجيدگيءَ سان معاهدو ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته ايران به راضي آهي، پر دٻاءُ يا فريب قبول نه ڪيو ويندو.

هن سڄي صورتحال مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ بي اعتمادي اڃا تائين موجود آهي. جيڪڏهن مستقبل ۾ وڌيڪ تجربيڪار، حقيقت پسند ۽ لچڪدار قيادت ڳالهين ۾ شامل ٿئي ته شايد ڪو مثبت ۽ پائيدار حل نڪري سگهي.

آمريڪا جي فضائن مان

اسلام آباد ڳالهيون: جنگ ختم نه ٿي، رڳو پنهنجو روپ بدلائي وئي

راجا زاهد اختر خانزاده

اسلام آباد جي هڪ ڊگهي رات آخرڪار هڪ جملي تي ختم ٿي. پر اهو جملو پڇاڙي نه هو، پر هڪ نئين سوال جي شروعات. جي ڊي وينس ميز تي هٿ رکي ۽ پيرا هلڪي ٽيڪي ڏني ۽ چيو: "هي اسان جي آخري ۽ بهترين پيشڪش آهي.. هاڻي ڏسڻو آهي ته ايراني ان کي قبول ڪن ٿا يا نه." پوءِ ماٺ ٿي وئي. ڪيمرائن جي روشني گهٽجي وئي ۽ هڪ اهڙي ڳالهه ٻولهه ختم ٿي جيڪا حقيقت ۾ ختم نه ٿي هئي. ايڪيهه ڪلاڪ وقت جو اهو مقدار گهڙين ۾ شايد وڌو نه لڳي، پر جڏهن ان ۾ جنگ، تاريخ، طاقت، خوف ۽ انا شامل ٿي وڃن ته اهي ئي ايڪيهه ڪلاڪ ڏهاڪن کان وڌيڪ وزني ٿي وڃن ٿا. اسلام آباد جي سرينا هوٽل جي بند ڪمرن ۾ صرف لفظن جو ڏي وٺ نه ٿي، اتي به دنيائون هڪ ٻئي کي پرکينديون رهيون، ارادن کي توريندا رهيون ۽ آخر ۾ هڪ ٻئي کي اهو ئي جواب ڏنو، جيڪو شايد اڳ ئي ڄاتل هو، پر ٻڌڻ ضروري هو. آمريڪا لاءِ مسئلو سادو هو، يا گهٽ ۾ گهٽ اهو ان کي سادو ٻڌائڻ چاهيندو هو ايران کي جوهري هٿيار نه ٺاهڻا آهن. نه ان جي صلاحيت حاصل ڪرڻي آهي ۽ نه ئي ان جي ويجهو وڃڻو آهي.

هيءَ جنگ صرف جوهري هٿيارن جي نه آهي. پر اصل ۾ اها جنگ وڏن سوالن جو ٽڪراءُ آهي: جوهري خودمختياري، علائقائي طاقت جو توازن، پابندين جو خاتمو ۽ آبنائي هرمز تي ڪنٽرول ۽ انهن سڀني مان آخري نڪتو سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. جو ته هتان کان هي تڪرار رڳو ٻن ملڪن جو معاملو نه ٿو رهي، پر سڄي دنيا جي معيشت، توانائي ۽ استحڪام سان جڙيل هڪ عالمي مسئلو بڻجي وڃي ٿو.

ڊونلڊ ٽرمپ جو اهو خيال هاڻي صرف پاليسي نه رهيو آهي پر هڪ اعلان بڻجي چڪو آهي ۽ ساڳئي ڏينهن جڏهن هو ميڊيا سان ڳالهائي ٿو ته هڪ عجيب بي نيازي سان چوي ٿو: "اسان آبنائي هرمز کي صاف ڪري رهيا آهيون معاهدو ٿئي يا نه ٿئي اسان کي ڪو فرق نٿو پوي... اسان کٽي چڪا آهيون" هن جملي ۾ صرف اعتماد نه، پر فاصلي جي ڏنڊ به موجود آهي. ٻئي پاسي ايران آهي جيڪو چوي ٿو ته گهڻو ڪجهه طئي ٿي ويو هو، پر سڀ ڪجهه نه. اهو چوي ٿو ته ٻه يا ٽي اهم نقطا اهڙا هئا جتي ڳالهه بيهي وئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تاريخ به اهڙن ئي نقطن تي بيهي وڃي ٿي. ان لاءِ جوهري پروگرام رڳو ٽيڪنالاجي نه، پر سڃاڻپ آهي، حق آهي ۽ اهڙو موقف آهي جنهن کان هو پوئتي هٽڻ لاءِ تيار ناهي. پر هن سڄي ڪهاڻي ۾ هڪ ٽيون آواز به آهي، جيڪو نه واشنگٽن جو آهي نه تهران جو، پر دنيا جي انهن شهرن جو آهي جتي هيءَ جنگ سڌي طرح نه پهتي وڙهي وئي، پر ان جا اثر سڀ کان پهريان محسوس ڪيا ويا. رائٽرس جهڙا ادارا هن صورتحال کي هڪ 'اڌورو وقفو' سڏين ٿا، جتي ڳالهه ٻولهه ختم نه ٿي آهي پر رڪجي وئي آهي. گارجين هن منظر کي اهڙي دنيا طور ڏسي ٿو جيڪا تباهي جي ڪناري کان هڪ قدم پوئتي ته آئي آهي پر اڃا محفوظ نه ٿي آهي. جڏهن ته Axios ۽ ٻيا آمريڪي ذريعا هن کي دٻاءُ واري حڪمت عمليءَ جو تسلسل قرار ڏين ٿا، جتي معاهدو نه ٿيڻ به هڪ پيغام آهي. يورپ لاءِ هيءَ صورتحال وڌيڪ ڳڻتيءَ جو باعث آهي. اتي جون اخبارون هن کي جنگ کان وڌيڪ معيشت جي نظر سان ڏسن ٿيون. توانائي، مهانگائي ۽ عالمي استحڪام جي تناظر ۾. انهن لاءِ آبنائي هرمز صرف هڪ هنڌ نه، پر هڪ اهڙو نازڪ ڌاڳو آهي جنهن تي سڄي دنيا جي معيشت ٽڪي بيٺي آهي ۽ پوءِ ايران جي پنهنجي ميڊيا جو موقف آهي، جتي ڪهاڻي بلڪل مختلف آهي. اتي چيو پيو وڃي ته مسئلو ايران جو انڪار نه، پر آمريڪا جو اصرار آهي ته مطالبا حد کان وڌيڪ هئا ۽ لچڪ هڪ طرفي هئي. اها اهڙي ڪهاڻي آهي جتي هر ڌر پاڻ کي صحيح ۽ ٻي کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. انهن سڀني بيانن جي وچ ۾ هڪ شهر هو اسلام آباد ۽ هڪ ڪردار هو جنهن خاموشيءَ سان سڀ ڪجهه ممڪن بڻايو. شهباز شريف ۽ عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪستان هڪ پل بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي اهڙي پل جنهن تي هلڻ لاءِ ٻئي ڌريون تيار هيون پر هڪ ٻئي تائين پهچڻ لاءِ نه. وينس وڃڻ وقت مجبور ته ڪوٽ پاڪستان جي نه هئي ۽ اسحاق ڊار چيو ته هيءُ عمل جاري رهندو. شايد اهو ئي هن ڪهاڻيءَ جو سڀ کان اهم پهلو آهي ته دروازو اڃا بند نه ٿيو آهي ۽ پوءِ اها خاموش حقيقت، جيڪا هر بيان، هر تجزيي ۽ هر خبر جي پٺيان بيٺل آهي آبنائي هرمز. هي اهو هنڌ آهي جتي جنگ پنهنجو اصل مطلب اختيار ڪري ٿي. هتان گذرندڙ تيل رڳو بارڻ نه، پر عالمي نظام جي رواني آهي. ايران ان کي بند ڪري دنيا کي پنهنجو وجود ياد ڏياري ٿو ۽ آمريڪا ان کي کولڻ سان پنهنجو اثر برقرار رکڻ چاهي ٿو. اهڙي طرح هڪ سامونڊي رستو طاقت ۽ خودمختياريءَ جي وچ ۾ ٽڪراءُ جي علامت بڻجي وڃي ٿو. اسلام آباد ۾ ڪو معاهدو نه ٿيو پر هڪ ڳالهه واضح ٿي وئي. هيءَ جنگ هاڻي رڳو هٿيارن جي نه رهي آهي. هي بيانن جي جنگ آهي، ضد ۽ مفاهمت جي جنگ، خوف ۽ وقار جي جنگ ۽ شايد انهيءَ ڪري عالمي اخبارون هن کي ناڪامي نه، پر هڪ مرحلو قرار ڏين ٿيون. اهڙو مرحلو جنهن کان پوءِ يا ته رستو نڪري ٿو، يا رستا بند ٿي وڃن ٿا.

هاڻي سوال اهو نه آهي ته ڇا ٿيو، پر اهو آهي ته ڇا ٿيڻ وارو آهي. ڇا ايران هن "آخري پيشڪش" کي قبول ڪندو، يا ان کي رد ڪري نئين راهه اختيار ڪندو؟ ڇا آمريڪا پنهنجي سختي برقرار رکندو يا ڪنهن نئين لچڪ ڏانهن وڌندو؟ ڇا پاڪستان هن عمل کي اڳتي وڌائي سگهندو يا اهو محض رڳو تاريخ ۾ هڪ عارضي سفارتي جهلڪ بڻجي رهجي ويندو؟ هاڻي سوال اهو نه رهيو آهي ته ڇا ٿيو، پر اهو آهي ته اڳتي ڇا ٿيڻ وارو آهي. ويجهي وقت ۾ شايد جنگ بندي کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ٿيندي، پس پرده ڳالهيون جاري رهنديون ۽ آبنائي هرمز تي محدود ڇڪتاڻ برقرار رهندي، جڏهن ته ايندڙ ڪجهه مهينن ۾ يا ته ڪو جزوي معاهدو سامهون اچي سگهي ٿو يا وري محدود سطح تي ٻيهر ٽڪراءُ ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿو ۽ ڊگهي عرصي ۾ هيءَ تڪرار ٽن رستن مان ڪنهن هڪ طرف وڃي سگهي ٿو. يا ته ڪنٽرول ٿيل امن جنهن ۾ ڪنهن حد تائين معاهدو ۽ نگراني شامل هجي، يا هڪ ڊگهي سفارتي جنگ جتي ڳالهيون جاري رهن پر حل نه نڪري، يا وري مڪمل طور نئون فوجي ٽڪراءُ خاص طور تي جيڪڏهن هرمز يا لبنان جو محاذ ٻيهر ڀڙڪي پوي؛ ۽ هاڻي سڀ کان وڏو سوال اهو آهي ته ڇا هيءَ جنگ واقعي ختم ٿي سگهي ٿي؟ جو ته ايران لاءِ اهو وقار جو مسئلو آهي. آمريڪا لاءِ سيڪيورٽي جو ۽ دنيا لاءِ معيشت جو؛ ۽ جڏهن اهي ٽيئي هڪ هنڌ گڏ ٿين ٿا ته جنگ ختم نه ٿيندي آهي، رڳو پنهنجي شڪل تبديل ڪندي آهي.

تعليمي ادارا نياڻين لاءِ ڇو مقتل گاهه بڻجي رهيا آهن؟

ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ وڏي محنت ۽ جاکوڙ کانپوءِ ڪي ائين ۾ لوڙ برابر والدين پنهنجين نياڻين کي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهائڻ لڳا آهن. سنڌين شعور مشڪل سان ڪنهن حد تائين قائم ٿيو ئي هو ته تعليمي ادارن اندر ويٺل اهڙا وحشي درندا سامهون اچي رهيا آهن، جيڪي نه رڳو تازو ميرپورخاص جي محمدي ميڊيڪل ڪاليج واري واقعي ۾ نظر آيا آهن پر سنڌ جي ٻين تعليمي درسگاهن ۾ به اهڙا بدڪردار عنصر موجود آهن. حيدرآباد، ڄامشورو، لاڙڪاڻو، نوابشاهه يا سکر- هر هنڌ اهڙا بگهڙ نياڻين جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. خبر سامهون آئي آهي ته ميرپورخاص جي محمدي ميڊيڪل ڪاليج جي ٽئين سال جي شاگرديائي فهميده لغاري، جيڪا روزانو ڪاليج ويندي هئي واقعي واري ڏينهن پنهنجي گهر اندر پاڻ مٿان فائر ڪري زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو. هن واقعي ڪانپوءِ ان گهر جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو جتي والدين جون سموريون آسون ۽ اميدون هڪ لمحي ۾ خاڪ ٿي ويون. يقيناً انهن والدين پنهنجي ڌيءَ کي تعليم لاءِ موڪليو هو نه ڪي اهڙو دردناڪ انجام ڏسڻ لاءِ. چيو پيو وڃي ته فهميده هڪ ذهين ۽ قابل شاگرديائي هئي، جنهن گذريل ٻن سالن ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري هئي. پر خبرن موجب هڪ ليڪچرار طرفان نه رڳو رشوت جي طلب ڪئي وئي، پر ڪاليج اندر ڪجهه اوباش شاگردن جو اهڙو ٽولو به سرگرم هو جيڪو نياڻين کي هراسان ڪرڻ، بليڪ ميل ڪرڻ ۽ غير اخلاقي دٻاءُ وجهڻ ۾ ملوث رهيو. فهميده پاران انتظاميه کي شڪايتون به ڏنيون ويون، پر ٻين ڪيترن ادارن جيان هتي به ڪو اثرائتو قدم نه کنيو ويو. جڏهن عزت ۽ تحفظ داءُ تي لڳي ويو ته هن نياڻيءَ اهڙو انتهائي قدم کنيو. هن پنهنجي آخري پيغام ۾ به جوابدارن خلاف ڪارروائيءَ جي اپيل ڪئي.

جيڪڏهن اسان ويجهي ماضيءَ تي نظر وجهون ته اهڙن ظلمن جا ڪيترائي دردناڪ واقعا سامهون اچن ٿا. لاڙڪاڻي ۾ هڪ ٻي افسوسناڪ واقعي ۾ هڪ شخص پنهنجي بيواهه ڀاڄائي ۽ معصوم نياڻيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو. اهڙا ڪيترائي واقعا رپورٽ ٿي نٿا ٿين. خاص ڪري ٻهراڙين ۾، جتي نياڻيون ڪڏهن "ڪارو ڪاري" ته ڪڏهن ملڪيت جي تڪرارن جي نالي تي قربان ڪيون وڃن ٿيون.

حقيقت اها آهي ته ڪيترائي اهڙا واقعا يا ته دٻايا وڃن ٿا يا لاش درياهه يا ويران هنڌن تي لڪايا وڃن ٿا. نه انساني حقن جون تنظيمون مڪمل ڇاڻ رکن ٿيون، نه ئي سرڪاري ادارا سنجيدگيءَ سان ڪارروائي ڪن ٿا.

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ اهڙن واقعن جي هڪ ڊگهي لسٽ موجود آهي. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو هجي يا ٻيا ادارا، ڪيترن هنڌن تي استاد ۽ شاگرد پاڻ ئي نياڻين جي تعليم لاءِ خطرو بڻجي ويا آهن. ڪيترين ئي نياڻيون خوف، بدنامي ۽ سماجي دٻاءُ سبب پنهنجا مسئلا گهرڀاتين تائين به نٿيون پهچائين. اسان جي سماج ۾ اڄ ئي نياڻين خلاف منفي سوچ موجود آهي. جيڪڏهن ڪنهن بااثر يا امير خاندان جي ڌي پڙهي ٿي ته ان لاءِ سهولتون الڳ هونديون آهن، جڏهن ته غريب يا شريف گهراڻن جون نياڻيون ٻيڻو دٻاءُ برداشت ڪن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو نوشين ڪاظمي، نمرتا ڪماري ۽ پروين رند جهڙا واقعا وقت بوقت سامهون ايندا رهيا آهن. فهميده لغاري جي ساهيڙين جو چوڻ آهي ته هوءَ روزانو انهن بدسلوڪين بابت روئندي ٻڌائيندي هئي، پر کيس ڊپ هو ته سماج ۾ سندس بدنامي نه ٿئي. اهو ئي خوف ڪيترين نياڻين کي خاموش رهڻ تي مجبور ڪري ٿو. پرائيويٽ تعليمي ادارن ۾ به ڪرپشن، ناجائز فيل ڪرڻ ۽ مالي اوڳاڙيون عام آهن. شاگردن کي دٻاءُ ۾ آڻي سندن استحصال ڪيو وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ سوال اڀري ٿو ته تعليمي ادارن جي انتظاميه جي ذميواري ڇا آهي؟

ميرپورخاص واقعي ڪانپوءِ صرف معطلي يا معمولي ڪارروائي ڪافي ناهي. الزام هيٺ آيل جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا واقعا روڪي سگهجن. اڄ سنڌ ۾ هڪ غم ۽ ڏک جي لهر ضرور ڇانيل آهي پر سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته آخر اسان جا تعليمي ادارا ڪيستائين نياڻين لاءِ مقتل گاهه بڻيل رهندا؟

دنيا جي امامت جو ڊگهي عرصي وارو ڪم!

محمود شام

ڇنڇر کان شروع ٿيل اسلام آباد جون ڳالهيون ان جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ ٿي رهيون آهن، جيڪا آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان عمان ۾ ٿيندڙ ايران-آمريڪا ڳالهين دوران ايران تي مڙهي وئي هئي. هن جنگ جا ٻه نمايان نتيجا سامهون آيا آهن: پهريون، آمريڪا پنهنجي عالمي فوجي ۽ معاشي اڳواڻيءَ واري حيثيت وڃائي ويٺو آهي؛ ٻيو، اسلامي ملڪن جي تنظيم (او آءِ سي) عملي طور مري ويل نظر اچي ٿي، جو ته جنگ جي 40 ڏينهن ۾ اها ڪٿي به نظر نه آئي. اسرائيل، فلسطين جي مظلومن جو واحد حامي ايران کي سمجهي ٿو ۽ ان کي پنهنجي 'گريٽر اسرائيل' منصوبي لاءِ سڀ کان وڏي رڪاوٽ قرار ڏئي ٿو. 79 ورهين جو ڊونلڊ ٽرمپ اسرائيل جي اثر هيٺ آهي. پر اها سٺي ڳالهه آهي ته هاڻوڪين ڳالهين ۾ آمريڪا جي نمائندگي 41 ورهين جو نائب صدر جي ڊي وينس ڪري رهيو آهي، جنهن کي پنهنجو ۽ آمريڪا جو مستقبل به ڏاهڻو آهي ته جيئن آمريڪا اسرائيل جو يرغمال نه رهي.

ايران جي وفد جو سربراهه باقر غالب 64 سالن جو آهي، جڏهن ته وچولي ڪردار طور شهباز شريف (74 سال)، اسحاق ڊار (75 سال) ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير (57 سال) شامل آهن. ڳالهين واري ٽيم ۾ سڀ کان نوجوان آمريڪي نائب صدر ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير آهن. جن مان ئي پائيدار امن جون اميدون رکڻ گهرجن. سڄي دنيا جون همدرديون بيشڪ ايران سان آهن. جيڪو هاڻي هڪ نئين ايشيائي مزاحمتي سپر پاور طور اڀري رهيو آهي. ڪالهه آچر هو پر گذريل 79 سالن جي سڀني آچرن کان بلڪل مختلف هو. جو ته اڄ پاڪستان دنيا جي چينلن، اخبارن ۽ سوشل ميڊيا تي امن جي مرڪز طور چمڪي رهيو آهي. سڀ کان پهرين اسان کي الله تعاليٰ جي حضور ۾ شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جڏهن ملڪ اندروني طور تي سخت حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي، قوم ورهايل آهي ۽ 47 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهي آهي، تڏهن پاڪستان کي عالمي امن پسندن جي مرڪز بڻجڻ جو موقعو مليو آهي. 'اين سعادت بزور بازو نيست، تا نه بخشد خدائي بخشنده.' پاڪستان جي سڃاڻپ رڳو سياسي نه پر فوجي به رهي آهي. هيءُ اهو واحد ملڪ آهي، جتي عالمي شخصيتون سياسي قيادت سان گڏ فوجي قيادت سان به ملڻ لاءِ اينديون رهن ٿيون. اڄوڪن ڏينهن ۾ به وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ فيلڊ مارشل عاصم منير جو نالو وٺي پاڪستان جي مهرباني مڃي پئي وڃي. ايران جو وفد به اسان جو مهمان آهي ۽ آمريڪا جو نائب صدر به.

ڪالهه آچر هو پنهنجن ٻارن، پوٽن، ڏوهٽن سان ڳالهه ٻولهه جو ڏينهن. ٻار پڇي رهيا آهن ته: مسلمان ملڪ گڏ ڇو ناهن؟ ايران ۽ نار جي ملڪن ۾ ڇڪتاڻ ڇو آهي؟ جڏهن آمريڪا ۽ يورپ نيٽو (NATO) جهڙو فوجي اتحاد ناهي سگهن ٿا ته مسلمان ملڪ ڇو نٿا ناهي سگهن؟ 2015ع ۾ سعودي عرب ۾ 41 اسلامي ملڪن، جيڪو فوجي اتحاد ناهيو هو، جنهن جو ڪمانڊر جنرل راحيل شريف ٿيو هو. اهو هن وقت فعال ڇو ناهي؟ ڇا اسرائيل جو غزه ۾ ظلم کليل دهشتگردي ناهي؟ 1969ع ۾ ٺهيل او آءِ سيءَ جا اجلاس ڇو ناهن ٿي رهيا؟ هاڻي جڏهن پاڪستان کي سڄي دنيا مان مبارڪون ملي رهيون آهن ته او آءِ سي طرفان ڇو نه ملي رهيون آهن؟

اسان کي اڄوڪي عالمي حيثيت ان ڪري ملي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان اسلامي دنيا جي واحد ايٽمي طاقت آهيون. هن حيثيت کان پوءِ اسان جي حڪمرانن، دانشورن، عالمن ۽ واپارين کي به عالمي سوچ اختيار ڪرڻ گهرجي. هن اعزاز کي صرف مقامي سياسي مقابلي لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي، جو ته هيءَ منصب مقامي يا علائقائي سطح کان گهڻو مٿاهون آهي. اسان کي غرور کان بچڻ گهرجي ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ گهرجي. پنهنجي سياسي مخالفن کي هن حيثيت جي زور تي دٻائڻ بدران هڪٻئي جو احترام ڪرڻ گهرجي. بلوچستان، ڪي پي ڪي، پنجاب، سنڌ، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ خوشگوار ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي. الله تعاليٰ پاڪستان کي هڪ اهم جاگرافيائي حيثيت ڏني آهي. 60 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي. ملڪ وٽ سون، ٽامون، يورينيم ۽ ٻين قيمتي وسيلن جا ذخيرا موجود آهن. اسان جي تهذيب هزارين سال پراڻي آهي، جيڪا عالمي سوچ رکندڙ ذهن پيدا ڪري سگهي ٿي. اسان اڳ به آمريڪا ۽ چين کي ويجهو آڻڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو پر پوءِ ملڪ به ٽڪرا ٿي ويو. پوءِ افغانستان ۾ سوويت يونين خلاف مزاحمت ڪئي، جنهن کان پوءِ ڪلاشنڪوف ۽ منشيات ڪلچر مليو. 'سبق پهرين پڙهه صداقت جو عدالت جو شجاعت جو وٺبو توکان ڪم دنيا جي امامت جو'

هاڻي اپريل 2026ع ۾ پاڪستان کان اهو ڪم ورتو پيو وڃي. سوال اهو آهي ته ان کي برقرار ڪيئن رکجي؟ ڇا پاڪستان کي اسلامي ملڪن جي تنظيم (Organization of Islamic Cooperation) کي ٻيهر فعال نه ڪرڻ گهرجي؟ 57 ملڪن جي هن تنظيم کي 57 سال ٿي چڪا آهن. اها مسجدِ اقصيٰ جي بيحرمتيءَ جي ڪري ٺهي هئي ۽ اڄ به فلسطين تي ظلم جاري آهي. ميڊيا کي به ذميواريءَ سان ڪم وٺڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته آمريڪا هن تڪرار جي هڪ اهم ڌر آهي ۽ ان سان ويجهڙائي ڏيکارڻ ٿياڪڙيءَ جي غيرجانبداريءَ کي متاثر ڪري سگهي ٿي. انهن ڳالهين جو فائدو پاڪستان جي عوام کي به ملڻ گهرجي. غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهن جي حالت بهتر ٿيڻ گهرجي. گڏوگڏ اسلامي ملڪن ۾ گڏيل دفاعي، واپاري ۽ معاشي معاهدا ٿيڻ گهرجن ۽ 'گريٽر اسرائيل' منصوبي کي روڪڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سانوڻ گهڙيءَ سيڪا، هيءَ سرهي سياري،
تن وڏائين تار ۾، ارواح جي آري،
محبتي ماري، ڪونهي داد درياهه ۾.

سهڻي (طالب) جي پيار جو انداز ٻڌائيندي لطيف سائين ان جي ميهار (مطلوب) سان سچائيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو ته "سانوڻيءَ جي مند ۾ جڏهن مينهن جا وسڪارا شروع ٿيندا آهن ۽ دريا ۾ به چاڙهه هوندو آهي ته هرڪو ان ۾ گهڙندو آهي جو ته ان وقت درياهه ۾ ترڻ آسان هوندو آهي، پر هيءَ سهڻي سياري جي مند ۾ خوش هوندي آهي جو ان وقت درياهه ۾ ترڻ ڏکيو هوندو آهي جو ته پاڻيءَ ۾ ڪا ايڏي تيزي هوندي آهي ۽ نه ئي اها خبر پوندي آهي ته درياهه ڪٿي تانگهو آهي، ڪٿي اونهون ۽ ترڻ ۾ قوت گهربل هوندي آهي، تنهن ڪري سهڻي اهڙين تڪليفن کي خاطر ۾ نه آڻيندي هئي جو سندس روح ۾، سندس من ۾ ميهار جي محبت رچيل هئي. ان ارواح جي تانگهه سبب ايڏا ڪشٽ ڪاٽي به ميهار وٽ پهچندي هئي، سهڻي جي ان انداز کي ڏسندي لطيف سائين درياهه کي ميار ڏئي ٿو ته تو انصاف ناهي ڪيو جو اهڙا قول قرار جا سچا محبت ڪرڻ وارا به ماري ٿو وڇين!!

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن - 13 اپريل

ڀڳت ڪنورام

اڄ مشهور سنگيتڪار ۽ ڀڳتي راڳ جي راڄا ڀڳت ڪنورام جي جنم جو ڏينهن آهي هو 13 اپريل 1885ع ڌاري جروار ڳوٺ ۾ شري تاراچند جي گهر ۾ پيدا ٿيو راڳ سان هن کي ازلي عشق هو سندس آواز ۾ عجيب تاثير، سوز ۽ درد هو ٻڌندڙ سندس آواز جي جادوءَ ۾ سن ٿي ويندا هئا. سندس آلاپ سخت دلين کي موم بڻائي ڇڏيندي هئي هو انتهائي سادگي پسند ۽ غريبن جو هڏڏوڪي هو ڪڏهن ڪڏهن ته ڳائڻ مان جيڪي پئسا ملندا هئس سي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو ڪيترن ئي غريب نياڻين جي ڏاج جو بندوبست به ڪندو هو ان کان علاوه ڪيترن ئي مسافرخانن، دواخانن ۽ عبادتگاهن جي به ملي مدد ڪندو هو افسوس جو هن عظيم راڳيءَ کي پهرين نومبر 1939ع تي رُڪ اسٽيشن تي ڪجهه انتها پسندن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر چندولال ڪشنچند جشنگهاڻي



سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور ساهتڪار ۽ صحافيءَ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1919ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن بي اي، ايل ايل بي ۽ پي ايچ ڊي جون سندون حاصل ڪيون هو پنهنجي دور جو مشهور وڪيل هو هن مختلف موضوعن تي 32 ڪتاب لکيا سندس مشهور تصنيفن ۾ "پهاڙي جوٽيون" (ناول)، "پن پن پل" (ناول)، "اگني" (ناول) ۽ "ٻگو ٻئرسٽر" (ٽي وي سيريل) شامل آهن هن مختلف سنڌي رسالن ۽ اخبارن لاءِ ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم پڻ لکيا.

اردشير ڪاوسجي



اڄ ڪراچيءَ جي مشهور ڪاروباري شخصيت اردشير ڪاوسجي جي جنم جو ڏينهن آهي هو هڪ سماج سڌارڪ ۽ ٻي ڊپي ڪالم نگار طور سڄي ملڪ ۾ مشهور آهي هن جو جنم 13 اپريل 1926ع تي ڪراچيءَ جي هڪ مشهور گجراتي گهراڻي ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم بائي ويربائجي سوپاريوالا پارسي اسڪول مان حاصل ڪئي وڌيڪ تعليم ڊي جي سائنس ڪاليج مان حاصل ڪيائين هو ڪراچيءَ ۾ جهازرانيءَ جي هڪ ڪمپنيءَ جو مالڪ هو پر ذوالفقار علي ڀٽي جي سرڪار اها ڪمپني قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏي 1973ع ۾ هو پاڪستان جي سياحت واري کاتي ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو پر اڳتي هلي هن ڀٽي صاحب جي ڪجهه پاليسين خلاف لکڻ شروع ڪيو جنهن ڪري کيس 1976ع ۾ 72 ڏينهن جيل ڀوڳڻو پيو ان بعد هو هڪ ڪالم نگار طور انگريزي اخبار ڊان سان لاڳاپجي ويو رشوت، بدانتظامي، اقربا پروري ۽ ٻين موضوعن تي لکيل سندس ڪالم سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿيا هن پنهنجي پيءُ جي قائم ڪيل ڪمپنيءَ ڪاوسجي گروپ جي چيئرمين طور ڪم ڪيو هن ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۽ اسپتالن جي ملي سهائتا ڪئي ۽ مستحق شاگردن کي اسڪالرشپون ڏنيون هو پنهنجي خيراتي ڪمن ۽ سماج سڌارڪ سرگرمين جي ڪري مشهور هو هن پلوڙ انسان 24 نومبر 2012ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

قمر شهباز



اڄ سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ شاعر قمر شهباز جي جنم جو ڏينهن آهي سندس اصل نالو قمرالدين ٻگهيو هو هن سُرت پرڻي ساهتڪار جو جنم 13 اپريل 1938ع تي نواب شاهه ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ايم ايچ خواجه اسڪول نواب شاهه مان حاصل ڪيائين اڳتي هلي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم اي (انگريزي ادب) جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ ڪاليج جي ليڪچرار طور ڪيائين بعد ۾ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين ۽ گيهه ڪارپوريشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪندي رٽائر ڪيائين هن ڪاليج واري زماني کان ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو سندس لکيل ڪيترائي ڊراما ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان نشر ٿيا هو هڪ بهترين صداڪار پڻ هو هن ڪيترين ئي ڪهاڻين ۽ مختلف اخبارن لاءِ ڪالم به لکيا ان کان علاوه شاعريءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "واجهوڙن ۾ لاٽ" (ڊراما)، "اُنون گهر" (ڪهاڻيون ۽ ڪالم)، "قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون"، "ضمير جو موت"، "جي پيار هجي ها پاڇولو"، "چنڊ رهين ٿو دور" (شاعري) ۽ "بهارن کي جستجو" (شاعري) شامل آهن هن 5 مئي 2009ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چيو.

گلشن شيخ



هن نامور صحافيءَ ۽ سماج سڌارڪ جو جنم 13 اپريل 1973ع تي ڳوٺ ٻهمن تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم رتيديري مان حاصل ڪئي 1995ع ۾ هڪ اشاعتي ادارو کولي "سلوڪ" نالي اخبار جاري ڪيائين اڳتي هلي رتوديرو ڇڏي ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين هن ڪراچيءَ جي ڳوٺن ۽ آثار قديمه جي بحاليءَ ۽ حفاظت لاءِ ساراهه جوڳيون ڪوششون ورتيون هو "قديم ڳوٺ اتحاد ايڪشن ڪميٽي" ڪراچيءَ جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو ۽ انهيءَ ڪميٽيءَ جو مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري رهيو هن ادبي رسالو "رچنا" جاري ڪيو ۽ مختلف اخبارن ۽ ٽيليويزن چئنلن سان رپورٽر طور لاڳاپيل رهيو هن ڪجهه ٽيليويزن ڊراما پڻ لکيا گلشن شيخ 29 سيپٽمبر 2021ع تي وفات ڪئي.

مولانا غلام رسول جتوئي

مولانا غلام رسول جتوئي سنڌ جو هڪ جيد عالم ۽ شاعر هو هو 1870ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ محراب پور ۾ ٻهاول خان جتوئيءَ جي گهر تولد ٿيو مختلف مدرسن مان عربي، فارسي ۽ ديني تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو هن حڪمت جي تعليم پڻ حاصل ڪئي پاڻ هڪ بلنديائي جو شاعر پڻ هو سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون، مناجاتون، مداحون، ٽيهه اکريون، خطبا، مولود شريف، بيت، قطعا، قصيدا ۽ غزل وغيره شامل آهن سندس ڇپيل شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ديوان جتوئي"، "گلزار جتوئي"، "افڪار جتوئي" ۽ "جذبات جتوئي" شامل آهن ان کان علاوه موسيقيءَ بابت سندس ڪتاب "سر ساز - آواز گداز" ڇپيل آهي هن 13 اپريل 1950ع تي راهه رباني ورتي.

مختيار اثر

علامه آءِ آءِ قاضي



اڄ سنڌ جي عظيم مفڪر ۽ عالم علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي علامه صاحب جو جنم 1886ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ دادو ضلعي جي مشهور شهر پاٽ شريف جا رهواسي هئا هن ابتدائي سنڌي، ديني ۽ رياضيءَ جي تعليم خانگي طور آخوند عبدالعزيز کان حاصل ڪئي 1904ع ۾ سنڌي فائنل ۽ 1905ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ان بعد هڪ سال تائين علي ڳڙهه ڪاليج ۾ به پڙهيو 1911ع ۾ لنڊن مان بار ايٽ لا جي سند حاصل ڪيائين لنڊن ۾ ئي امڙ ايلسا قاضيءَ سان 1910ع ۾ سندس وهانءُ ٿيو 1921ع ۾ مئجسٽريٽ طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين 1922ع ۾ خيرپور رياست ۾ سيشن جج مقرر ٿيو 1927ع ۾ انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏنائين ۽ 1928ع ۾ ٻيهر لنڊن هليو ويو هو ننڍي کنڊ جو پهريون ماڻهو هو جنهن کي لنڊن جي شاعريءَ واري سوسائٽيءَ جو نائب صدر بنجڻ جو اعزاز مليو 1933ع ۾ لنڊن ۾ جميعت المسلمين نالي هڪ تنظيم جو بنياد رکيائين انهن ئي ڏينهن ۾ هن پنهنجي ونيءَ سان گڏ جڳ مشهور ڪتاب "يورپي ڇوڪري خدا جي ڳولا ۾" لکيو 1951ع ۾ کيس سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو سندس 9 ساله دور ۾ سنڌ يونيورسٽي تعليمي ميدان ۾ ڪافي اڳڀرو رهي ۽ ڪيترائي نوان آرٽس ۽ سائنس جا شعبا کليا وائيس چانسلر جي عهدي تان استعيفا ڏيڻ بعد سندس عمر جو گهڻو حصو مطالعي ۽ شاهه جي شاعريءَ جي تحقيق ۾ گذريو پاڻ ۽ سندس گهرواريءَ گڏجي شاهه جي شاعري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪئي تاريخ 13 اپريل 1968ع تي سنڌوءَ جي ڇولين کيس هميشه لاءِ پنهنجي آغوش ۾ وٺي ڇڏيو.

مائي بيگم فقيرياڻي



اڄ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هوءَ 12 مارچ 1915ع تي هارون ميرٻحر جي گهر ۾ پيدا ٿي هن پنهنجي مرشد پير هنباهه جي درگاهه تي ڳائڻ سان پنهنجي فن جي ابتدا ڪئي هن کي صوفي شاعري ۽ عارفاڻو ڪلام ڳائڻ تي وڏو ملڪو حاصل هو هوءَ اڪيلي سر به ڳائيندي هئي ته گڏوگڏ ان وقت جي مشهور لوڪ فنڪارن لونگ فقير، سهراب فقير، گلشن زنگيجي ۽ گل حسن فقير سان گڏ ڪورس جي انداز ۾ به سروڪيريندي هئي هوءَ هڪ ڄڳي شاعره به هئي هن جا ڪيترائي ڪلام ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ٿيا سندس ڪلامن جون ڪجهه ڪيسٽون به جاري ٿيون هن 13 اپريل 1987ع تي هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو. مشهور ليکڪ اختر درگاهي سندس پوٽو آهي جنهن بيگم فقيرياڻيءَ جي سوانح "حال فقيري" جي نالي سان ڇپائي پڌري ڪئي.

هريش واسواڻي



اڄ مشهور ڪالم نگار، شاعر ۽ اديب هريش واسواڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 22 نومبر 1940ع تي لورالائي بلوچستان جي هڪ سنڌي هندو خاندان ۾ اکيون کوليون اڃا ستن سالن جو مس هو جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هن کي پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان وڃي وسڻو پيو هندستان ۾ گجرات جي مختلف اسڪولن ۾ پڙهيو اڳتي هلي علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان انگريزي، پوليٽيڪل سائنس ۽ هنديءَ ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين هو اديپور ڪڇ جي مشهور تولاڻي ڪاليج آف آرٽس ۽ سائنس ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ پوليٽيڪل سائنس شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو انهيءَ ئي ڪاليج مان رٽائر ڪيائين هو هندو مذهب بجاءِ ٻڌ مذهب سان لاڳاپيل رهيو. انهيءَ ڪري مقامي هندو برادري هن کان پاسيرو رهي نتيجي طور هن عمر جو گهڻو حصو اڪيلائيءَ جو عذاب سهندي گذاريو هو نه فقط هڪ سٺو شاعر هو پر گڏوگڏ هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار طور به ڪافي مشهور هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "جليبه چاهتر" (شاعري)، جليبه اسي (ڪهاڻيون)، "جليبه جوراسي" (تنقيدي مضمون)، "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي"، "ٻيو دفعو"، "ڏينهن"، "موت"، "پرش وشوا"، "وڏو شهر" ۽ "هڪ جذبي جو موت" شامل آهن ان کان علاوه هو "سنڌي تنقيد"، "چونڊ سنڌي ڪهاڻيون" ۽ "شاعر شيام" جو ايڊيٽر پڻ رهيو هن 13 اپريل 2013ع تي هي جهان ڇڏيو سندس وني اندرا واسواڻي به هڪ بهترين ليکڪا طور سڃاتي وڃي ٿي.

ڪامريڊ سڪندر بختيار ڪوسو



اڄ نئبولڙي اديب، صحافيءَ ۽ سنڌيڪار ڪامريڊ سڪندر بختيار ڪوسي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 12 نومبر 1946ع ۾ بختيار خان ڪوسي جي گهر ۾ بلوچستان جي شهر اوستا محمد ۾ ڄائو اڃا ننڍڙو هو جڏهن سندس والد پنهنجي ڪٽنب سان گڏ اوستا محمد ڇڏي جيڪب آباد ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي سڪندر ڪوسي ابتدائي تعليم جيڪب آباد مان حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون هن عملي زندگيءَ جي شروعات پاپوليشن آفيسر طور ڪئي پر ضياءُ الحق جي دور ۾ کيس برطرف ڪيو ويو نوڪري وڃڻ کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس جي سامهون عريضي نويسيءَ جو ڪم ڪندو هو هن 1981ع ڌاري صحافت جي دنيا ۾ پير پاتو پاڻ جيڪب آباد مان شايع ٿيندڙ مختلف رسالن ۽ اخبارن جو ايڊيٽر رهيو هن ڪيترائي مضمون پاڻ به لکيا ته ٻين ٻولين مان ترجمو به ڪيا هن شاعري به ڪئي سندس شاعريءَ ۾ غزل ۽ نظم وغيره شامل آهن هن جيڪب آباد ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ قائم ڪئي ۽ ڪيترائي پيرا انهيءَ شاخ جو عهديدار رهيو هن 13 اپريل 2020ع تي وفات ڪئي.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومرپروٽيڪشن جج اينڊ جي ايم متياري
(روبرو جناب عبدالوحيد راهوجو)
ڪيس نمبر 15/2025 زير قلم 379.34 پي پي سي
پي ايس سيڪٽ
جنرل پبلڪ ڏانهن:

جيئن ته اپيليڪينٽ نالي جميل احمد ولد سائين بخش خواجه پنهنجي لوڊر رڪشا جي وصولي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي جنهن جو رجسٽريشن نمبر KZ-0739 ماڊل 2020 ڪلر ڳاڙهو انجڻ نمبر 01312 جيڪو مثين چاڻڪيل ڏوهه ۾ پي ايس سيڪٽ وٽ ضبط آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽيڪشن جج اينڊ جي ايم متياري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 129سال 2026

مسمات روزينا ڌيءَ غلام حيدر اوٺو رهندڙ محله سيد آباد مريم روڊ نوابشاهه ..پلينٽف.بخلاف. شوڪت ولد محمد بخش اوٺو رهندڙ ڪرمپور تعلقو سيوهڻ ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 03053976356. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 34سال 2026

مسمات ڪلثوم بيبي ڌيءَ ذوالفقار علي ليکي رهندڙ ڳوٺ شاهه محمد ليکي تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ ..اپيليڪينٽ.بخلاف. (1) غلام عابد (2) غلام مهدي (3) عليزا فاطمه سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم ذوالفقار علي ليکي. اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.25.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) ارمان علي (2) رخسار زهره جي پراپرٽي پلاٽ نمبر 74 ايراضي 1125 اسڪوائر فوٽ واقع ديهه 87-A نصرت نوابشاهه بابت گارڊين جي مقرري تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

بقايا 1 نوجوان مارجي ويو

ڪي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا. اطلاع تي حد جي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍائي ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو ان موقعي تي مقتول نوجوان جي امڙ پروين ڪوڪر رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته جواد گهر کان ٻاهر نڪري ويو هو جنهن کي جتوئي ذات سان واسطو رکندڙ هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪيو آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته نوٽيس وٺي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي. واقعي بابت حد جي ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته شروعاتي جاچ ۾ معلوم ٿيو آهي ته جتوئي ۽ ڪوڪر ذات جي ٻن ڌرين جو پاڻ وچ ۾ زميني تڪرار هلندڙ آهي جنهن معاملي تان جتوئي ذات جي هٿياربندن فائرنگ ڪري نوجوان جواد ڪوڪر کي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن. قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو هوڏانهن پوسٽ مارٽم بعد مقتول جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو ڪيس داخل ٿي نه سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي.

بقايا 2 احتجاج

سائيز جي نالي تي آئي ڏينهن هي اسان کان پيو گهرڻ ٿا جيڪي هر ڏينهن وڏي 3000 ڊائين ڀڻا آهن اسان مسڪين ڪيڏانهن وڃون ريڪي جا پئسا الڳ پريون ٽول ٽيڪس الڳ پريون ان کان علاوه گورنمينٽ جو هر مهيني 1200 ٽيڪس الڳ ڏيون مطلب ته ڪيسي مان خرچ ڪيون ٿا بچت ته پري جي ڳالهه آهي . هنن چيو ته ليز جي نالي تي منرل اينڊ مائينز هي نالي تي ارڳاڙيون ڪيون پيون وڃن پر ڪير هنن کان پڇڻ وارو ڪونهي يا اٿڻ جي نالي تي لٽيو پيو وڃي اسان ڊي سي ڄامشورو ، منرل مائينز جي ڊسوارن کان مطالبو آهي ته جاٿايل پتاخورن خلاف سخت قدم کڻي اسان مسڪين ماڻهن جي روزي ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ ختم ڪئي وڃي.

بقايا 3 احتجاجي مظاهرو

انڌيري ۾ اسان کي گهر ٻاهران ڪنيڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا پوليس گرڊي آهي، پاڙي وارن پنهنجي مدد پاڻ اسان کي پوليس کان ڇڏائي ورتو آهي ۽ هاڻ به پوليس عملدار اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي اسان کي ڪنيڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪڏهن اسان معان ڪو ڪيس وغيره آهي ته اسان کي ٻڌايو وڃي. هنن چيو ته اسين صاف سٿرا شهري بي ايس سي جا شاگرد آهيون ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس کي اسان شاگردن سان اهڙي قسم جون ناجائزيون نه ڪرڻ گهرجن هنن ايس ايس پي جيڪب آباد، ايم اين اي ۽ ايم پي اي جيڪب آباد کي اپيل ڪندي چيو آهي ته ايئرپورٽ ٿاڻي جي زيادتين جو نوٽيس وٺي سندن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 4 احتجاجي ريلي

هال احتجاجي ڌائين ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور عسڪري، ڪامريڊ محمد علي خشڪ، اصغر نوناري، شمس پنهور منور نوناري، مولا بخش قليوئي محمد صفر مغيري، سارنگ امس اياز ساريو بخشل مڪسي، محمد امين سيال افضل سائيل فدا مغيري، عطاالله هيسباڻي سوڊل سولنگي ۽ وقار سنڌي سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته باڊهه شهر آبادي ۽ ايراضي جي لحاظ کان تعلقي جو حقدار آهي پر پيپلز پارٽي حڪمران ٽوڙي مقامي اڳواڻن باڊهه شهر سان ماليڪي ماءِ وارو سلوڪ ڪري شهر کي تباهي ڪناري پهچائڻ ۾ ڪا ڪسر ڪا نه ڇڏي آهي ماضي جو خوبصورت ۽ ڪاروباري شهر باڊهه هينئر هڪ ٻٽي موئن جي دڙي جا آثار پيش ڪري رهيو آهي ديوان ۽ شيخ برادرين سميت شهر جا اڪثر ڪاروباري خاندان بنيادي سهولتون نه ملڻ ۽ شهر ۾ وڌندڙ بدامني سبب لڏپلاڻ ڪري ويا آهن نتيجي ۾ شهر جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي هنن چتاءُ ڏنو ته باڊهه جي ترقي ۽ خوشحالي جو دارومدار صرف باڊهه تعلقي سان سلهاڙيل آهي تنهن ڪري بنادير باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏئي نوٽيفڪيشن جاري ڪري شهرين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 5 احتجاج

ڪنجهر منگنيجو جي ڳوٺائن معان چوڙهائي ڪري سندن جو لکين رپين جو مال ساري وئي آهي جيڪو هڪ مظلوم بيگناهه ڳوٺائن جو مال آهي جيڪو واپس ڪيو وڃي. هنن چيو ته اصل چور مسمات حنا عورت ۽ ان جا ساٿاري جيڪي کلي عام گهمي رهيا آهن ۽ روي پوليس بي گناهه ٻين ڳوٺائن جو مال کاهي وئي آهي ڳوٺ ڪنجهر منگنيجو تي پوليس جو ايس ايڇ او امير چانگ پير بگا شاهه سان ملي ڀڳت ڪري بيگناهه ڳوٺ جي ماڻهن معان اڌان جي ٻاتون سان ملي ڪري بي ڏوهه مظلوم عبدالله منگنيجو جا ڏور ڪاهي وئي جڏهن ته حنا منگنيجو پنهنجي ساٿارين انصاف منگنيجو پنجل منگنيجو سان ڳڻ جي چوريءَ جي واردات ڪئي ۽ هنن پوليس جي هٽ تي هنن 6 ڪان 7 لک رپيا ڪيش واپس به ڪيا. جيڪي به پير بگا شاهه کي ملي ويا آهن ۽ هاڻي پوليس جو ايس ايڇ او امير چانگ جيڪو ڪرپٽ ۽ راشي آهي، هن پيسن عيوضن ڪافي ٿاڻن تي رهي ڪري ماڻهن ماريا ڦرون ڪرايون ان خلاف انڪوائري ٿيڻ گهرجي هنن وس وارين اعلي اختيارين کان گهر ڪندي چيو ته پوليس پارن کين مال جلد کان جلد واپس ڪيو وڃي. اگر ائين نه ڪيو ويو ته اسان انهن خلاف ڪورٽ ويندا سين هنن وڌيڪ چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر مال ٻن ڏهاڙن اندر واپس نه ڪيو ويو ته ٻئي صورت ۾ احتجاجي جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 6 فوت، انگ 5

۾ پڻ ادا ڪئي وئي ٻئي پاسي راڻي پور ۾ ڪمپٽ پوليس موجب ضلعي جي تمام نفري طلب ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف ٿاڻن جا ايس ايڇ اوز ۽ پوليس جي جوانن سميت ليڊيز پوليس اهلڪارن جي ڳوٺ وريو واهڻ تي آپريشن ڪيو ويو جنهن ۾ 12 شڪي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا.

بقايا 7 احتجاجي مظاهرو

اڳواڻي محمد رمضان صفي الله جعفري لطف الله جتوئي ۽ اقرار سنڌي ڪئي. ان موقعي تي مختلف ڪاليجن يونيورسٽين ۽ اسڪولن سان تعلق رکندڙ سوين شاگرد ۽ شاگردياڻيون موجود هيون. احتجاج ڪندڙ شاگرد اڳواڻن جو چوڻ هو ته هي خودڪشي نه پر هراساني جو نتيجو بڻيل قتل آهي. هنن الزام هنيو ته ڊاڪٽر فهميده لغاري کي تعليمي اداري اندر هراسان ڪيو ويو جنهن سبب هوءَ اهڙي انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي. مظاهرين جو موقف هو ته اسان هن واقعي کي سنڌي ۽ اڻ سنڌي طرح قتل سمجهون ٿا.شاگرد اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ شاگردياڻين کي هراسان ڪيو پيو وڃي، نوشين ڪيس، نمرا طاهر ڪيس ۽ اهڙيون ڪيترئين ئي مثالون موجود آهن. مظاهرين سوال اٿاريو ته جڏهن سنڌ جون نياڻيون تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيون آهن ته پوءِ ڪين هاسٽلن ۽ تعليمي ادارن ۾ هراسان ڪري خودڪشي تي ڇو مجبور ڪيو پيو وڃي؟ هنن ان کي "غلامي جي علامت" قرار ڏيندي چيو ته اڄ به اسان جا ٻار هاسٽلن ۾ تڪليفون سهي رهيا آهن ۽ شاگردن کي رات جي اونداهين ۾ لاپتا ڪري ڇڏيو وڃي ٿو. مظاهري دوران شاگردن صوبائي حڪومت ۽ رياست پاڪستان آڏو هيٺيان مطالبا پيش ڪيا؛ محمدي ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپل کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي، ڇو ته ڪيس ڪاليج اندر ٿيندڙ سيني سرگرمين جي جاچ هوندي آهي. ڊاڪٽر فهميده لغاري جي نامعلوم قاتلن خلاف ڪارروائي ڪري شفاف جاچ ڪرائي وڃي. لاپتا ماڻهن جي مسئلي تي سخت نوٽيس وٺي انهن جي بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي. احتجاج دوران شاگرد اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان اهو پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته هي خودڪشي نه پر قتل آهي ۽ توهان اسان جي آواز بڻجو ته جيئن سنڌ جون نياڻيون بنا خوف جي تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ ڪين هراساني جو نشانو نه بڻايو وڃي. مظاهرو پرامن رهيو ۽ آخر ۾ شاگردن اعلان ڪيو ته هو پنهنجا مطالبا لاڳاپيل اختيارين تائين پهچائڻ لاءِ ميمورنڊم جمع ڪرائيندا.

بقايا 8 گهر سڙي خاڪ

جنهن تي ضابطو آڻڻ کان اڳ ئي تيزي سان پکڙجي وئي ۽ ڪيترن ئي گهرن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو باهه سبب علي خان جاگيراڻي، پنهل جاگيراڻي، غلام حسين الطاف ۽ قمرالدين ۽ ٻين ڳوٺاڻن جا گهر مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا باهه جي نتيجي ۾ گهرن اندر اناج، سونا زيور روڪ رقم، هنڌ ڪٿون ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو متاثرن ٻڌايو ته باهه لڳڻ سبب وڏو مالي نقصان پهتو آهي واقعي ڪانپو متاثر خاندان کلي آسمان هيٺ ويهڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون ۽ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن متاثرن حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ سماجي تنظيمن کان ترت امداد جي ڪين فوري طور رهائش کاڌ خوراڪ ڪپڙا ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي جي سخت ضرورت آهي

بقايا 9 زين شاهه

ڪري ٿي جن کي سنجيدگي سان سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته سياف سميت سنڌ يونيورسٽي جي باشعور شاگردن طرفان هن واقعي خلاف پرامن احتجاج ڪرڻ سندن بنيادي جمهوري ۽ آئيني حق آهي پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڄامشورو پوليس طرفان انهن شاگردن معان ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جيڪو هڪ غير مناسب ۽ غير جمهوري عمل آهي ۽ اظهار راءِ جي آزادي تي سڌو حملو آهي جنهن جي ڀرپور مذمت ڪجي گهٽ آهي هن وڌيڪ چيو ته سموري سنڌ اندر حڪومتي سرپرستي هيٺ مافيائون ڪم ڪري رهيون جيڪي هر اداري اندر موجود آهن سنڌ جي عوام کي ان وڌندڙ ڏاڍ خلاف پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته ايس يو پي متاثر شاگردن سان قانوني مورچي سميت هر مورچي تي گڏ آهي هن مطالبو ڪيو ته شاگردن خلاف داخل ڪيل ايف آءِ آر فوري طور واپس ورتي وڃي احتجاج ڪندڙ شاگردن کي هراسان ڪرڻ بند ڪيو وڃي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي واقعي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪرائي ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي سيد زين شاهه جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان واضح ڪرڻ چاهيون ٿا ته پرامن احتجاج ڪنهن به جمهوري معاشري جو حسن هوندو آهي ۽ ان کي ڏوهه بڻائڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي

بقايا 10 5 ڄڻا زخمي

جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ لٺيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب غلام شبير جتوئي امتياز لياقت، اسد علي جابر علي سخت زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي سندن علاج جاري هو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 11 مڃتا لاءِ احتجاج

ڏنو محفوظ احمد ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ 19 هزار کان وڌيڪ ويٽنگ اميدوار موجود آهن جڏهن ته هزارين استادن جون سيٽون خالي پيل آهن ان باوجود سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، ڊي اي اوز ۽ ٽي اي اوز ويٽنگ اميدوارن جي ميرٽ کي نظرانداز ڪري رهيا آهن جنهن سبب نوجوانن جو مستقبل متاثر ٿي رهيو آهي مظاهرين چيو ته سنڌ جي هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ٻار استادن جي کوٽ سبب تعليم کان محروم آهن ان باوجود ويٽنگ پاس اميدوارن کي ڀرتي نه پيو ڪيو وڃي.هنن مطالبو ڪيو ته عدالتي حڪم مطابق 40 پلس اميدوارن کي فوري آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن نئين ۽ پراڻي ايس اين اي ڏني وڃي، بند اسڪول کوليا وڃن ۽ ايس ٽي پاليسي تي مڪمل عمل ڪيو وڃي.

بقايا 12 گرفتاري لاءِ ريلي

ڪڍي وئي هنن حڪومت سنڌ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته سعيد احمد جتوئي جا قاتل گرفتار ڪري مقتول جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 13 نوٽيس ورتو

واپاري راڪيش ڪمار ۽ ايس ايڇ او سوراهه عبدالمجيد سڏايو ڪي سپاٽي اڄ سومر ڏينهن طلب ڪري ورتو آهي جنهن تي بيان ورتا ويندا واضح رهي ته 3 ڏينهن اڳ ايس ايڇ او سوراهه پاران بنا جواز واپاري راڪيش ڪمار جي دڪان جي چوڙهائي ڪري واپاري راڪيش ڪمار کي گرفتار ڪرڻ بعد پوليس پاران سخت تشدد بعد لاڪ اپ ڪري ڇڏيو هو اهڙي عمل کان پوءِ هندو برادري ۾ سخت ڪاوڙ ۽ غصي جي لهر پکڙيل هئي

بقايا 14 احتجاج

شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي زراعت کي درپيش سنگين مسئلن تي ڳالهيون ٿيون ظاهر ڪندي چيو ويو ته حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب زراعت ڏينهون ڏينهن تباهي طرف وڃي رهي آهي جنهن سان هارين ۽ آبادگارن جو معاشي استحصال ٿي رهيو آهي، ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميده لغاري جي پيش آيل افسوسناڪ واقعي خلاف به ڪانفرنس ۾ سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ جو مطالبو ڪيو ويو ڪانفرنس ۾ چيو ويو ته ميرپورخاص ۾ حراسمينٽ جو شڪار بڻيل شاگردياڻي وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي. هٽ وٺي سنڌ جي نياڻين تعليم تباهه ڪئي پئي وڃي سنڌ جي نياڻين جي تعليم تي بندش جي خطرناڪ سازش رچي وئي آهي ڪانفرنس کي سنڌي هاري تحريڪ جي سرڪري اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري هاري تحريڪ ضلع بدين جي جنرل سيڪريٽري سورج ڪولهي امير بخش جرواز مهراڻ درس غلام حيدر بڪاري نوراحمد بڪاري مختيار بڪاري سليمان هالپيو پورو ڪولهي ۽ ٻين خطاب ڪيو. مقررين چيو ته ڪٽڪ سميت ٻين فصلن جا اگهه مارڪيٽ ۾ هٽ وٺي گهٽ ڪرايا پيا وڃن جڏهن ته زرعي پاڻ ڀڄ ۽ دوائن جا اگهه بي قابو ٿي چڪا آهن جنهن ڪري هاري سخت مالي بحران ۾ ڦاسي پيا آهن. هنن چيو ته ڪٽڪ جو 3500 رپيا في مڻ اگهه هارين جي معاشي قتلام برابر آهي جڏهن ته سنڌ سرڪار هارين کي روزانو نيون تڪليفون ڏئي رهي آهي ۽ هاري ڪارڊ به هارين جي فائدي لاءِ مؤثر ناهي. هنن وڌيڪ چيو ته اڳ به ڪماڻي بصر ۽ ٻين فصلن سان ساڳيو حشر ڪيو ويو جنهن سبب هارين کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو. ڪانفرنس ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪرڻ جي ڪوشش کي سخت لفظن ۾ رد ڪندي چيو ويو ته اها سازش هارين کان سندن زمينون کسي وڏين ڪمپنين حوالي ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪا سنڌ جي معيشت ۽ زراعت لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي. پاڻي جي کوٽ ۽ ورڇ ۾ ناانصافي کي به وڏو مسئلو قرار ڏيندي چيو ويو ته مٿين علائقن ۾ پاڻي روڪي پڇڙين تائين نه پهچڻ ڏنو پيو وڃي. جنهن سان آبادگاري سخت متاثر ٿي رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي. ڪانفرنس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته زرعي جنسن جا اگهه فوري طور وڌايا وڃن پاڻ ڀڄ ۽ دوائن جا اگهه گهٽائي هارين کي ريليف ڏنو وڃي ڪچي ۽ پڪي زمينن تان قبضا ختم ڪري بي زمين هارين ۾ ورهاست ڪئي وڃي، هارين لاءِ خاص ڪورٽون ۽ ڪالونيون قائم ڪيون وڃن ۽ سندن ٻارن لاءِ تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

بقايا 15 صنعان قريشي

پهچائي پئي وڃي ان ۾ ڄامشورو ضلعو منشيات جي حوالي سان ٽڪ ضلعو آهي،جتان منشيات کي پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات کي سڄي سنڌ ۾ پهچايو پيو وڃي منشيات جي خاتمي لاءِ جسقم ڪارڪن ڀرپور جدوجهد جو رستو اختيار ڪن 17 مئي تي نوابشاهه ۾ مهانگائي، بک ، بدحالي، منشيات، لاقانونيت، قبيلائي جهيڙن خلاف هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي، جنهن ريلي ۾ وڌيڪ جدوجهد جو اعلان ڪيو ويندو ڄامشورو ۾ جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي ڳوٺ چاڙا شورو پيرا ميڊيڪل ڪالوني پهتو جسقم ضلعي ڄامشوري جي صدر ڪامريڊ سومر خان جمالي جي وفات تي سندس ڪيجهي واري وارين رسمن ۾ شرڪت ڪئي سندس پٽن ،ڀائرن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي ڪامريڊ ماما سومر خان جمالي کي ڀيجهي تي چيو ته ڪامريڊ سومر خان جمالي جي جدوجهد ۽ ڪردار کي نٿو وساري سگهجي هن پارٽي سان آخري تائين نڀايو هي ساهه جي آخري گهڙين تائين اسان سان گڏ بيٺو رهيو جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي وڌيڪ چيو ته منشيات سڄي سنڌ ۾ نسلن جا نسل تباهه ڪري ڇڏيا آهن،پوليس جي سرپرستي ۾ سڄي سنڌ ۾ منشيات پهچائي پئي وڃي ڄامشورو ضلعو منشيات جي حوالي سان ٽڪ ضلعو آهي،جتان منشيات کي پوليس جي سرپرستي ۾ سڄي سنڌ ۾ پهچايو پيو وڃي، هن چيو ته منشيات جي خاتمي لاءِ جسقم ڪارڪن ڀرپور جدوجهد جو رستو اختيار ڪن، جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جو وڌيڪ چوڻ هو ته 17 مئي تي نوابشاهه ۾ مهانگائي ، بک ، بدحالي منشيات، لاقانونيت، قبيلائي جهيڙن خلاف هڪ وڏي ريلي ڪڍي ويندي، جنهن ۾ وڌيڪ جدوجهد جو اعلان ڪيو ويندو ان موقعي تي جسقم چيئرمين سان سرڪاري اڳواڻ صفدر علي تنيو عزيزالرحمان شيخ، ديدار شاهه علي بخش ڪابوري رياض تاريجو امتياز بليدي سميت جسقم جا ڪيترائي ڪارڪن موجود هئا.

بقايا 16 متاثرن جو احتجاج

نامعلوم هٿيارٻندن شهري گلبهار پنهور کي يرغمال بڻائي ست لک رپيا نقد ڪيش ديده دليري سان ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن بعد پوليس جاءِ واردات تي پهچي تفصيل ورتا جڏهن ته ڦرجي ويل شهري گلبهار پنهور داٺهون ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڦورن جي گاڏي تي سنڌ پوليس لکيل هو هٽ ڪو به شهري محفوظ نه آهي پوليس ڦورن سان مليل آهي هن گهرو وزير ضياءالحسن لنجار کي اپيل ڪئي ته ڦر جو فوري نوٽيس وٺي منهنجي ڦريل رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي.

بقايا 17 انصاف جو مطالبو

ڪي 3 نياڻيون ۽ 2 پٽن جي اولاد آهي، مان پاڙي ۾ ٻارن جون شيون وڪرو ڪري گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان مان انٽر پاس آهيان ڪيترا ڀيرا معذور ڪوٽا تحت وفاقي ۽ صوبائي کاتن ۾ درخواستون جمع ڪرايون معذور ڪوٽا جي نوڪري لاءِ ڪافي ڀيرا ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سميت چونڊيل نمائندن جي درن جا چڪر ڪاٽيا آهن پر هن وقت تائين مون کي معذور ڪوٽا تحت نوڪري نه ملي سگهي آهي جنهن ڪري گهر جو خرچ هلائڻ انتهائي مشڪل ٿي پيو آهي غربت سبب گهر ڀاتين ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن منهنجي صدر پاڪستان آصف علي زرداري، وزيراعظم پاڪستان محمد ميان شهباز شريف، پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه سميت ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي کي اپيل آهي ته مون کي ڪنهن به سرڪاري کاتي ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪري ڏياري روزگار فراهم ڪيو وڃي ته جيئن مان پنهنجي گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪري سگهان

بقايا 18 ڪميٽي قائم

تحقيقات مڪمل ڪري رپورٽ صوبائي وزير کي پيش ڪندي ڪميٽي جي ڪنوينر يونيورسٽيز واري کاتي ۽ بورڊز وارو اسپيشل سيڪريٽري ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري بورڊز بطور ميمبرز شامل هوندا. جڏهن ته چيئرمين ٽيڪنيڪل بورڊ ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري (بورڊز) بطور ميمبر شامل هوندا تحقيقاتي ڪميٽي ان ڳالهه جو جائزو وٺندي ته امتحانن کان اڳ يا دوران ڪهڙن سببن جي بنياد تي مرڪز تبديل ڪيا ويا. اهو به ڏٺو ويندو ته ڇا ان ۾ مالي مفاد، اقربا پروري يا غير قانوني اثر رسوخ شامل هو يا نه ڪميٽي امتحاني مرڪزن جي الاٽمينٽ ۾ بي قاعدگين ملي ڀڳت ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جي الزامن جي پڻ جاچ ڪندي يونيورسٽين واري صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو چيو آهي ته ڪميٽي ان ۾ ملوث آفيسرن ۽ ملازمن جي نشاندهي ڪندي ۽ جيڪو به ڏوهي مليو ان خلاف سخت انتظامي ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 19 لاڏاڻو ڪري ويو

ڀاءُ آهن جيڪي شهر کان ٻاهر رهندا آهن ان ڪري هن جي ڪفن دفن ۽ قبرستان بابت ڪو به فيصلو نه ٿي سگهيو آهي ۽ ڪيس امانت طور ايڌي جي سرد خاني ۾ رکيو ويو آهي ٻئي طرف ڪراچي يونين آف جرنلسٽس (ڪي يو جي) جي صدر اعجاز احمد، جنرل سيڪريٽري لبني جرار نائب صدر محمد ناصر شريف، راهب گهاهو خزانچي ياسر محمود، جوائنٽ سيڪريٽريز طلحه هاشمي روبينا ياسمين ۽ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبرن سينئر صحافي اخبار خيطان جي اڳوڻي ايڊيٽر ۽ ڪراچي يونين آف جرنلسٽس ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي سينئر ميمبر محترم شميم اختر جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي هڪ بيان ۾ ڪي يو جي جي عملدارن چيو ته محترم شميم اختر جي صحافتي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو هن اخبار خيطان کي هڪ اهم مقام ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ڪي يو جي جي عملدارن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم جي مغفرت ڪري ۽ سوڳوار خاندان کي صبر عطا ڪري آمين

بقايا 20 مظاهرو

خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪندڙن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي شاگرد اڳواڻن چيو ته تعليمي ادارن ۾ اهڙا واقعا معمول بڻجي ويا آهن حڪومت کي فوري طور قدم کڻڻ گهرجي شاگرد اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڊ فهميده لغاري جي خودڪشي تعليمي ادارن ۾ نياڻين جي عدم تحفظ جو هڪ سانحو آهي هنن چيو ته ڊ فهميده لغاري جي خودڪشي واري واقعي سبب تعليم حاصل ڪندڙ نياڻين جي والدين ۾ خوف پيدا ٿي ويو آهي ان واقعي تي قانوني قدم کنيو وڃي شاگرد اڳواڻن مطالبا ڪندي چيو ته ڊ فهميده لغاري جي قتل ۾ ملوث عملدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 21 تعاون جي اپيل

آئي آهي ته زيرو پوائنٽ کان سري ويندڙ رستا بند آهن ۽ ايڪسپريس وي فيض آباد کان سري ويندڙ ٽريفڪ کي زيرو پوائنٽ موڪليو پيو وڃي شهري موجب زيرو پوائنٽ کان ٽريفڪ کي واپس فيض آباد موڪليو پيو وڃي سندس موجب اسلام آباد ۾ شڪر پڙيان ۽ چاند تارا وارو روڊ بند آهن ۽ شهري 3 ڪلاڪن کان ٽريفڪ ۾ ڦاسي پيا آهن ٻئي طرف اسلام آباد پوليس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته پرڏيهي وفدن جي آمدورفت جاري آهي پوليس ترجمان موجب ڪلب روڊ، سري روڊ ۽ ايڪسپريس هاءِ وي تي مختلف وقتن تي ٽريفڪ کي روڪيو پيو وڃي پوليس ترجمان موجب ريڊ زون ۾ سڀ رستا اڃا تائين بند آهن. شهري ڊائيورشن دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان تعاون ڪن

بقايا 22 تحسين پيش

خان، راشد محمود اعوان، شڪيل عباسي، وسيم ترڪ، سجاد خان سواتي شامل آهن ڪانفرنس ۾ هزاره قوم کي درپيش مسئلن، اتحاد ۽ مستقبل تي بحث ڪيو ويو ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن 12 اپريل 2010 تي هزاره صوبي جي تحريڪ ۾ شهيد ٿيندڙن کي خراج تحسين پيش ڪيو خان محمد تنولي ۽ ٻين چيو ته هزاره قوم هڪ محب وطن قوم آهي هزاره هڪ وڏي قوم آهي اسان مطالبو ڪريون ٿا ته هزاره صوبو فوري طور تي قائم ڪيو وڃي اسان هزاره صوبي جي قيام لاءِ سياسي ۽ قانوني سميت هر فورم تي آواز بلند ڪنداسين. اسان جو نعرو آهي ته هزاره صوبو قائم ڪيو ويندو اسان پنهنجي شهيدن جي مشن کي هر پرامن طريقي سان جاري رکنداسين ڪانفرنس ۾ هزاره صوبي جي قيام لاءِ هڪ قرارداد منظور ڪئي وئي شرڪت ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ هزاره قوم جا مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ اسان جي آبادين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا 23 تقريب منعقد

صحافين ۽ مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ 60 شخصيتن کي ڪلاڪار ايوارڊن سان نوازيو ويو جنهن ۾ جن فنڪارن ۽ شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا انهن ۾ شاعره خالده سحر ، سيد نثار شاهه ، ساٿوري فلڪ ، ريما ناز ، سانول ميراڻي ، حمير خان گاد ، عبدالستار ابڙو ، سجده بتول ، سجاد سومرو ، چيئرمين فوٽو گرافي نديم اختر سومرو ، سهراب گوپانگ ، شمس پريمي ، ريڊيو پاڪستان جو پروگرام مئنيجر وسندي علي مهر،پروڊيوسر بهادر مهر ،ڪمپيئرسهراب گوپانگ، لالا رفيق ، منظور سيڻائي ، عبدالفتاح چنو ، صحافي رشيد سمون ، وقار سمون ، سيد مشتاق بخاري ، اداڪار امجد گل سومرو ، منظور آڪاش ، شاعر ۽ اديب عزيز قاسماڻي ، استاد گل دايو ، جواد جعفري ، ڊاڪٽر ذوالفقار راهوجو ، اداڪاره سيما چانڊيو ، علي امجد ابڙو ، ابي بوس ، ثانيه بلوچ ، سليم چنو ، نثار مغيري ، صدام ڪهڙو ، اديب روشن ٽوناڻي ،سيٽ ڊزائينر گلاب شاهاڻي ، اسٽيج سيڪريٽري ايڊووڪيٽ قدير ڊومڪي ، جميل احمد پٽو ، عمران نظير ، اداڪار ظفر ڪوڪر ، ڪيرو برڙو ، عبدالهادي بگٽي ، فياض لاشاري ، رشيد چانڊيو ، ڊراما چيئرمين علي روشن شيخ ، ذوالفقار بڙدي ، اسحاق آگهم ، شاعر سرتاج جاگيراڻي ، رياض مهيسر ، جاويد بلوچ ، عاشق مگسي ، فيروز احمد گاڏهي ، ۽ وائيس چيئرمين پريس اينڊ پبلسٽي نصير محمد ڪهاوڙ جن کي ڪلاڪار ايوارڊن سان نوازيو ويو جڏهن ته پروگرام جي خاص مهمانن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي لاڙڪاڻي جي صدر ۽ وزيراعلي سنڌ جو معاون خصوصي خير محمد شيخ ، سوشل ورڪر آصف شاهاڻي ، شهري اتحاد لاڙڪاڻي جو صدر نياز حسين ابڙو ، مريد ڪڪراڻي ، ايڊووڪيٽ عبدالستار هليو ، عشر زڪوات ضلعي لاڙڪاڻي جي چيئرمين منير احمد شيخ شامل هئا تقريب کي خطاب ڪندي خير محمد شيخ چيو ته آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو عوام لاءِ اسان جي قائد شهيد بينظير ڀٽو طرفان ڏنل تحفو آهي هن چيو ته هتي هر ماڻهو پنهنجا پروگرام ڪري ٿو ۽ لاڙڪاڻي جي شهرين کي تفريح مهيا ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي سوهن جو ڏڙو جي سي اي او فدا حسين ملاڪو جس لهڻي جنهن هيڊو وڏو ڪلاڪار ايوارڊ پروگرام ڪري پاڻ مڃرايو آهي هن چيو ته فدا حسين ملاڪو هميشه سنڌ جي مشهور اداڪارن کي ۽ ٻين شخصيتن کي مڃتا طور ايوارڊ ڏنا آهن هو زبردست پروگرام ڪندو آهي فدا حسين ملاڪو چيو ته سنڌ جا فنڪار ، شاعر اديب اسان جو سرمايو آهن مان هميشه انهن جي خدمت ڪندو رهندس ۽ اهڙا ايوارڊ پروگرام بار بار ڪندو رهندس اڄ مون کي وڏي خوشي ٿي رهي آهي ته مشهور فنڪارن شاعرن ۽ اديبن کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهيان جڏهن ته آيل مهمانن کي سنڌ جي مشهور سوکڙي اجرڪ تحفي طور ڏنا ويا جڏهن ته تقريب ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي عهديدارن سيد جاويد شاهه ، اختر پيا ، عاشق دايو ، علي روشن شيخ ، نثار مغيري ۽ ايوب گاد ، سينئر آرٽسٽن احمد پٽاڻ ، بدر سومرو نصير ڪهاوڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ فنڪارن سهڻي ناز، جگر جلال ۽ فدا گوڪر پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي آيل ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو

بقايا 24 ايم ڪيو ايم

حڪومت پنهنجي نااهلي لڪائڻ جي لاءِ ايشيائي ترقياتي بينڪ ۽ ٻين عالمي ادارن جي فنڊز سان ٺهندڙ منصوبن تي پنهنجي نالي جون تختيون لڳائي عوام کي ڌوڪو ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ايم ڪيو ايم جي عارضي مرڪز بهادرآباد مان جاري ڪيل بيان ۾ متحده جي اسيمبلي ميمبرن چيو ته ڪراچي جا روڊ ۽ انفراسٽرڪچر سنڌ حڪومت جي پنهنجي بجيٽ مان نه پر عالمي ادارن کان کنيل قرضن ۽ گرانٽس جي بدولت آهن هنن چيو ته قرض جي پيالي ۽ پنهنجي واهه جي مصداق سنڌ ۾ اهو نظام هلي رهيو آهي. ملڪ کي پالينڊڙ شهر سان اها ڪهڙي ستم ظريفي آهي ته ڪم عالمي بينڪ ۽ ايشين بينڪ جي پئسن سان ٿي رهيو آهي جنهن جو بار به آخرڪار انهي عوام وڌيڪ ٽيڪس جي صورت ۾ لاهڻ آهي پر سنڌ حڪومت جي وزيرن انهي تي پنهنجي نالي جون تختيون لڳائي اٿين پيش ڪري رهيا آهن جيئن اهو انهي جو ذاتي ڪارنامو هجي متحده جي اسيمبلي ميمبرن سوال اٿاريو ته ڪراچي ۾ جمع ٿيندڙ اربين روپين جي ٽيڪس ۽ سنڌ حڪومت جو پنهنجو ساليانو ترقياتي بجيٽ ڪٿي غائب ٿي ويندو آهي؟ جيڪڏن ٽڪ روڊن جي ڪجهه ملو ميٽرن جي لاءِ به عالمي ادارن جو سهارو وٺڻو پوي ته پوءِ صوبائي ناڻو ڪنهن جي کيسي ۾ وڃي رهيو آهي؟ ميمبرن وڌيڪ چيو ته حڪومت ڪاغذي شينهن بنجڻ جي بجاءِ انهن منصوبن جي شفافيت تي ڌيان ڏئي، عالمي ادارن جي فنڊ سان ٺهندڙ روڊن تي تختون لڳائڻ جي ڊوڙ ته لڳل آهي پر اهڙن منصوبن ۾ ٿيل دير ۽ معيار تي ڪوبه چيڪ اينڊ بيلنس نه آهي نام نهاد مقامي سنڌ حڪومت جي پنهنجي ڪارڪردگي صرف انهن ڪڏن تائين محدود آهي جيڪي هر روڊ تي موجود آهن ۽ ميڊ ان سنڌ گورنمنٽ جو اصل اشتهار آهن سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن مطالبو ڪيو ته عالمي بينڪن کان ملندڙ فنڊز جو آڊٽ ڪيو وڃي ۽ عوام کي ٻڌايو وڃي ته اهڙن ادارن سان ورتل رقم جو ڪيترو حصو واقعي زمين تي لڳو ۽ ڪيترو ڪميشن مافيا جي حوالي ٿي ويو هن واضح ڪيو ته عوام هاڻ باشعور ٿي چڪي آهي هاڻ صرف رنگ، روغن ۽ تختيون سان مطمئن نه ٿيندا انهن کي معياري ۽ پائيدار انفرااسٽرڪچر گهرجي

بقايا 25 ڀاڃيون مهانگيون

سرڇن جي سرڪاري قيمت 105 روپيه في ڪلو آهي جنهن جو مارڪيٽ ريٽ 180 روپيه ڪلو آهي شهرين جو چوڻ آهي ته هر شيءِ مهانگي ڪئي وئي آهي ڪماڻا به پهچ کان پري ٿي ويا آهن حڪومت کان مطالبو آهي ته روزاني جي استعمال ۾ ايندڙ شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي. هوڏانهن دڪاندارن جو چوڻ آهي ته ٽرانسپورٽ جو خرچ وڌي ويو آهي انهي لاءِ مهانگي سبزي وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهيون

بقايا 26 تحفظ جو مطالبو

قبضو ڪيو آهي جڏهن ته پوليس وڏيرن جي ٻچ تي منهنجو ساٿ ڏيڻ جي بجاءِ انهن جو ساٿ ڏيئي رهي آهي پوليس منهنجي زمين تان ڪٽڪ جون 22 بوريون پڻ ڪڍائي ٿاڻي تي رکيون آهن جنهن کي 22 ڏينهن ٿيڻ تي آهن جن بورين تي منهنجو حق آهي پر پوليس هنن جو ساٿ ڏيئي رهي آهي . هي زمين منهنجي پي ۽ منهنجي ڀاءُ جي نالي تي آهي جيڪا بياپور تعلقو مانجهند ۾ آهي جنهن تي قبضو ڪيو ويو آهي مون کي اڄڻ به ڪو نه ٿو ڏنو وڃي نياڻا آماڻيا وڃن ٿا ته هتان گذرندي ته ناحق ته مارو ويندي هن چيو ته زمين جا ڪاڻا ڪلي ٿاڻي تي پهتس ته هن ڪاڻي کي ڏسو هي زمين منهنجي آهي ڪٽڪ مونکي ڏيو جي نه ته هنن کان ڪاڻا گهرائي ڪٽڪ هنن کي ڏيو پر پوليس ڪن لاڪار ۾ آهي. آئون زمين جا ڪاغذ کڻي ٿو وڃان پوءِ به پوليس نٿي مڃي اٽلو مون تي منهنجي پٽ ۽ ڀائيجن تي ڪوڙو ڪيس ڪيو اٿئون . سنڌ جي شعور کي اپيل آهي ته ظالمن کان منهنجي زمين آزاد ڪرائي وڃي خاٿوٽ پوليس کان ڪٽڪ واپس ڪرائي وڃي ۽ ڪوڙا ڪيس ختم ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 27 منتخب

سان لاڳاپيل ضلعي جي سمورن عهديدارن سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان کان اڳ جڏهن ضلعي صدر سيد زاهد حسين شاهه قاضي احمد پهتو ته مسلم ليگ ف سان تعلق رکندڙ تعلقي صدر سيد انور علي شاهه لکياري ۽ وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪنن پيچ پاڳارا جي نعرن سان سندن جو شاندار استقبال ڪيو ويو مٿن گل نڇاور ڪيا ويا تعلقي اجلاس دوران مسلم ليگ فنڪشنل تعلقي قاضي احمد جي عهديدارن توڙي يوسي سطح جي عهديدارن جي نالن جو اعلان ڪيو ويو تعلقي جي صدارت لاءِ سيد انور علي شاهه لکياري جنرل سيڪريٽري طور فقير محمد اسحاق ڏاهري سميت ٻين عهيدارن جي نالن جو اعلان ڪري نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو اجلاس دوران ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ضلعي صدر سيد زاهد حسين شاهه چيو ته مسلم ليگ فنڪشنل جو ايندڙ دور شاندار آهي ايندڙ اليڪشن کان اڳ ۾ پير سائين پاڳارا جي هدايتن تي تنظيمي طور ورڪ تيز ڪئي وئي آهي ان حوالي سان قاضي احمد تعلقي جي باڊي جو اعلان ڪيو ويو آهي ايندڙ وقت اسان جو آهي چور حڪمرانن مان جلد جان آجي ٿيڻ واري آهي ان کان اڳ تعلقي صدر سيد انور علي شاهه لکياري اجهائي واري خطاب ڪندي چيو ته مختصر نوٽيس تي تنظيمي اجلاس طلب ڪري هي وڏو ميڙ گڏ ڪيو آهي مون تي پير سائين پاڳاري سميت پارٽي قيادت اعتماد ڪيو آهي انشاء الله انهن جي اعتماد تي پورو لهندس تنظيمي اجلاس دوران ضلعي عهديدارن سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا 28 ملهائي وئي

حافظ صاحب جي شاعريءَ تي مشتمل پروفيسر امتياز حسين مهيسر پاران مرتب ڪيل چوٿون ڪتاب "سونهن ساجن جي سر بسر" جي پڻ پڌرائي ڪئي وئي، جيڪو سنڌ جي عوام لاءِ تحفي طور پيش ڪيو ويو آغاز تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ٿيو جنهن جو شرف حافظ مشتاق احمد مهيسر کي حاصل ٿيو نعت رسول مقبول صلي الله عليه وآلہ وسلم خيرپور جي مشهور نعت خوان نصرالله ڪنڀڙو پيش ڪئي اسٽيج جا شروعاتي فرائض انور سانول ابڙو ۽ باقاعده نظامت استاد محمد اسحاق چانڊيو ادا ڪئي اڳوڻو ڪمشنر شفيق احمد مهيسر،پروفيسر ڊاڪٽر غلام اڪبر مهيسر،پروفيسر خاوند ڏنو لاڙڪ، عاجز غلام رسول ابڙو علي حسن سرڪي، حزب الله سومرو پروفيسر منظور حسين مهيسر غوث بخش خادم عباسي سيد علي شاهه لکياري، جام انعام الله مهيسر خان شفقت مهيسر مقصود محمود مهيسر شريڪ ٿيا تقريب ۾ ڊاڪٽر رستم لاڙڪ، انور سانول ابڙو ڊاڪٽر انور پرديسي، حبيب الله ميمڻ پروفيسر غلام اصغر پنهير پروفيسر ارشاد احمد مهيسر پروفيسر پنهل چاڪراڻي پروفيسر اعزاز سومرو پروفيسر محمد صالح لاڙڪ استاد بنگل خان گهمرو محمد هاشم پٽي استاد ماجد حيدر مهيسر فقير زبير احمد مهيسر سميت سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن سان لاڳاپيل وڏي تعداد ۾ شخصيتن شرڪت ڪئي خطاب ڪندي شاعرن ۽ اديبن چيو ته حافظ محمد اسلم مهيسر اعليٰ پايي جو شاعر هو جنهن جي ڪلام ۾ رب ڪائنات ۽ پياري پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہ وسلم سان عشق جي انتها ملي ٿي هن پيار ۽ پريت جو پيغام ڪئي سنڌ جي واهڻ وستي ۽ جهر جهنگ تائين پهچايو مقررن وڌيڪ ٻڌايو ته حافظ صاحب پيار جي پيغام کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ 1942ع ۾ "پريم پارٽي" جو بنياد وڌو جنهن ۾ 3200 کان وڌيڪ شاعر دانشور ۽ محقق رجسٽرڊ ٿيا پروفيسر امتياز حسين مهيسر کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ويو ته هن حافظ صاحب جي ڪلام کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪري سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي

بقايا 29 بابت سخت قدم

سيڪريٽري کي پريس ڪلب جي فنڊن جي تفصيل جمع نه ڪرائڻ تي انهن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جيڪڏهن ستن ڏينهن اندر ٻنهي پاران پريس ڪلب جي فنڊن جي استعمال بابت تفصيل يا بقايا فنڊ جمع نه ڪرايا ويا ته انهن جي ڊگهوڙي پريس ڪلب جي رڪنيت معطل سمجهي ويندي.جڏهن ته ڊگهوڙي پريس ڪلب جي سمورين غيرفعال ميمبرن کي به ستن ڏينهن جو شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن تحت انهن کان سندن ادارن جا نمائندگي ڪارڊ جمع نه ڪرائڻ ۽ صحافت ۾ غيرفعال هجڻ بابت وضاحت طلب ڪئي ويندي، ٻي صورت ۾ سندن رڪنيت معطل ڪئي ويندي.ڊگهوڙي پريس ڪلب جي ٻن ميمبرن کي سرڪاري نوڪري ملڻ سبب انهن جي پريس ڪلب جي رڪنيت پڻ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ ڊگهوڙي پريس ڪلب جي ڇت تي هال جي اڌوري منصوبي کي فوري طور ختم ڪري ڇت تي ٺهيل چارديواري کي هٽائي ڇت جي نئين سر مرمت ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان سان گڏ پريس ڪلب جي گيٽ پرسان ٺهيل تڪراري دڪان کي هٽائي پريس ڪلب جي مين گيٽ کي نئين ۽ جديد انداز ۾ تعمير ڪرائڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو.ان موقعي تي ڊگهوڙي پريس ڪلب جي صدر آغا روز اسان سرغزائي چيو ته ڊوڙين ۽ ضلعي کان پوءِ ڊگهوڙي پريس ڪلب تعلقو هيڊ ڪوارٽر هجڻ سبب وڏي اهميت رکي ٿو تنهنڪري پريس ڪلب کي هڪ فعال ۽ منظم ادارو بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 30 ڪانفرنس منعقد

ڏيئي علي محمد پرويز ,ساگر پرهياڻ عزيز ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته جاگيرداري نظام ۾ هارين جو قتل عام ڪيو پيو وڃي نقلي ٻج پاڻ ۽ زرعي دوائن زراعت سان گڏ هارين ۽ آبادگارن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته تيل جي اگهن ۾ واڌ ڪري وڏو ظلم ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته فصل لهي مارڪيٽ ۾ اچي ٿو ته واپاري هڪ هٽي ڪري اگهه گهٽايو ڇڏين هنن چيو ته هاري جو ٻار نه سٺي تعليم ۽ نه سٺو روزگار حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ نه وري سٺي زندگي گذاري سگهي ٿو جنهن جا ذميوار چونڊيل نمائندا آهن هارين ۽ مزدورن ۾ اجتماعي ٻڌي نه هجڻ ڪري پورهيت جو ٻار انگ اگهاڙو گهمي رهيو آهي سرمائيدار ۽ جاگيردار هارين ۽ آبادگارن جو معاشي قتل ڪري رهيو آهي. هنن چيو ته سنڌ ۾ ٽيننسي ايڪٽ تي عمل ڪري فصلن جا اگهه مقرر ڪرڻ سان گڏ نقلي ٻج پاڻ ۽ زرعي دوائن جو وڪرو بند ڪيو وڃي پاڻي جي کوٽ ختم ڪري بي زمين هارين کي زمينون ڏنيون وڃن.

بقايا 31 آپگهات

فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد پاڻ معان پستل جا فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي قاضي احمد اسپتال منتقل ڪيو ايس ايڇ او قاضي احمد بشير احمد چانڊيو ٻڌايو ته ٻئي مقتول پاڻ ۾ دوست هئا ڪجهه وقت کان هڪ ٻئي کان ناراض هئا اڄ غلام حسين لاشاري پنهنجي دوست عظيم آرائين تي پستل جا فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد پاڻ معان پستل جو فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو وڌيڪ جاچ ڪريون پيا نياز لاشاري ٻڌايو ته ٻئي مقتول پاڻ گهاٽا دوست هئا هي سعودي ۾ گڏ رهندا هئا هتي به هنن جي دوستي هلندي رهي خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه تي ناراض ٿيا جو ايڏو وڏو قدم کنيون اٿن عليم آرائين ٻڌايو ته سندس ڀاءُ کي غلام حسين لاشاري ۽ اعجاز لاشاري قتل ڪرڻ بعد غلام حسين لاشاري پاڻ کي قتل ڪيو هن ٻڌايو ته غلام حسين لاشاري ڀاءُ تي ناراض ٿيندو هو ته هو به ماڻهو تو وٽ ڇڪي ٿي نه اچي هو به نه اچي ان ڳالهه تان ڪيس قتل ڪيو هو

بقايا 32 رڳهي فوت

رهواسي 28 ورهين جو نوجوان ڊرائيور عبدالغني واڳهيلو ڪئنسر جي اوچتي اٽيڪ سبب فوت ٿي ويو.ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان ڊرائيور ٽرانسپورٽيشن جي ماتحت گڏائو ۾ هلندڙ اسڪول ۾ بس تي ڊرائيور طور ڪم ڪندو هو.ڪجهه ڏينهن اڳ بيمار ٿيو.جنهن کي حيدرآباد نيو ويو جتي گذريل ڏينهن جي سول اسپتال ۾ فوت ٿي ويو.ڊاڪٽرن موجب نوجوان کي خطرناڪ ڪئنسر جو اٽيڪ هو.جڏهن ته فوتي نوجوان ڊرائيور انتهائي غريب هو ۽ پوئيان ننڍڙا ٻچا سوڳوار ڇڏيا آهن.برادري جي ماڻهن ڦر فائونڊيشن کي فوتي نوجوان جي ٻارڙن جي سار سنڀال لهڻ اپيل ڪئي آهي.

بقايا 33 اسپتال داخل

سبب سندس موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڪري زخمي ٿي پيو جنهن جي ڄنگهه جو آپريشن ڪيو ويو ياد رهي ته گذريل 6مهينن کان بروني ٿئين تي پل ٺهڻ لاءِ ڪم سبب رستي تان گذرڻ سان تڪليف ٿي رهي آهي جڏهن ته شهر ۽ سرڪاري اسپتال ڏانهن ايندڙ روڊ جي مرمت سبب ٺيڪيدار پاران متبادل رستو نه ڏاهڻ ڪري شهرين ، رهواسين ، اسڪولي شاگردن بيمارن عورتن ۽ تعلقا اسپتال ڏانهن علاج لاءِ ويندڙ مريضن کي ڏکيائي جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي جنهن سبب اتان گذرندڙ ماڻهو ۽ جانور ڪري زخمي ٿيڻ معمول ٿي ويو آهي ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن پهرين به ساڳئي جاءِ تي رٽائرڊ استاد عبدالحميد خاصخيلي پڻ ڪري زخمي ٿي پيو هو شهرين هو پاران ٺيڪيدار کم سست رفتاري سان ڪرڻ ۽متبادل رستي نه هئڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي گهر ڪئي آهي ته ٺيڪيدار جي ڪن مهت ڪري پل جي ڪم کي جلد مڪمل ڪرايو وڃي.

بقايا 34 احتجاجي مظاهرو

ڪرڻ ۽ زمين جا ڪاغذ ڦر ڪري گهر ڊاهڻ واري واقعي خلاف ڳوٺاڻن مير خان ڪوسو آچر ڪوسو پيرسن ٻيڙي عورت مسمات پنهي ڪوسو پنهنجن ٻچن ٻارن سان گڏجي احتجاج ڪندي داهيندي الزام هنيو آهي ته اسان جي علائقي جي ٻااثر مقامي وڏيرو ڪيهر ڪوسو سڪو ڪوسو بهادر ڪوسو جمن ڪوسو ۽ ٻين اسان جي گهرن پرسان زمين جي تي قبضو ڪري پاڻي جي کوهه تي قبضو ڪري اتي زمين آباد ڪرڻ لاءِ اتي ٽريڪٽر هلي رهيا آهن اها زمين هٿيارن جي زور تي آباد ڪري رهيا آهن اسان اتي رهي سبب بچا ڪرڻ تي هنن اسان کي گهر خالي ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ رات جي پيٽ ۾ اسان جي گهر تي حملو ڪري گهرن ۾ گهڙي زمين جا ڪاغذسونا زيور ڦر ڪري ويا آهن زمين ۽ پاڻي جي کوهه تي قبضو ڪري اتي هٿيارٻند ويهاري ڇڏيا آهن هنن چيو اسان هتان جي پوليس راڄ جي چڱن وڏين کي اهڙي زيادتي جون شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ٻااثر ڪيهر ڪوسو اسان جي زمين تي هٿيارن جي زور تي قبضو ڪيو آهي هنن وس وارن عملدارن ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته خدرا اسان کي پنهنجا ڦر ڪيل ڪاغذ دونا زيور ۽ قبضو ڪيل زمين واپس ڪرائي ڏيو نه ته ٻئي صورت ۾ اسان ڊي سي آفيس اڳيان احتجاجن پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين .

بقايا 35 احتجاجي ڌرڻو

شهرين 29 ڏينهن به رات جو مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ٻن پائر قيدين صمد پٽي ۽ اڪرم پٽي جو بيمار والد محمد رمضان پٽي پاڻ ڪي بيماري جي حالت ۾ ڪٿائي ڌرڻي ۾ شامل ٿيو ان موقعي تي قيدين جي وارثن افسانو سنڌو آرزو لغاري سوهنا سنڌو راشد سڏيا قبران لغاري وفا لغاري محسن علي رستماڻي علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو يوسف رند صدام چانڊيو ۽ ٻين چيو ته 11 مهينن کان بيگناهه ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد 60 هاري پورهيت مزدور استاد شاگرد دڪاندار پوليس اهڪار نوجوان قيد ٿيل آهن انهن مظلوم ماڻهن تي سنڌ حڪومت جي چوڻ تي پوليس هر هڪ ماڻهو تي چار چار دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن پر انهن جو ڪيس به نٿو هلايو وڃي ۽ ضمانتون به ٿيڻ نٿا ڏين جيڪڏهن قيدين سنڌ حڪومت جو ڏوهه ڪيو آهي ته عدالت کي ڪيس هلائڻ جي اجازت ڏني وڃي پر جڏهن ڪيس هلندو سڀ قيدي بيگناهه ثابت ٿيندا ۽ مورو سانحي جي اصل حقيقت عوام جي اڳيان ظاهر ٿيندي جنهن ڪري سنڌ حڪومت ڪيس هلائڻ نٿي چاهي 11 مهينن 60 بيگناهه ماڻهن کي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ مغوي ڪري رکيو ويو آهي درياءَ ۽ زمينن جي مالڪي لاءِ ڪيل احتجاج تي آيل نوجوان عرفان لغاري ۽ زاهد لغاري کي پوليس ۽ خانگي هٿيارٻند ماڻهن گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو لغارين جا گهر دڪان ڊاهيا ويا انهن کان صحت روزگار تعليم جو حق کسيو ويو 60 بيگناهه ماڻهن کي ڪنهي قيد ڪيو ويو مورو ۽ ڳوٺ لغاري بجراڻي جي ماڻهن سان ظلم جبر بربريت ڏاڍ ڪيو ويو جو 11 مهينن کان ظلم جاري آهي هنن قومي اسيمبلي سينيٽ ۽ سنڌ اسيمبلي جي مخالف ڌر جي اڳواڻن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ڏيهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي ادارن تنظيمن ليکڪن اديبن شاعرن کي پر زور اپيل ڪئي آهي ته سنڌ حڪومت جي 11 مهينن کان ٿيندڙ ظلم جبر بربريت ڏاڍ بند ڪرايو وڃي بيگناهه قيد ڪيل 60 ماڻهن کي آزاد ڪرائي نوجوانن جي خون سان انصاف ڪرايو وڃي اسان جو آواز هر فورم اٿاريو وڃي اسان جو ساٿ ڏنو وڃي

بقايا 36 ڪيس داخل

ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس داخل ٿيندڙ شاگردن علي نواز شنباڻي بسمل سنڌي آزاد درس راڄي سينگهاڙ فراز ٽينو نادر ڪوسو زبير احمد سميت 50 . 60 اڻڄاتل شاگردن معان بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي اي ايس آءِ علي بخش چانڊيو جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ دهشتگردي سميت قلم 324 /353 341 / 149/ 147 / 427 / 504/ 6/6 / اي ٽي اي شامل ڪيو ويو آهي پوليس پاران اهڙو ڪيس داخل ڪرڻ تي شاگردن ۽ ڄامشورو جي سجاڳ ڌرين ۾ ڏاءِ پکڙجي ويو آهي ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي آهي ان حوالي سان قوم پرست شاگردن جساف ۽ سياف آسيس سنڌي علي شنباڻي ۽ اڳواڻن جو چوڻ آهي رياست ۽ حڪومت جڏهن پورا ٿيڻ لڳندي آهي ته هو فاشست بڻجي طاقت جو غلط استعمال ڪري اڀرندڙ آوازن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ڪجهه ڏينهن اڳ خلجي جهڙي سوچ رکندڙ بگهڙ نما استاد جي ڪري فهميده پنهنجي زندگي جو ڏيئو وسايو ته انهي تي سنڌس دودن پائڻ آواز اٿاريو ۽ اڄ انهن تي فرياد داخل ڪري ڪين خاموش ڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي اي وقت جا فرعونو اسان جون ڳچيون رت سان ڀريل آهن اسان جا نوجوان ساٿي ٿي ارهان جي نڙي ۾ آخري ڪلي ثابت ٿيندا اسان اهڙن ڪيس کان نٿا ڊڄون انهن کي منهن ڏنو ويندو اسان جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 37 اسپتال داخل

زخمين کي ڪار سان ڪڍي وڳڻ رورل هيلٿ سينٽر اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته ٻن زخمين جي حالت انتهائي ڳنڀير جوڳي هجڻ سبب ڪين ريسڪيو ٽيم 1122 جي مدد سان ترت لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو. شديد زخمين ۾ عبدالغني مينگل ۽ سميع الله مينگل شامل آهن جيڪي لاڙڪاڻي جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا. اطلاع ملڻ تي وڳڻ پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي وئي ۽ علائقي کي ڪورڊن آف ڪري ٽريفڪ جي رواني بحال ڪرائي. پوليس ٽرڪ ۽ ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته ڊرائيورن بابت وڌيڪ معلومات گڏ ڪئي پئي وڃي پوليس ذريعن موجب ابتدائي جاچ ۾ حادثي جو ڪارڻ تيز رفتاري ۽ لاپرواهي ظاهر ڪيو پيو وڃي جڏهن ته روڊ جي حالت بابت به جاچ جاري آهي واقعي کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ انڊس هاءِ وي تي ٽريفڪ معطل رهي جيڪا بعد ۾ بحال ڪئي وئي عوامي ۽ سماجي حلقن طرفان مطالبو ڪيو ويو آهي ته انڊس هاءِ وي تي وڌندڙ حادثن کي روڪڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن رفتار تي ڪنٽرول لاءِ چيڪنگ وڌائي وڃي ۽ ڊرائيورن کي ٽريفڪ قانونن تي سختي سان عمل ڪرائڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ حادثن کان بچي سگهجي.

بقايا 38 وڻڻ جو مطالبو

سرڪاري وڻ ڪٽائي وڪرو ڪرڻ واري عمل خلاف ڳوٺاڻن طرفان احتجاج ڪيو ويوتفصيل موجب خيرپور جي تعلقي نارا جي ڳوٺ تجل شريف ۾ بااثر سرڪاري ملازم پاران سرڪاري وڻ ڪٽائي وڪرو ڪرڻ واري عمل خلاف ڳوٺاڻن طرفان احتجاج ڪيو ويواحتجاج جي اڳواڻي سوڀو خان ڪورڪاڻي، علي گل ڪورڪاڻي ۽ باڊل علي ڪورڪاڻي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن صحافين کي ٻڌايو ته ڳوٺ جي بااثر سرڪاري ملازم تجل ماڻتر تان غير قانوني سوين سرڪاري وڻ وڍي وڪرو ڪري ڇڏيا آهن هنن چيو ته اسان ايريگيشن کاتي جي عملدارن کي اهڙيون شڪايتون ڪيون پر اهي به بااثر سرڪاري ملازم سان مليل آهن هنن چيو ته بااثر ملازم وڻ وڍرائي اتي پلاٽنگ ڪرڻ چاهي ٿو اسان لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ٿا ته معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث سرڪاري ملازم ۽ ايريگيشن عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري سرڪاري وڻن جي غير قانوني ڪٽائي بند ڪرائي وڃي

بقايا 39 وڻڻ جو مطالبو

۾ صبح کان وٺي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي، جنهن سبب شهري ۽ ڪاروباري ماڻهو سخت پريشاني جو شڪار بڻيل آهن جڏهن ته بجلي جي بار بار بندش سبب روزمره جا ڪم متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن ته دڪاندارن ۽ ڪاروباري ماڻهن جو ڪاروبار به متاثر ٿيو آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته بنا ڪنهن اطلاع جي بجلي بند ڪئي وئي آهي.جنهن سبب سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو

بقايا 40 احتجاجي ريلي

سوين ماڻهن جي ريلي سائين جي ايم سيد چوڪ کان شروع ٿي جيڪا مختلف رستن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهچي جتي ريلي جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي جنهن کي ايوب ڪوسو ، فيض ڪيريو ، عبدالرشيد پرهياڙ ، محمد بچل ڏهير ، نثار پرهياڙ ، مشتاق ماڇوئو ، مفتي امام الدين لغاري ، شوڪت پاٺوجو ، ڪنور راشد ، اسعد خانزاده ۽ ٻين الڳ الڳ خطاب ڪندي چيو ته سڪرنڊ شهر هن وقت ڪچري جو ڍير بڻجي چڪو آهي ڪا گهٽي ڪو رستو ناهي جيڪو صاف هجي ڪروڙين روپين جي بجيٽ باوجود صفائي جو انتظام ناقص آهي گٽرن جو پاڻي اٿلي روڊن رستن تي نڪري اچڻ سبب اچ وڃ جا گس بند آهن جڏهن ته اسٽريٽ لائٽ ۽ اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ ۽ 19 ڊاڪٽرن جي باوجود چند ڊاڪٽر ڊيوٽي ڪري رهيا آهن جنهن سبب ڪئي شهري موت جي منهن ۾ وڃي چڪا آهن هنن وڌيڪ چيو ته شهر جي گهٽي گهٽي ۾ منشيات جو وڪرو ۽ واهپو عام آهي ڪئي نوجوان زندگيون وڃائي چڪا آهن جڏهن ته مهراڻ ڪالوني جي ٻوڙا فورس شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي گهرن ۽ دڪانن مان چوريون سندن روز جو معمول آهي جنهن سان جان ڇڏائڻ لاءِ شهرين کي متحد ٿيڻو پوندو اڄ 12 اپريل تي سڪرنڊ شهر جي اهم چوراهي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي هي عوامي عدالت لڳائڻ جو مقصد به شهرين جا جائز مطالبا مڃرائڻ آهي جيڪڏهن شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ڪيا ويا ته تحريڪ کي ٻئي مرحلي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويندي ريليءَ ۾ نيازي لاشاري ، سانول ڪيريو ، شمائل ڪيريو ، قربان ٻنڀ ، پرويز سومرو ، شوڪت حسين ميمڻ ، قلندر بخش ملاح ، وارث نوناري ، محمد خان گدارو پڻ موجود هئا

بقايا 41 تقريب منعقد

شرڪت ڪئي ۽ مقررين ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت تي روشني وڌي ۽ نظم پيش ڪيا جن شرڪت ڪئي انهن ۾ آزاد انور ڪانڌڙ ذوالفقار گادي مارو جمالي معصوم بخاري، نياز الاهي ابڙو محبتي ملاح نجم الدين سريس سيد مهران شاهه بخاري، محبتي زرداري، رياض حسين ملاح، شاهد حسين چانڊيو رضا لانگاهه بشير حسين جتوئي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ شاعرن پنهنجي تخليق پڙهي خوب داد حاصل ڪيو

بقايا 42 دعوي

آمري پوليس جي ايس ايڇ او سلمان لاشاري جو چوڻ هو اسان ڄامشورو ضلعي ۾ منشيات فروشن خلاف ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي جي هدايت تي ڪريڪ ڊائون ڪندي روڊن رستن گذرگاهن تي سخت چيڪنگ جوعمل برقرار رکندي ڳجهي اطلاع تي اسان مزدا ٽرڪ کي روڪي مزدا ڊرائيور محمد قاسم ولد بلوچ خان بروهي ۽ آدم خان ولد سفر خان بليدي کي گرفتار ڪندي انهن جي مزدا ٽرڪ جي ڳجهي خاني مڃي ڪٽين مان ولدنگ وسيلي لڪايل منشيات نشي آور سوپاريون 400 پيڪٽ هٿ ڪري ورتا آهن ۽ جوابدارنمعان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون۽ اڳواڻن جو چوڻ آهي رياست ۽ حڪومت جڏهن پورا ٿيڻ لڳندي آهي ته هو فاشست بڻجي طاقت جو غلط استعمال ڪري اڀرندڙ آوازن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ڪجهه ڏينهن اڳ خلجي جهڙي سوچ رکندڙ بگهڙ نما استاد جي ڪري فهميده پنهنجي زندگي جو ڏيئو وسايو ته انهي تي سنڌس دودن پائڻ آواز اٿاريو ۽ اڄ انهن تي فرياد داخل ڪري ڪين خاموش ڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي اي وقت جا فرعونو اسان جون ڳچيون رت سان ڀريل آهن اسان جا نوجوان ساٿي ٿي ارهان جي نڙي ۾ آخري ڪلي ثابت ٿيندا اسان اهڙن ڪيس کان نٿا ڊڄون انهن کي منهن ڏنو ويندو اسان جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 43 ملاقاتون

حسن زرداري ، اڳوڻي صوبائي وزير امداد خان پتافي ، سري قوم جي اڳواڻن دريا خان مري ، ڪانيو خان مري رمضان مري سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪرڻ سان گڏ پنهنجي زرعي زمينن جو پڻ دورو ڪيو صدر پاڪستان آصف علي زرداري نجي دوري بعد واپس ڪراچي روانو سيڪورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا صدر پاڪستان آصف علي زرداري ٽنڊوالهيار پنهنجو نجي دورو مڪمل ڪرڻ بعد بختاور ڀٽو هائوس کان بائي روڊ واپس ڪراچي روانو ٿي ويو صدر پاڪستان جي واپسي دوران سيڪورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا صدر پاڪستان گذريل ڏينهن هيليڪاپٽر ذريعي ٽنڊوالهيار ويجهو بختاور هائوس پهتو جتان هو ڳوٺ دريا خان مري پهچي رئيس غلام قادر مري جي لاڏاڻي تي وارثن سان تعزيت ڪرڻ بعد واپس بختاور هائوس پهتو جتي هڪ رات رهڻ بعد واپس ڪراچي روانو ٿي ويو

بقايا 44 ڌرڻو

موقعي تي اڳواڻن سيد مفخر عاصم پٽي، نويد خٽڪ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته گلشن حديد ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان پاڻي جي فراهمي مڪمل طور بند آهي جنهن سبب گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي آهي. شهرين کي پيئڻ جي پاڻي سميت روزمره استعمال لاءِ به ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئي ٿو جڏهن ته رهواسي مهانگي اگهن تي ٽينڪر ذريعي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. اڳواڻن چيو ته جماعت اسلامي هميشه عوامي مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿاريندي رهي آهي ۽ پاڻي جي بندش واري معاملي تي به عوام سان گڏ بيٺل آهي. مظاهرين حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان فوري طور پاڻي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 45 فوت

وٺي پوليس موجب واقعي جي خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي معاملي جي ٻين رخن کان به جاچ ڪئي پئي وڃي پوليس موجب 2 ڄڻا ڌڪي تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن ته ٽيون نوجوان اسپتال منتقل ڪندي رستي ۾ فوت ٿي ويو فوت ٿي ويل ماڻهن جو تعلق حاجي جمال خان ڪرميزئي خاندان سان آهي. اسپتال ذريعن موجب مقتولن جي سڃاڻپ شيران خان فتح محمد ۽ نور محمد جي نالن سان ٿي آهي لاشن کي پوسٽ مارٽم جي لاءِ مفتي محمود اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ايس ايڇ او دراژنده موجب پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 46 انصاف جو مطالبو

بند ڪرڻ ۽ ناقص ڪمن خلاف ۽ صفائي سٿرائي نه هجڻ خلاف احتجاج جي اعلان بعد ٺيڪيدار جي نمائندي سيد فائق شاهه،يوسي 6 وائس [illegible] ۽ ڪائون جيئي شاهه جو فوڪل پرسن فرحان شيخ ۽ صفائي ڪميٽي جي سپروائيزر عبدالمجيد ميراڻي ۽ ڪونسلر زمان ميراڻي ۽ ٻين احتجاج کان پهريان ميراڻي محلو ڊوليمينٽ ڪميٽي جي اڳواڻن رئيس احمد ابڙو،مفتي محمد اعظم مهر ،نيڪ محمد ميراڻي ،بلال احمد چاچڙ ،آفتاب ميراڻي ملاقات ڪري سمورا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون ۽ ميراڻي محلو ڊوليمينٽ ڪميٽي جون شڪايتون ٻڌي انهن کي جائز مڃيندي جلد کان جلد حل ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ ترجيح بنيادن تي انهن کي حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي احتجاج ملتوي ڪرڻ جي گذارش ڪئي جنهن بعد محلو ڊوليمينٽ ڪميٽي ڳالهين لاءِ ايندڙن کي مان ڏيندي 2 هفتن جي مهلت ڏيندي احتجاج ملتوي ڪيو هنن چيو ته جيڪڏهن 2هفتن اندر ميراڻي محلي جي ترقياتي ڪمن ۾ اڳڀرائي نه ٿئي ۽ صفائي جي صورتحال بهتر نه ڪئي وئي ته ڀيهر احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو ۽ ڪنهن به قسم جون ڳالهيون ڪانه ڪبيون .آخر ۾ خير جي دعا گهري وئي.

بقايا 47 پڳ ٻڌرائي وئي

رئيس حاجي غلام قادر مري جو چاليهو ٿي گذريو ان موقعي تي رئيس حبيب خان مري جي دستار بندي جي رسم ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن مري برادري جي وڏي انگ سيد غضنفر علي شاهه . ايم پي اي جام شبير علي خان . رئيس عبدالحسين مري . رئيس رحم علي مري . رئيس امتياز علي مري . سانول ڏيرو . قلندر بخش ڏيرو . رئيس شڪيل احمد مري . سانول ڏيرو . رئيس عاشق علي مري . سانول ڏيرو . عرفان علي شورو . رئيس نياز حسين مري . رئيس انور علي مري . اڪبر حسين چغتائي . رئيس لطف علي مري . دين محمد مري . سيد جاني شاهه . سيد محسن علي شاهه . ڊاڪٽر قمبر علي مري . رئيس پيرل خان مري . عمير قادر جوڻيجو . غلام مرتضي جوڻيجو . مير اعجاز ٽالپر . غلام محمد ساند . ڪامريڊ محمد خان پنهور . غلام رضا شاهه . ملڪ ذوالفقار روشن . فقير محمد اسحاق وساڻ . مشتاق عادل . عمران غوري . اسرار احمد . ڊاڪٽر بشير خاصخيلي . شيراز سمون . آچر ساند . خالد خاصخيلي . سيد ممتاز علي شاهه ڪاظمي . محمد ابراهيم سومرو . سيد خادم علي شاهه . رئيس دوست علي مري، گل وساڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان کان اڳ مرحوم جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني ٿي ۽ خيرات جي سائي پڻ ڪارائي وئي

بقايا 48 مقرر ڪيو ويو

صدر عبدالحفيظ عباسي، نائب صدر الاهي بخش پٽو نائب صدر آصف راجپر کي مقرر ڪيو ويو آهي. جنرل سيڪريٽري طارق علي منگريو ، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ظاهر حسين سهتو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري خادم گهانگهرو کي انفارميشن سيڪريٽري بيرسٽر غلام محمد باقر عباسي، جڏهن ته ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري احتشام لاکو ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري احسان ڪوسو جڏهن ته قادر بخش جتوئي کي سيڪريٽري رڪارڊس اينڊ ايونٽس، مظهر جوڳي کي رابطہ سيڪريٽري، پرويز ابوهريه عباسي کي سيڪريٽري ماليات ۽ مختيار سولنگي کي آفيس سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي. ٽائون ڪاميٽي ڪنديارو لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران عزيزالله سومرو کي صدر محمد حنيف تنيو کي سينئر نائب صدر مقرر ڪيو ويو آهي نائب صدر عاقب هيسباڻي نائب صدر حاڪم علي نائب صدر ظفر ابڙو کي مقرر ڪيو ويو آهي سيد درياني شاهه کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري آفتاب شاهه ڊپٽي جنرل سيڪريٽري محمد زمان پيرزادو کي مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سليم رضا ملاح کي انفارميشن سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري اعجاز ڪوڪر ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري جميل ملاح کي مقرر ڪيو ويو آهي فراز ملاح کي سيڪريٽري رڪارڊس اينڊ ايونٽس بدر علي کي رابطہ سيڪريٽري، ملڪ خان کي سيڪريٽري ماليات ۽ حبيب الله ميمڻ کي آفيس سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي. هوڏانهن پي پي پي جي نوجوان اڳواڻ سيد غلام مرتضي شاهه جي تعلقا صدر مقرر ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پارٽي قيادت ورڪرن ۽ عوامي خواهش مطابق فيصلو ڪري سيد غلام مرتضي شاهه کي تعلقي صدر مقرر ڪيو آهي سندس قيادت ۾ تنظيم تعلقي ڪنديارو ۾ وڌيڪ فعال مضبوط ۽مثالي بنجندي هوڏانهن سيد غلام مرتضي شاهه رئيس علي مگريو سميت عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون پيون وڃن

بقايا 49 گل محمد رند

هائوس سڪرنڊ تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو هو هن چيو ته حاجي الهه بخش لاکو سينيئر سياستدان ۽ سماج ڪي سمجهندڙ شخصيت آهي سندس ماضيءَ ۾ پارٽي لاءِ قربانيون آهن حاجي الهه بخش لاکو ان وقت به پارٽي سان وفادار رهيو جڏهن پارٽي تي ڏکيو وقت آيو سنڌ جا سڀ پير مير ۽ سردار وڏيرا پارٽي کان پاسيرا رهيا پر ان وقت ۾ حاجي الهه بخش لاکو پارٽي سان نڀايو سندس وفاداري سبب ڪيس سنڌ ڪائونسل جو ميمبر پڻ بڻايو ويو اسين همدرد جي پليٽ فارم تان ڪيس مبارڪباد پيش ڪيون ٿا ان موقعي تي همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سناٽي سڪرنڊ پريس ڪلب جو صدر غلام حيدر سولنگي، ڏٽي بخش مگسي ، رضا محمد سيال ، عبدالغني مگسي ۽ احسن رضا پٽي پڻ موجود هئا

لاڙڪاڻي ويجهو جتوئي ۽ ڪوڪر برادري ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

هٿياربندن ڳوٺ عاقل واسي 27 ورهين جي جواد حسين پٽ غلام محمد ڪوڪر کي گوليون هڻي فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

جتوئي ۽ ڪوڪر ڌرين جو ۾ زميني تڪرار معاملي تان هٿياربندن نوجوان کي قتل ڪيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا: پوليس

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان پير شير ايٽ عاقل ٿاڻي جي حد بڄاءِ بند واري علائقي ۾ زميني تڪرار تان هٿياربندن ڳوٺ عاقل جي رهواسي 27 ورهين جي نوجوان جواد حسين پٽ غلام محمد ڪوڪر بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ريتي بجري ڪنندڙ ٽرڪن جا ڊرائيور پٽي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ٽرڪ ڊرائيورن جو ٻاڻن پاران پٽا خوري خلاف احتجاج

مظاهرين احسان خاصخيلي، رضوان راڻو، آصف شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

منزل ۽ مائينز جي نالي تي پٽا اوڳاڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڏنو وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ سي آءِ اي ويجهو ٽرڪ ڊرائيورن جو ٻاڻن پاران مبينا پٽو اوڳاڙڻ خلاف احسان خاصخيلي، رضوان راڻو آصف شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پٽا پرچي ڪئمپ تي ٽرڪون بيهاري احتجاج سخت نعريبازي ڪئي پٽو ڏيڻ کان ٽپ جوابن موقعي تي ريتي بجري جي ٽرڪ ڊرائيور اڳواڻن الزام لڳائيندي چيو ته منزل ۽ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ پوليس زيادتي خلاف شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس بغير جواز ڪنهن جي ڪوشش ڪئي آهي: علي حسن مگسي

ايس ايس پي ۽ چونڊيل نمائنده فوري نوٽيس وٺي اسان کي انصاف فراهم ڪن

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي ڳوٺ گلاب ماچي جي رهواسي نوجوان شاگردن علي حسن مگسي ۽ غلام حسين مگسي پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس بغير ڪنهن جواز جي اسان کي ڪنهي ڪلي رهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا زيادتي آهي پوليس عملدار الله ڏنو نندواڻي ڪنهن جي چرچ تي لڳي رات جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا نوجوان شهباز ولد ناظم گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيون ويو آهي.

راڻيپور: فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ رهواسين پاران 351 هين هفتي به احتجاجي ريلي

باڊهه (ن ع) لاڙڪاڻي ضلعي جي بئنيز نمبر وڏي ۽ تاريخي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ واري احتجاجي سلسلي کي جاري رکندي باڊهه تعلقه موومينٽ پاران ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻي ۾ 351 هين هفتي به هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪائون بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: اي بي بي جي فوٽو گرافر نديم اختر سومرو کي بهتر ڪارڪردگي جو ايوارڊ ڏنو پيو وڃي

راڻي پور ۾ جسقم آريسر جي ڪارڪنن پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

مظاهرين ڊاڪٽر نظير ڪوڪر، تميز منگنيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس ڳوٺ ڪنجهر منگنيجو واسين جو لکين رپين جو مال ڪاهي آئي آهي: مظاهرين

راڻي پور(ن ع) راڻي پور ۾ جسقم آريسر ضلعي خيرپور جو نائب صدر ڊاڪٽر نظير ڪوڪر تعلقي سوبوديرو جي صدر تميز منگنيجو ۽ ڳوٺائي عبدالله منگنيجو ڊاڪٽر نظير ڪوڪر جي راڻيپور واري رهائش گاهه تي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هنن چيو ته پوليس جو ايس ايچ او امير چانگ راڻي پور جي پير محي الدين عرف بگا شاهه جي ونگار رهندي بي گناهه ڳوٺ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

خيرپور لڳ جوڻيجا برادري جي تڪرار ۾ زخمي اسپتال ۾ فوت، انگ 5 ٿي ويو

جهيڙي دوران زخمي سهيل احمد شاهاڻي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪيو

گذريل ڏينهن مارجي ويل 4 ڄڻن جي جنازي نماز اباڻي ڳوٺ ۾ پڙهائي ڪئي وئي

خيرپور(ڊ ر) جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار ۾ سخت زخمي ٿي ويل ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي جو رهواسي سهيل احمد شاهاڻي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪيو جڏهن ته فوتين جو انگ وڌي پنج ٿي ويو آهي جڏهن ته ڪالهه جهيڙي دوران قتل ٿي ويل سائينداد جوڻيجو لال جوڻيجو پيارو سرڪي ۽ نعمان سرڪي جي جنازي نماز اباڻي ڳوٺ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو5

سکر ۾ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين رمضان، صفي الله، لطف الله ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر فهميده لغاري جي قاتلن خلاف ڪارروائي ڪري شفاف جاچ ڪرائي وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ صبا ضلعي سکر تنظيم جي اڳواڻي هيٺ ۽ مختلف تعليمي ادارن جي شاگردن سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين ميرپورخاص جي محمدي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي مبينا خودڪشي کي حقيقت ۾ قتل قرار ڏيندي ڪاليج جي پرنسپل جي فوري گرفتاري ۽ شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو. مظاهري جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو5

باڊهه: پکهارڻ کان محروم ماستر احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

40 پلس اميدوارن ماجد ڏنور، محفوظ احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

اميدوارن کي فوري آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن نه ته پراڻي ايس اين اي ڏني وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب آڏو آل سنڌ آءِ بي اي (IBA) ميرٽ ٽيسٽ پاس (پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي) چاليهه پلس مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين جو چوڻ هو ته گذريل چئن سالن کان کين آفر آرڊر جاري نه ڪيا ويا آهن جڏهن ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي فيصلي تي به عملدرآمد نه پيو ڪيو وڃي مظاهرين ماجد بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو5

مورو ويجهو قتل ٿيل واپاري سعيد جتوئي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ريلي

قوم پرست تنظيمن جي ڪارڪنن چوڏڳي اسٽاف کان نوان جتوئي تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

سعيد احمد جتوئي جا قاتل گرفتار ڪري مقتول جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو ويجهو درس ٿاڻي جي حد لنڪ روڊ مناهين وٽان ڪجهه ڏينهن اڳ ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ ڪري قتل ڪيل واپاري سعيد احمد جتوئي جي قاتلن جي گرفتاري ۽ زخمي پير بخش ڪوسو سان انصاف لاءِ قوم پرست تنظيم جسقم شهيد بشير خان نوان جتوئي يونٽ پاران چوڏڳي اسٽاف کان نوان جتوئي پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو5

چونڊڪو جي واپاري تي پوليس جي تشدد جو ڊي آءِ جي نوٽيس ورتو

واپاري راڪيش ڪمار ۽ ايس ايچ او سوراهه عبدالمجيد سڏايو اچ طلب ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ناري تعلقي جي چونڊڪو شهر ۾ ٻه ڏينهن اڳ ايس ايچ او سوراهه عبدالمجيد سڏايو پاران پوليس ساڻ ڪري هندو برادري جي دڪانن تي مبينا طور بناجواز چڙهائي ڪرڻ ۽ واپاري راڪيش ڪمار کي گرفتار ڪري مبينا تشدد ڪرڻ واري واقعي جو ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ پاران نوٽيس وٺي چڙيو آهي ڊي آءِ جي سکر پاران تشدد جو نشانو بڻيل بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو5

ٽنڊو آدم: حبيب الله مري کي سندس والد جي چاليهي جي موقعي تي پڳ ٻڌرائي پئي وڃي

ڪراچي ۾ امتحاني مرڪزن جي تبديلي ۽ مبينا ڪرپشن جي جاچ لاءِ ڪميٽي قائم

سيڪريٽري يونيورسٽيز هڪ اعليٰ سطحي فيڪٽ فائنڊنگ انڪوائري ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي

ڪميٽي 15 ڏينهن اندر پنهنجي جاچ مڪمل ڪري رپورٽ صوبائي وزير کي پيش ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ ڪراچي ۾ امتحاني مرڪزن جي تبديلي ۽ مبينا ڪرپشن واري معاملي تي سنڌ جي يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊن واري وزير محمد اسماعيل راهو جي هدايت تي سيڪريٽري يونيورسٽيز هڪ اعليٰ سطحي فيڪٽ فائنڊنگ انڪوائري ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي آهي ترجمان موجب ڪميٽي 15 ڏينهن اندر پنهنجي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو5

ڪراچي پريس ڪلب جي جهوني ميمبر مشهور صحافڻ شميم اختر لاڏاڻو ڪري وئي

ڪجهه سال اڳ سندس مڙس فوت ٿيڻ بعد هو گهر ۾ اڪيلي ۽ بيمار رهندي هئي

ڪيس ڪوبه اولاد نه هو ان ڪري هو اڪثر پريس ڪلب اچي وقت پاس ڪندي هئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب جي جهوني ميمبر ۽ 60,70 ڏهاڪي ۽ بعد ۾ صحافت ۾ مشهوري ماڻيندڙ شميم اختر ڪالهه صبح پنهنجي گهر ۾ وفات ڪري وئي وئي، ڪافي سال اڳ سندس مڙس فوت ٿي ويو هو، جنهن بعد هو اڪيلي ۽ بيمار رهندي هئي. ڪيس اولاد نه هو ان ڪري هو اڪثر پريس ڪلب اچي وقت پاس ڪندي هئي سندس هڪ پيڻ ۽ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

سنڌ مدرسته الاسلام جي شاگردن پاران فهميده لغاري جي خودڪشي وقعي خلاف مظاهرو

ميرپورخاص جي شاگردياڻي کي حراسان ڪندڙ ڪندڙن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي

فهميده لغاري جي خودڪشي تعليمي ادارن ۾ نياڻين جي عدم تحفظ جو سانحو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميده لغاري کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪندڙ انتظاميه جي عملدارن خلاف سنڌ مدرسته الاسلام جي شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي شاگرد اڳواڻن اطهر جوڳي،عاقب زند، ڊاڪٽر ابڙو ۽ ڪاشف وادو ڪئي ان موقعي تي شاگرد اڳواڻن جو چوڻ هو ته فهميده لغاري کي حراسان ڪري بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو5

اسلام آباد ۾ ڪيترائي هاءِ وي بند ٿيڻ سبب شهري پريشان، پوليس پاران تعاون جي اپيل

اسلام آباد(م ع)اسلام آباد ۾ ڪيترين ئي شاهراهن جي بندش تي شهري پريشان آهن جڏهن ته پوليس انهن کان تعاون جي اپيل ڪئي آهي اسلام آباد ۾ مختلف روڊن تي ڊائيورشن جي حوالي سان معلومات سامهون بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: شيعه علما اڳواڻ علامه شهنشاهه نقوي ايراني شهيد ٻارڙن جي ياد ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڏگهڙي پريس ڪلب جي اجلاس ۾ اهم فيصلا، رڪنيتن ۽ فنڊن بابت سخت قدم

اڳوڻن عهديدارن کي فنڊن جي تفصيل نه ڏيڻ تي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو فيصلو

غيرفعال ميمبرن ۽ سرڪاري نوڪري وٺندڙن جي رڪنيت ختم ڪرڻ جو اعلان

پريس ڪلب جي عمارت، ڇت ۽ مين گيٽ جي نئين سر تعمير جو فيصلو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي جي چونڊيل عهديدارن جو هڪ اهم اجلاس صدر پريس ڪلب آغا روزامان مرغزاني جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڏگهڙي پريس ڪلب بابت اهم فيصلا ڪيا ويا.اجلاس ۾ ڏگهڙي پريس ڪلب جي رجسٽريشن رينيو ڪرائڻ لاءِ قدمن کي حتمي شڪل ڏني وئي. ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي جي اڳواڻي صدر ۽ جنرل بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو5

ڏڙي ويجهو عوامي تحريڪ پاران هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد

جاگيرداري نظام ۾ هارين جو قتل عام ڪيو پيو وڃي: اڳواڻ

نقلي ٻج ٻاڻ ۽ زرعي دوائن زراعت سان گڏ هارين ۽ آبادگارن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي

ڏڙو (ن ع) عوامي تحريڪ طرفان هاري آبادگار ڪانفرنس ، سرمائيدار ۽ جاگيردار هارين ۽ آبادگارن جي معاشي قتل عام جو ذميوار قران ڪينسٽي ايڪٽ تي عمل ڪرڻ جو مطالبو ڏڙي ويجهو ڳوٺ علي محمد ٿهيم ۾ عوامي تحريڪ طرفان هاري آبادگار ڪانفرنس ڪوٺائي وئي ڪانفرنس کي سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر بلاول لاشاري، دريا خان زئون محمد بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

خيرپور ويجهو بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳڻ ڪري 10 کان وڌيڪ گهر سڙي خاڪ

ڳوٺ جاگيراڻي ۾ علي خان جاگيراڻي، پنهل جاگيراڻي، غلام حسين، الطاف ۽ ٻين جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

باهه سبب گهرن اندر پيل اناج، سونا زيور، روڪ رقم، هنڌ ڪنون ۽ ٻيو سامان سڙي رکي ٿي ويو

متاثر خاندان کلي آسمان هيٺ ويٺل، حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ سماجي تنظيمن کان مدد جي اپيل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ٽيڙهي پرسان واقع ڳوٺ جاگيراڻي ۾ بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب اوچتو باهه لڳڻ ڪري 10 کان وڌيڪ گهر سڙي خاڪ ٿي ويا، جڏهن ته ڪيترائي ڳوٺاڻا بي گهر ٿي ويا آهن باهه اوچتو لڳي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

سموري سنڌ اندر حڪومتي سرپرستي هيٺ مافيائون ڪم ڪن ٿيون: زين شاهه

جامشوري ۾ شاگردن خلاف داخل ڪيل ڪيس فوري طور واپس ورتو وڃي

سنڌ جي عوام کي ان وڌندڙ ڏاڍ خلاف پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه پاران ميرپورخاص ۾ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي افسوسناڪ خودڪشي واري واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته هي واقعو نه رڳو هڪ انساني الميو آهي پر سماج ۾ موجود دٻاءُ، ناانصافين ۽ ذهني دٻاءُ ڏانهن به اشارو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو5

خيرپور ۾ جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٽوشن جو وسڪارو 5 ڄڻا زخمي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيڻ لٺين مڪن ۽ ٽوشن جو وسڪارو 5 ڄڻا زخمي ان سلسلي ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪلر ۾ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: هاري ڪڻڪ جي لاباري کان پوءِ ان کي ٿريشر ذريعي ڳاهي لڳ ڪري ٻورين ڀري رهيا آهن

سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي ٽنڊوباگو ۾ هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد، هارين جي استحصال خلاف احتجاج

حڪومتي پاليسين سبب زراعت تباهي طرف وڃي رهي آهي، ڪڻڪ سميت فصلن جا اگهه گهٽائڻ تي ڳڻتي ظاهر

اڳ به ٽماٽن بصر ۽ ٻين فصلن سان ساڳيو حشر ڪيو ويو جنهن سبب هارين کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو:اڳواڻ

ميرپورخاص ۾ حراسمينٽ جو شڪار بڻيل شاگرديائي وارو واقعو افسوسناڪ آهي هٿ وٺي سنڌ جي نياڻين تعليم تباهه ڪئي پئي وڃي

بدين/ٽنڊوباگو (نمائندن وٽان) سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي بڪاري هائوس ٽنڊوباگو ۾ هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي هارين آبادگارن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو5

منشيات جي خاتمي لاءِ ڪارڪن ڀرپور جدوجهد جو رستو اختيار ڪن: صنعان قريشي

سومر خان جمالي ساهه جي آخري گهڙين تائين اسان سان گڏ بيٺو رهيو

ڪامريڊ جي جدوجهد ۽ ڪردار کي ڪڏهن به نٿو وساري سگهجي: تعزيت بعد ڳالهيون

جامشورو (ڊ ر) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي،صفدر تنيو عزيزالرحمان شيخ، ديدار شاهه سان گڏ جسقم ضلعي جامشوري جي صدر ڪامريڊ سومر خان جمالي جي ڪيجهي جي موقعي تي جامشورو پهتو وارثن سان تعزيت ڪئي منشيات سڄي سنڌ ۾ نسلن جا نسل تباهه ڪري ڇڏيا آهن.پوليس جي سرپرستي ۾ سڄي سنڌ ۾ منشيات بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو5

نوشهروفيروز مان هٿياربند شهري کان لکين رپيا روڪ ڦري فرار، متاثر جو احتجاج

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز شهر ڦورو حوالي ڦورن ڏاڙا روز جو معمول بڻجي ويو پوليس اڱهور ننڊ سدل شهري کان ڦورو مليائي روڊ وچ شهر مان ست لک سرعام ڦر ڪري فرار ٿي ويا،گهرو وزير کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل.تفصيل موجب مليائي روڊ نوشهروفيروز آءِ بي اي ڪاليج وٽ وچ شهر مان ون ٽو ڪو ڦاءِ موٽرسائيڪل تي سوار ٽن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: نورمحمد هاءِ اسڪول شاپنگ سينٽر جا دڪاندار انتظاميه خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ ٿئون ديرو واسي معذور جو نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ٿئون ديرو شهر جي بس اسٽينڊ جي رهواسي اکين جي بيماري ۾ مبتلا نوجوان پنهنجي پٽ سان گڏجي معذور ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان آصف علي جيهو پنهنجي پٽ نور مصطفيٰ جيهو سان گڏجي ڏانهيندي چيو ته سون بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو5

ڪراچي ۾ ڪانفرنس، هزاره صوبي لاءِ شهيد ٿيندڙن کي خراج تحسين پيش

هزاره ٽرائيبز ڪنسلٽيٽو ڪائونسل پاران مقامي هوٽل ۾ ڪانفرنس جو منعقد ڪئي وئي

اسان هزاره صوبي جي قيام لاءِ سياسي ۽ قانوني سميت هر فورم تي آواز بلند ڪندا سين: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) هزاره ٽرائيبز ڪنسلٽيٽو ڪائونسل پاران آچر تي هڪ مقامي هوٽل ۾ هزاره شهيدن جي ڪانفرنس جو انعقاد ڪيو ويو ڪانفرنس جي صدارت چيف آرگنائيزر خان محمد تنولي ڪئي ڪانفرنس ۾ هزاره برادري جي ڪيترن ئي سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن ۽ شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ مقتدا اعوان، رفيق خان هزاروي، حاجي ذوالفقار علي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو5

ملتان: هڪ پيرسن عورت ان چاڻي رهي آهي

لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو پروڊڪشن طرفان ڪلاڪار ايوارڊ تقريب منعقد

ڪلچر کاتي جي تعاون سان آرٽس ڪائونسل جي اوپن ايئر ٿيئٽر ۾ تقريب ٿي

تقريب ۾ 60 کان وڌيڪ فنڪارن ۽ مختلف شخصيتن کي ڪلاڪار ايوارڊن سان نوازيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو پروڊڪشن جي طرفان ڪلاڪار ايوارڊ 2026 جي تقريب منعقد ڪئي وئي ڪلچر ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ جي تعاون سان آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي اوپن ايئر ٿيئٽر ۾ ٿي گذري تقريب جو آغاز نالي واري سنگر سهڻي ناز ڪلام ڳائي ڪيو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور فنڪارن ، ٽي وي ، ريڊيو ۽ اسٽيج جي فنڪارن ، شاعرن ، اديبن ، بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي واسي جو ٻاڻن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ سوجهرو سنڌي پاران پنهنجي زمين تي قبضو ڇڏائڻ ۽ خانوٽ پوليس پاران مبينا ڪٽڪ ڪلي ٿاڻي تي رکڻ خلاف جهولي جهلي سخت احتجاج صحافين آڏو دانهيندي الزام هنيو ته منهنجي زمين جيڪا 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي زمين تي سدار ڪوسو روشن ڪوسو اسلم ڪوسو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو5

سنڌ حڪومت عالمي ادارن کان قرض کڻي منصوبا ناهي پئي: ايم ڪيو ايم

عالمي ادارن جي فنڊز وارن منصوبن تي پنهنجون تختيون لڳائي عوام کي ڌوڪو ڏنو پيو وڃي

قرض جي پيسن ۽ پنهنجي واهه جي مصداق سنڌ ۾ اهو نظام هلي رهيو آهي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) متحده قومي موومينٽ(ايم ڪيو ايم) پاڪستان چيو آهي ته سنڌ حڪومت پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ ايشيائي ترقياتي بينڪ ۽ عالمي ادارن جي فنڊز وارن منصوبن تي پنهنجي نالن جون تختيون لڳائي عوام کي ڌوڪو ڏئي رهي آهي متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ميمبرن ٺڪ رودن جي پچ ڄاهه ۽ سنڌ حڪومت جي نمائشي سياست تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته صوبائي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو5

لاهور ۾ ڀاڃين جي قيمتن ۾ اضافو ٽماٽا 200 رپيه ڪلو ٿي ويا

ٿوم جي سرڪاري قيمت 550 ۽ مارڪيٽ ريٽ 600 رپيه ڪلو ٿي ويو

ادرڪ جي سرڪاري قيمت 285 رپيه ۽ مارڪيٽ ريٽ 350 رپيه ڪلو آهي

لاهور(م ع)لاهور ۾ ڀاڃين جي قيمتن ۾ اضافو ٿي ويو آهي مارڪيٽ ذريعن موجب لاهور ۾ ٽماٽن جي قيمت 200 رپيه ڪلو ٿي وئي آهي جڏهن ته ٿوم جي سرڪاري قيمت 550 ۽ مارڪيٽ ريٽ 600 رپيه ڪلو ٿي ويو آهي ادرڪ جي سرڪاري قيمت 285 رپيه ۽ مارڪيٽ ريٽ 350 رپيه ڪلو آهي اهڙي طرح بصر جي سرڪاري قيمت 62 رپيه في ڪلو آهي پر مارڪيٽ ۾ 70 کان 75 رپيه ڪلو ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي انهي کان علاوه ساين بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: ماسٽري جي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ن ليگ تعلقه قاضي احمد جي چونڊ، سيد انور شاهه صدر ۽ فقير محمد اسحاق ڏاهري جنرل سيڪريٽري منتخب

دولت پور صفن (ن ع) فنڪشنل ليگ تعلقه قاضي احمد جي چونڊ ٿي گذري سيد انور شاهه تعلقه صدر چونڊجي ويو قاضي احمد / فنڪشنل مسلم ليگ تعلقي قاضي احمد جو تنظيمي اجلاس ضلعي صدر سيد زاهد حسين شاهه جي صدارت هيٺ لڪياري هائوس قاضي احمد ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي شهيد بينظيرآباد بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو5

خيرپور لڳ پريم پارٽي جي باني حافظ اسلم مهيسر جي 62 هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

خيرپور(ڊ ر)سنڌ جي برک شاعر عالم ۽ پريم پارٽي جي باني حافظ محمد اسلم مهيسر جي 62هين ورسي ڪولاب جيٽل ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي تقريب جي صدارت نامور شاعر ۽ اديب ڊاڪٽر ساگر ابڙو ڪئي جڏهن ته آرگنائيزر ۽ بزم اسلم جو صدر پروفيسر امتياز حسين مهيسر ورسي جي موقعي تي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو5

قاضي احمد ويجهو جوابدار ڪاوڙيل دوست کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ آپگهات ڪري ڇڏيو

پير شاهه موري تي جوابدار غلام حسين لاشاري پنهنجي دوست عظيم آرائين کي گوليون هڻي پاڻ به آپگهات ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي ٻنهي جا لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ٻئي مقتول سعودي ۾ گڏ رهندا هئا هتي به هنن جي دوستي هلندي رهي خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه تي ناراض ٿيا: وارث

قاضي احمد (رپورٽ غلام مصطفيٰ چانديو) قاضي احمد لڳ پير شاهه موري تي فائرنگ مبينا ٻه نوجوان قتل ٿي ويا وڃي ته جوابدار غلام حسين لاشاري پنهنجي يار عظيم آرائين کي پسٽل جا بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو5

قاضي احمد: قاتل ۽ مقتول جو گڏ ورتل فوٽو

ملاڪاتيار لڳ پوليس موبائل هاءِ روف ڪيري ۾ ٽڪر، 6 ڄڻا زخمي

جهرڪ پل روڊ جي اچ ڊيوٽ پوليس موبائل ۽ هاءِ روف ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب ٻن اهلڪارن سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ملاڪاتيار(ن ع) ملاڪاتيار جهرڪ پل روڊ جي اچ ڊيوٽ وٽ ملاڪاتيار پوليس موبائل ۽ هاءِ روف ڪيري ۾ ٽڪر ٿي پيو ٻن اهلڪارن سميت 6 ڄڻا زخمي ٽنڊومحمدخان اسپتال منتقل هاءِ روف ڪيري ۾ سوار مسافرن جو تعلق ٽنڊومحمدخان جي ڀهراڻي برادري سان ٻڌايو پيو وڃي، جن ۾ عورتون پڻ شامل آهن

ڪراچي: تحريڪ نوجوان پاڪستان پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنگرپارڪر جي ڳوٺ تڳوسر واسي ڊرائيور ڪينسر وگهي فوت

اسلام ڪوٽ(ن ع)ٽنگرپارڪر جي ڳوٺ تڳوسر واسي نوجوان ڊرائيور ڪينسر سگهي فوت(آهي سلسلي ۾ مليل رپورٽن موجب ته ٽنگرپارڪر جي ڳوٺ تڳوسر جو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو5

ٺاڻي بولاخان ويجهو موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب ڳوٺاڻو زخمي، اسپتال داخل

ٺاڻي بولاخان(ن ع) ٺاڻي بولاخان شهر مان گذرندڙ جابلو برساتي نئين بروني ۾ موٽر سائيڪل تي سوار خاصخيلي محلي جو رهواسي رٽائرڊ پيرسن پرائمري استاد موٽيو عرف عبدالعزيز خاصخيلي پل جي مرمت بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

جامشورو ۾ ڳوٺاڻن جو ٻاڻن جي زيادتين ۽ ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ميرخان ڪوسو، آچر، مسمات پنهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٻاڻن زمين ۽ پاڻي جي کوهه تي قبضو ڪيو آهي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن

جامشورو(ڊ ر) ٿرمل پاورهائوس پرسان سروي زمين گهرن تي قبضو ڪرڻ ڳوٺاڻن تي مبينا حملو ڪري سونا زيور زمين جا ڪاغذ ڦر پاڻي جي کوهه تي قبضو ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج جامشورو ٿرمل پاورهائوس پٺيان جابلو علائقي ۾ ديهه موڙهو جبل ۾ ڳوٺاڻن ميرخان ڪوسو آچر ڪوسو جي گهرن ۽ سروي زرعي زمين پاڻي جي کوهه تي مبينا ٻاڻن وڏيرن پاران قبضو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو5

مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي ڌرڻو

وارثن افسانو سنڌو آرزو لغاري سوهڻا سنڌو راشد سڏيا قمبران لغاري وفا لغاري ۽ ٻين 29 ڏينهن به احتجاج جاري رکيو

سنڌ حڪومت جي چوڻ تي پوليس 60 ماڻهن تي چار چار دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن: مظاهرين

ڳوٺ لغاري بجراڻي جي ماڻهن سان 11 مهينن کان ظلم جبر بربريت ڏاڍ ۽ ظلم جاري آهي، نوٽيس ورتو وڃي

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ وارثن ٻارڙن نياڻين شاگردن شاگرديائين امڙين وڏين پيرسن والدين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو5

مورو: جسقم پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

جامشورو پوليس پاران فهميده لغاري قتل خلاف احتجاج ڪندڙن تي ڪيس داخل

اي ايس آءِ علي بخش چانڊيو جي فرياد تي علي نواز شنباڻي ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ شاگردن مٿان دهشتگردي، ارادي قتل،ديوٽي اٽڪاءِ،روڊ بلاڪ جا ڪلمر شامل ڪيا ويا

جامشورو (ڊ ر) شاگرديائي فهميده لغاري ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو هڻندڙ سنڌ ۾ يونيورسٽي جي قوم پرست جساف شاگرد ونگ جي ڪڏيل احتجاج ڪندڙ شاگردن مٿان جامشورو جي سرڪار ڏمرجي پئي ۽ انهن شاگردن مٿان جامشورو جي بي سيڪشن پوليس شاگردن مٿان دهشتگردي، ارادي قتل،ديوٽي اٽڪاءِ،روڊ بلاڪ جا ڪلمر شامل ڪري بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو5

وڳڻ ويجهو ڪار ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر سبب پنج ڄڻا سخت زخمي، اسپتال داخل

انڊس هاءِ وي تي حادثي ۾ زخمي عبدالغني، سميع الله مينگل ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

وڳڻ (ن ع) وڳڻ جي مين انڊس هاءِ وي تي هڪ دردناڪ ٽريفڪ حادثو پيش آيو جتي تيز رفتار ڪار ۽ ٽرڪ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا، حادثي کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ ماڻهن جي وڏي انگ واقعي واري هنڌ تي گڏ ٿي ويا مقامي ماڻهن ۽ راهگيرن فوري طور تي امدادي ڪارروائي ڪندي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو5

ٺاڻي بولاخان: پل جي تعمير سبب رستو بند ٿيڻ سبب عورتون ديوار هيٺيان گذري رهيون آهن

خيرپور ۾ نارا تعلقي واسين جو ٻاڻن پاران سرڪاري وڻن جي واڍي خلاف احتجاج، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي تعلقي نارا جي ڳوٺ تجل شريف ۾ ٻاڻن سرڪاري ملازم پاران بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو5

خيرپو ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب رهواسي سخت پريشان، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور شهر جي مختلف علائقن بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو5

سڪرنڊ بچايو تحريڪ پاران بدامني ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين ايوب ڪوسو ، فيض ڪيريو ، عبدالرشيد پرهياڙ ، محمد بچل ڏهيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪروڙين رپين جي بجيٽ باوجود شهر ڊوڙيو جو ڍير بڻجي ويو آهي ڪا گهٽي ڪو رستو صاف ناهي: مظاهرين

ٻورا فورس جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي گهرن ۽ دڪانن مان چوريون روز جو معمول آهي، نوٽيس ورتو وڃي

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) سڪرنڊ بچايو تحريڪ پاران شهر ۾ بد امني ، صفائي جي ناقص انتظام ، اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ ۽ ٻورا فورس پاران شهرين جو جيئڻ جنجال ڪرڻ خلاف بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو5

راڌڻ ويجهو ادبي ڪچهري، استاد عبدالستار ابڙو جي ڪتاب جي تقريب منعقد

هاءِ اسڪول سوڀو خان مگسي ۾ منعقد تقريب ۾ اديبن ۽ شاعرن جي شرڪت

مقررين ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت تي روشني وڌي ۽ نظم پيش ڪيا

راڌڻ (ن ع) راڌڻ کان چار ڪلوميٽر پري سوڀو خان مگسي ۾ ادبي ڪچهري خبر موجب ناميارو ليکڪ شاعي سماجي ورڪر ۽ تعليمدان استاد عبدالستار ابڙو جو لکيل ڪتاب، جنهن ۾ سوڀو خان مگسي جي تاريخ تي مشتمل آهي، جنهن ۾ زندگي جا لمحات جي عنوان سان هاءِ اسڪول سوڀو خان مگسي ۾ تقريب ٿي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان اديبن ۽ شاعرن بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو5

لاهور: هڪ پورهيت نوجوان ريڙهي تي شربت وڪرو ڪري رهيو آهي

آمري پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جامشورو (ڊ ر) جامشورو آمري پوليس پاران ڳجهي اطلاع تي هڪ مزدا ٽرڪ تي ڇاپو هڻي مزدا ٽرڪ جي مٽي ڳجهي خاني ڪئبين ۾ ويلڊنگ ڪري وڏي تعداد ۾ لڪايل منشيات کي هٿ ڪري ورتو آهي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: آبادگار اتحاد جو صدر زبير ٽالپر پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار صدر آصف علي زرداري جو نجي دوري تي بختاور هائوس پهتو، اڳواڻن سان ملاقاتون

هر ڳوٺ دريا خان مري پهچي رئيس غلام قادر مري جي لاڏاڻي تي وارثن سان تعزيت ڪئي

بختاور پٽو هائوس ۾ علي حسن زرداري، امداد پتافي، دريا خان مري، ڪانپر خان مري سان ملاقاتون

پنهنجي زرعي زمين جو دورو پڻ ڪيو، نجي دوري بعد واپس ڪراچي روانو، سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار صدر پاڪستان آصف علي زرداري نجي دوري دوران بختاور هائوس ۾ مصروف ڏينهن گذاريو ان حوالي سان مليل جاڻ موجب صدر پاڪستان سان بختاور پٽو هائوس ۾ صوبائي وزير علي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو5

گلشن حديد ۾ پاڻي جي بندش خلاف جماعت اسلامي جو نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو

احتجاجي ڌرڻي ۾ وڏي انگ ۾ علائقي جا رهواسي، بزرگ ۽ نوجوان شريڪ ٿيا

پاڻي فراهمي بند آهي جنهن سبب گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي آهي: اڳواڻ

ٺٽيئر(ڊ ر)گلشن حديد ۾ گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان پاڻي جي بندش خلاف جماعت اسلامي پاران نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ڌرڻي سبب سوين گاڏيون ڦاسجي ويون احتجاجي ڌرڻي ۾ وڏي انگ ۾ علائقي جا رهواسي، بزرگ ۽ نوجوان شريڪ ٿيا. مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا جن تي پاڻي جي فوري فراهمي ۽ واٽر بورڊ خلاف نعرا درج هئا. ان بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو5

پاڪستان پيپلز پارٽي پاران سيد غلام مرتضيٰ شاهه کي ڪنڊيارو تعلقي جو صدر مقرر ڪيو ويو

ڪنڊيارو (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ پاران ڪنڊيارو تعلقي ۽ سٽي ڪنڊيارو جي عهديدارن جو اعلان پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه ڪنڊيارو لاءِ سيد غلام مرتضيٰ شاهه کي صدر مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته محبوب علي ابڙو کي سينيئر نائب صدر نائب بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو5

ڊيره اسماعيل خان ۾ هاچيڪار حلوو کائڻ سبب 3 ڄڻا فوت

ڊيره اسماعيل خان(م ع) ڊيره اسماعيل خان ۾ صحت لاءِ هاچيڪار حلوو کائڻ سبب 3 ڄڻا فوت ٿي ويا پوليس موجب اهو واقعو ڊيره اسماعيل خان جي تعلقي دراٻنده ۾ پيش آيو جتي صحت لاءِ هاچيڪار حلوو کائڻ سبب 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب متاثر خاندان جابلو علائقي ۾ مزدوري ڪندڙ هو جتي انهن جهنگ ۾ رکيل حلوو کاڌو ته سندن حالت خراب ٿي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو5

سکر ۾ ميراڻي محلا واسين جو ترقياتي ڪم اڌ ۾ ڇڏيندڙ ٺيڪيدار خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) ميراڻي محلو ڊوليمينٽ ڪميٽي پاران ٺيڪيدار نسيم شاهه پاران ترقياتي ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ ۽ ڪم بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم لڳ رئيس حاجي غلام قادر مري جو چاليهو، حبيب خان مري کي پڳ ٻڌرائي وئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ حبيب خان مري ۾ مسلم ليگ فنڪشنل جي اڳواڻ رئيس حبيب خان مري جي والد بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو5

راڻيپور: جسقم پاران ٻاڻن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪابه پارٽي تنظيم سازي ڪانسواءِ اڻ پوري هوندي آهي: گل محمد رند

سڪرنڊ (س ر) اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري همدرد آرگنائيزيشن جي باني چيئرمين گل محمد رند چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي قيادت پاران تعلقه سڪرنڊ لاءِ حاجي الهه بخش لاڪو ۽ سٽي سڪرنڊ لاءِ سيد عذير اختر شاهه کي صدارت ڏيڻ وارو فيصلو وقتائتو آهي ڪابه پارٽي تنظيم سازي ڪانسواءِ اڻ پوري هوندي آهي هو همدرد بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو5

ڏڙو: سنڌي هاري تحريڪ پاران ڪرايل هاري ڪانفرنس ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي ، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.